مسعود کدرپوش جي جڳ مشهور سنڌ هاري رپورٽ

# جيئن ڏاند نه ٻيج

## سنڌ جي هاريءَ جي ڪهاڻي



پروفيسر اعجاز قريشي

مهراڻ ادبي بورڊ لاهور

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مسعود کدر پوش جي جڳ مشهور هاري رپورٽ

# جنين ڏاندَ نہ ٻجُ

## سنڌ جي هاريءَ جي ڪهاڻي

پروفيسر اعجاز قريشي

لهران ادبي بورڊ
LEHRAN ADBI BOARD

# لهران ادبي بورڊ

7157- سوڊيوال ڪالوني، ملتان روڊ لاهور- 54500
فون: 7417281، 7461494، 7461486-42-092

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ارپيان ٿو

سنڌ جي پيڙهيل طبقي ۽ هارين لاءِ دل ۾ درد
رکندڙ، هڏ ڏوکي ۽ پاڻ ارپيندڙ ڪردارن

**ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي،**

**قاضي فيض محمد،**

**غلام محمد لغاري ۽**

**مائي بختاور**

کي جن لٽيو، لُڏيو، لُڙن ٻرن ۽ جهڪن
جهڙن ۾ سنڌ جي هارين نارين، ڪڙمين ۽
ڪيت مزدورن لاءِ جاکوڙيو ۽ پاڻ پتوڙيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# سڃاڻ

اداري پاران - سيد اختر حسين ' اختر '

هڪ اکر مهربانيءَ طور - ڊاڪٽر ملڪ رياض احمد خان

مسعود کدرپوش ٽرسٽ پاران - شيرين مسعود ۽ ڊاڪٽر فوزيہ جاويد

پنهنجي پاران - پروفيسر اعجاز قريشي

مهاڳ - روچي رام (ائڊووڪيٽ)

هڪ اکر - ايم مسعود کدرپوش

ٽورا

جنين ڏاند نہ ٻچ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## اداري پاران

لھران ادبي بورڊ پاران ھيءُ ستون ڪتاب سنڌي زبان ۾ ڇپجي رھيو آھي. ان کان اڳ لھران ادبي بورڊ پاران چار ڪتاب پنجابي زبان ۾ شايع ٿي چڪا آھن. ھڪ ڪتاب انگريزي ۾ ۽ ھڪ ڪتاب اردو ۾ شايع ٿي چڪو آھي. جيتوڻيڪ ايم مسعود کدرپوش آءِ سي ايس(انڊين سول سروسز) سان لاڳاپيل رھيو. تنھن ھوندي بہ ھن ۾ ڪامورن واريون مڪروہ عادتون نہ ھيون. ڪيس جتي بہ مقرر ڪيو ويندو ھو. اتان جي عوام سان ڪير ڪند ٿي، سندن مسئلن کي چاڻڻ جي ڪوشش ۾ مصروف ٿي ويندو ھو ۽ پوءِ انھن مسئلن کي حل ڪرڻ/ڪرائڻ جي لاءِ ننھن چوٽيءَ جو زور لڳائي ڇڏيندو ھو. اھو ئي سبب آھي، جو ڀيل قوم کيس "مسعود ڀڳوان" جو نالو ڏنو.

سنڌ ۾ پنھنجيءَ نوڪريءَ دؤران ھن ھارين جون بدتر حالتون ڏٺيون تہ انھن جي ڀلائي ۽ بھبود لاءِ ڪيترائي اپاءَ ورتائين. اتي ھاري ڪميٽيءَ جي رپورٽ تي اختلافي نوٽ ھڪ اھڙو ڪارنامو آھي، ان کي نندي ڪند جي زرعي تاريخ ۾ ھڪ نھايت اھم جاءِ مليل آھي. ان اختلافي نوٽ ۾ ھن واضح لفظن ۾ چيو آھي تہ "ڪو بہ اڻ ڏريو ماڻھو جنھن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# جنين ڏاند نہ پيچ

نتيجي تي پهچندو تہ اهو هيئن چوندو تہ زميندار نظام ڪنهن ملڪ جي لاءِ سڀ کان وڏي لعنت آهي."

لهران ادبي بورڊ جي منشور جي اهم نقطن ۾ پاڪستان جي سيني صوبن جي عوام جي وچ ۾ بين الصوبائي يڪجهتي پيدا ڪرڻ بہ شامل آهي. لهران ادبي پاران محمد مسعود ڪدرپوش جي هاري رپورٽ وارو اختلافي نوٽ سنڌيءَ ۾ ڇپائڻ، ان سلسلي جي پهرين ڪڙي آهي. انشاءَ الله اڳتي بلوچي، براهوي، ڪشمير، پشتون زبانن ۾ بہ ڪتاب ڇپائبا. اها ايجنڊا لهران ادبي بورڊ جي پروگرام ۾ شامل آهي. ان ڪانسواءِ ملڪ جي هر هڪ صوبي ۾ بين الصوبائي يڪجهتيءَ جون ڪانفرنسون ڪرائڻ بہ لهران ادبي بورڊ جي ميمبرن جي دلي خواهش آهي.

آءُ ان سلسلي ۾ پنهنجي پياري ياءُ محترم جناب پروفيسر اعجاز احمد قريشيءَ جو دل جي گهراين سان ٿورائتو آهيان ۽ لهران ادبي بورڊ جي سيني ميمبرن پاران آءُ هتي سنڌس مهرباني مڃيان ٿو. سنڌس ڪوشش ۽ محنتن سان هيءُ ڪتاب سنڌي زبان ۾ ڇپجي سگهيو آهي. خدا تعاليٰ ڪيس هن خير جي ڪم جو اجورو ڏئي. (آمين)

3 - مئي 2002ع

**ڊاڪٽر سيد اختر حسين اختر**

**جنرل سيڪريٽري لهران ادبي بورڊ لاهور**



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ٻہ اکر مهرباني ءَ طور

مون پنهنجي ملازمت جي شروعات ملڪ جي اترين علائقن کان ڪئي ۽ ان کان پوءِ مون کي پنجاب، سرحد ۽ سنڌ ۾ هڪ اڌ پيرو خدمتون ڏيڻ جو موقعو مليو. آزاد ڪشمير ۽ بلوچستان ۾ بہ مون کي UNDP پاران ماڻهن جي بهتريءَ لاءِ شروع ڪيل رٿائن جي اثرن جي جائزي وٺڻ جو ڪجهہ مهينن لاءِ موقعو مليو. منهنجي ملازمت جو گهڻو وقت، غريب ۽ وچئين طبقي جي بهتريءَ لاءِ شروع ڪيل رٿائن تي عمل ڪرائڻ ۾ گذريو آهي.

مون ان دؤران شدت سان محسوس ڪيو تہ غريب ۽ وچولو طبقو هر جاءِ تي پنهنجن ڪرتن ڌرتن جي هٿان ڦرجندو پئي آيو آهي، انهن جي معاشي ۽ معاشرتي تڪليفن جي ذميواري بہ گهڻي ڀاڱي انهن ئي مقامي عنصرن مٿان اچي ٿي. مراعات يافتہ طبقي جو سلوڪ پنهنجي هٿ هيٺ ڪم ڪندڙ ماڻهن سان جتي ڪٿي هڪ جهڙو آهي ۽ انهن جا قاعدا ۽ قانون، ضابطا ۽ رويا بہ گهڻي قدر هڪ جهڙا هوندا آهن. اهي طبقا پنهنجي مقامي ڦرلٽ جي نظام تان ڌيان هٽائڻ جي لاءِ لساني، علائقائي ۽ مذهبي مسئلا اٿاري، هينين طبقن جي وچ ۾، بغض ۽ نفرت جو ٻج ڇٽيندا رهندا آهن ۽ پنهنجن گڏيل مفادن - حڪومت، سياست ۽ معيشت



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

- کي برقرار رکڻ لاءِ وڏا مضبوط رشتا پيدا ڪندا رهندا آهن ۽ هاڻ تہ انهن پاڻ ۾ رشتيداريون بہ ڪري ورتيون آهن. اهي ماڻهو اڄ ڏينهن تائين، عام ۽ غريب ماڻهن سان نفرت جو پرچار ڪري، پنهنجا مخصوص مفاد حاصل ڪندا پئي آيا آهن ۽ پنهنجي بالادستي قائم رکندا پئي آيا آهن.

ملڪ جي اترين علائقن ۾ ايتري تہ لساني، سماجي ۽ نسلي هڪجهڙائي آهي، جنهن کي اياري، اسين گڏيل بنياد ڳولهي سگهون ٿا ۽ ان کي هٿي ڏيڻ جي لاءِ پنهنجن صوفي شاعرن - جن جو پيغام بيوس، مجبور ۽ مهقور انسانيت کي برابريءَ جي سطح تي زنده رکڻ جو شعور مهيا ڪري ٿو - جي فيض عام ڪرڻ لاءِ انهن جو بين علائقائي ۽ صوبائي زبانن ۾ ترجمو ڪري، ملڪي ۽ قومي ٻڌيءَ کي پائي ڏيڻ لاءِ هڪ مثبت ۽ پائدار قدم کڻي سگهون ٿا.

انهن ئي احساسن ۽ خيالن کي اڳيان رکي مون جڏهن، سنڌ ۾ پنهنجي ملازمت جي پهرين ڏهاڙن وقت، پنهنجي پياري دوست محترم اعجاز قريشي صاحب سان ان موضوع تي ڳالهہ ٻولهہ ڪئي تہ چاڻ مليم، تہ نہ فقط هُو پر سنڌ ۾ ٻيا بہ گهڻا ماڻهو اهڙو درد رکن ٿا ۽ محسوس ڪن ٿا تہ اسان کي اخلاقي مسئلن ڪان هٽي، سنڌ جي متبرڪ ۽ محترم شخصيتن تي ڪم ڪرڻ گهرجي، جن جي ذريعي قومي هم آهنگيءَ ۽ هڪ ٻئي جي احترام سان گڏ ڀائيچاري جي جذبي کي بہ زور وٺائجي.

ان سوچ کي عملي صورت ڏيڻ جي لاءِ مون لهران ادبي بورڊ لاهور جي انتظاميہ سان - مون کي ان جي چيئرمين هئڻ جو اعزاز بہ حاصل آهي - ان مسئلي تي ڳالهہ ڪئي تہ سموري انتظاميہ نہ فقط هاڪار ڪئي، پر اهو بہ ذمو کنيو تہ لهران ادبي بورڊ پنجابي زبان جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# جنين ڏاند نہ پيچ

محسن جناب مسعود کدرپوش جي هاري رپورٽ جي سنڌي ترجمي کي نہ فقط ڪتابي صورت ۾ آڻيندو، پر ان سان گڏوگڏ سيئي خرچ بہ پاڻ سهندو ۽ ان ڪان وڌيڪ اهو بہ تہ سنڌ جي تهذيب جي حوالي ڪان هڪ گڏيل صوبائي مذاڪري جو بہ انتظام ڪيو ويندو، جنهن ۾ پوري پاڪستان جي اديبن کي دعوت ڏني ويندي ۽ ڪتاب جي پذرائي بہ ان تقريب ۾ ڪئي ويندي.

جيئن تہ رپورٽ کي سنڌيءَ ۾ ترجمي ڪرائڻ جي ذميواري منهنجي مٿان هئي، تنهن ڪري، هميشہ وانگيان اعجاز قريشي صاحب - جيڪو ان ڪم ۾ مڪمل مهارت ۽ شهرت رکي ٿو - کي اهڙو جوکم ڪٽڻ جي گذارش ڪئي ويئي، جيڪا پاڻ، بي پناهہ ڪم ڪارين هوندي بہ قبول ڪري ورتائين. اهو سندس ڪمال مهرباني ۽ محبت جو نتيجو آهي، جو مسعود کدرپوش (مرحوم) جي هاري رپورٽ - جنهن ۾ سنڌ جي مظلوم طبقي جي نمائندگيءَ جو حق، هڪ پنجابي سپوت وڏيءَ بيباڪيءَ ۽ دليريءَ سان ادا ڪيو آهي - اڄ اوهان جي هٿن ۾ موجود آهي ۽ مون کي اميد آهي تہ هيءَ پهرين ڪاوش اسان جي اڳين گڏيل منزل تائين رهنمائي ڪندي ۽ انشاءَ الله اسين پنهنجن نيڪ مقصدن ۾ ڪامياب ۽ ڪامران ٿينداسين. (آمين)

**ڊاڪٽر ملڪ رياض احمد خان**
چيئرمين لهران ادبي بورڊ لاهور
15 - مئي، 2002ع



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# مسعود کدرپوش ٽرسٽ پاران

اسان جا والد محترم مسعود کدرپوش پاڪستان جي هڪ نامور شخصيت هئا. پاڻ بالجتيءَ کي وٺي مرڻ دم تائين غريبن ۽ مظلومن کي انهن جا حق ڏيارڻ جي ڪوشش ڪيائون. ان ڳالهہ جو ثبوت 1946ع ۾ سنڌ ۾ نوڪريءَ دوران سنڌي هارين جي لاءِ سندن ڪيل ڪوششون آهن. پاڻ 1948ع ۾ مشهور هاري رپورٽ تي پنهنجو اختلافي نوٽ لکي هارين سان پنهنجي سچي محبت جو حق ادا ڪيائون. اهو اختلافي نوٽ ڪلهہ بہ هڪ حقيقت هو تہ اڄ بہ هڪ سچ آهي.

اسين پروفيسر اعجاز احمد قريشي صاحب جا دل جي گهراين سان ٿورائتا آهيون، جن ان انگريزي نوٽ جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو ۽ جناب ڊاڪٽر ملڪ رياض احمد خان اعوان (چيئرمين) ۽ ڊاڪٽر سيد اختر حسين اختر (سيڪريٽري جنرل) لهران ادبي بورڊ لاهور جا ٿورائتا آهيون جن جي ذاتي ڪوشش ۽ دلچسپيءَ سبب اهو نوٽ هارين کي پنهنجي ئي زبان ۾ ڇپجي ملي رهيو آهي ۽ ضرور اهو هڪ عرصي کان هارين جي ڊبيل آواز کي بيهر زنده ڪري ڇڏيندو.

اسان جي دعا آهي تہ رب پاڪ جہ انهن سيني کي - جن هن نيڪ ڪم ۾ پلي مقصد ۾ حصو ورتو آهي - ويرون وير وڌ ترقي ڏئي. ڪاش اهو وقت جلد اچي وجي جڏهن سنڌي هاري هن نوٽ هيٺ پنهنجن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# جنين ڏاند نہ پڄ

حقن کي حاصل ڪرڻ جا قابل ٿي سگهن. تہ پاڪستان حڪومت بہ ان ڳالهہ کي سمجهي وڃي. تہ جيستائين جاگيردار نظام جو خاتمو نہ ٿو آندو وڃي. ان وقت تائين ملڪ جي ترقي اڻ ٿيڻي آهي. پوءِ ڪيترين بہ ٻاهرين ملڪن کان امدادون حاصل ڪيون وڃن. فقط زرعي سڌارا ئي پاڪستان جي لاءِ فائديمند ٿي سگهن ٿا. جيئن ڀارت ۽ بنگلاديش پاڻ وٽ زرعي سڌارا آڻي زراعت جي شعبي ۾ پاڻ ڀرائي حاصل ڪري ورتي آهي.

13 - مئي 2002ع

*شيرين مسعود (چيئرپرسن)*
*ڊاڪٽر فوزيہ جاويد (ٽرسٽي)*
*مسعود کدرپوش ٽرسٽ،*
*6 - ديال سنگهہ مينشن، دي مال، لاهور*



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# پنهنجي پاران

پاڪستان جي باني قائد اعظم محمد علي جناح صاحب سنڌ جي هارين جي معاشي، سماجي ۽ اخلاقي حالتن کان باخبر ٿيڻ جي لاءِ "سنڌ هاري انڪوائري ڪميٽي" جو بنياد مارچ 1947ع ۾ وڌو.هارين جي حالتن کي سامهون رکندي ۽ ڪجھ سچاڻ ماڻهن جي چوڻ تي اهو ڪم ٿيو. ان ڪميٽيءَ کان اڳ هندستان جي ٻين صوبن ۽ رياستن، مشرقي ۽ مغربي بنگال ۾ هارين لاءِ ڪافي سڌارا اچي چڪا هئا. پر سنڌ اهڙن سڌارن سان وانجهيل رهي. ڪميٽي ناهڻ جي پويان اهو راز هو تہ مسلم ليگ کي اهو ڊپ ٿيو تہ جيڪڏهن هارين لاءِ سڌارا نتا آڻجن ۽ ردعمل طور هاري اٿي پون ٿا تہ گوڙ وڏي ويندو ۽ کين ووٽن کان محروم ٿيڻو پوندو.

اها ڪميٽي پاڪستان جي ٺهڻ کان ڪجھ مهينا اڳ يعني مارچ 1947ع ۾ جوڙي ويئي هئي، پر ان کان اڳ سنڌ ۾ هارين جي حقن جي لاءِ "سنڌ هاري ڪميٽي" جي پليٽ فارم تان جدوجهد شروع ٿي چڪي هئي، جنهن جا اڳواڻ حيدر بخش جتوئي، قاضي فيض محمد، عبدالقادر، شيخ عبدالمجيد سنڌي ۽ رامجي ڪولهي ۽ ٻيا هئا. جڏهن 1946ع جون چوندون مٿان اچي پهتيون تہ مسلم ليگ سنڌ ۾ ٻن ڌڙن ۾ ورهائجي ويئي. سائين جي ايم سيد پنهنجن سائين سميت الڳ ٿي ويو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۾ ليگ جي سنڌ ۾ پڪڙ ڍري ٿي ويئي. سنڌ هاري ڪميٽيءَ ڪلي، جيتوڻيڪ 1946ع وارين چونڊن ۾ ڪاميابي نہ ملي، تڏهن بہ ان پليٽ فارم تان هارين جي حقن جي جدوجهد جاري رکي ويئي، 1947ع ۾ جڏهن سنڌ هاري ڪميٽيءَ، هارين جي حقن کي سامهون رکندي، اڌ - بٽئي، جي منظوري ڏني تہ ڄڻ ککر ۾ ڪڙو لڳي ويو. ان وقت جيئن تہ سنڌ هاري ڪميٽي سنڌ جي هارين جي اڪيلي نمائنده پارٽي هئي ۽ ان جا اڳواڻ بہ سچا، کرا، بي ڊپا، بهادر، وٺ نہ ڏيندڙ ۽ اڻ ٽر ارادن وارا هئا، پڙهندڙ متان ائين سمجهن تہ ان وقت سنڌ هاري ڪميٽيءَ پاران " اڌ - بٽئي" واري منظوري بلڪل ائين هئي، جيئن اڄ سنڌ ۾ سياسي ڌريون نهراءَ پاس ڪنديون آهن. ان وقت ليڊر سچا هئا تہ عوام بہ انهن کي ڀرپور موٽ ڏني ٿي. جيئن ئي سنڌ هاري ڪميٽي "اڌ - بٽئي" واري منظوري ڏني تہ هارين ۾ بغاوت اٿل ڪاڏي، هڪ سمنڊ اٿلي پيو. زميندار وائڙا ٿي ويا، سندن وايون بتال هيون، ڪين سمجهہ ۾ نہ ٿي آيو تہ آخر ڪهڙي نموني هنن ڇرين/مڇريل ماڻهن کي مانو ڪجي. زميندارن جي وائڙائپ جو اهو عالم هو جو هنن هارين کي ڌبائڻ، هيسائڻ، ڌمڪائڻ ۽ مارڻ شروع ڪيو. ان وقت ڪيترن ئي ماڻهن پنهنجي جان جو نذرانو ڏنو ۽ انهيءَ تحريڪ دوران مائي بختاور، بالاچ خان بروهي ۽ ڪيترائي هاري شهيد ٿي ويا. سنڌ ۾ هارين ۽ زميندارن جي وچ ۾ چڙيل اهڙي جنگاڻ کي منهن ڏيڻ لاءِ، ٻين لفظن ۾، زميندارن جي ٽٽندڙ، پرزا پرزا ٿيندڙ، زور، طاقت ۽ دٻدٻي کي للڪار هيٺ ڏسندي، "سنڌ هاري انڪوائري ڪميٽي" جوڙي ويئي تہ جيئن سنڌ جي هارين کي اهو باور ڪرائجي تہ سرڪار سندن مسئلن ۾ دلچسپي وٺي رهي آهي يا ائين چئجي تہ هارين جي بغاوت کي نظر ۾ رکندي، اها ڪميٽي جوڙي ويئي هئي، جنهن جو اصل مطلب اهو تہ مڇريل، پر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

احتجاج ۽ ڪاوڙيل هارين جو ڏيان مرڪز (زميندار) تان هٽائجي. ان ڪري اها تاريخي درستگي ٺيٺ ڪپي تہ سنڌ هاري انڪوائري ڪميٽي سنڌ جي هارين کي حقن ڏيڻ لاءِ نہ پر زميندارن جي ٽنڊ طاقت ۽ زور کي بچائڻ جي لاءِ ناهي ويئي هئي.

بهرحال، ان ڪميٽيءَ مان فائدو اهو ٿيو تہ محمد مسعود کدرپوش جو "اختلافي نوٽ" سامهون آيو. جنهن کي اسين "هاري رپورٽ" جي نالي سان سڃاڻون ٿا. هونئن تہ مسعود کدرپوش پنجاب جو هو. سڄي زندگي پنجاب جي ٻهراڙين ۾ پهري ويندڙ ڪپڙي "کدر" ۾ گذاريائين. ان ڪري کيس، "کدرپوش" سڏيو ويو. پر تاريخ ۾ ڪي ڪي ماڻهو علائقائي حدن جي دائري کان ماورا هوندا آهن، ٻين لفظن ۾ ايئن چئجي تہ اهي زمان ۽ مڪان جي قيد کان آجا هوندا آهن. مسعود کدرپوش بہ پنهنجي ذات ۾ هڪ انسان دوست ماڻهو هو.1941ع ۾ انڊين سول سروسز جوائن ڪيائين، جتان هو سينٽ جان ڪاليج آڪسفورڊ ڏانهن، وڌيڪ تعليم ۽ سکيا لاءِ موڪليو ويو. اتان موٽندي احمد نگر(پارت) ۾، بمبئي پريزيڊنسيءَ ۾، گورنمينٽ آفيسر بنايو ويو، جتان کيس، ڏتڙيل ۽ پوئتي پيل ڀيل قبيلن ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ موڪليو ويو.اتي، پنهنجن ٻن سالن جي قيام دوران ڀيلن کي هندو زميندارن جي چنبي مان آزاد ڪرائي، انهن جي زبان ۽ ڪلچر ۾ سڌارا آندائين. سندس اهڙين خدمتن عيوض ڀيل راڄ کيس "مسعود ڀڳوان" چوڻ شروع ڪيو هو ۽ ڀيل مٿانئس جان نڇاور ڪرڻ لاءِ تيار هوندا هئا. ان مان اهو ثابت ٿئي ٿو تہ جيڪڏهن ڪو ڪامورو/آفيسر سچو ٿي پوي تہ اهو - ڪنهن بہ ذات پات، رنگ نسل ۽ ڪڙم قبيلي سان واسطو رکندو هجي - "ڀڳوان" بنجي ويندو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# جنين ڏاند نہ ٻج

ان کان پوءِ اچو تہ "سنڌ هاري انڪوائري ڪميٽي" تي هڪ نظر وجهون:

سنڌ حڪومت 3 مارچ 1947ع تي هڪ ٺهراءُ پاس ڪري، هيٺين ماڻهن کي سنڌ هاري انڪوائري ڪميٽيءَ تي ڪنيو:

1. سر راجر ٿامس - زرعي صلاحڪار سنڌ حڪومت (چيئرمين)
2. محمد مسعود - آئي سي ايس ڪليڪٽر نوابشاهہ (ميمبر)
3. نورالدين صديقي- مئنيجر انڪم بورڊ اسٽيٽس سنڌ (ميمبر)
4. آغا شاهي - آءِ سي ايس (سيڪريٽري)

جڏهن تہ ڪجھ عرصي کان پوءِ ڪميٽيءَ ۾ هڪ ميمبر گوپي چند بنواري جو اضافو ڪري، ڪيس سيڪريٽري طور مقرر ڪيو ويو. ان ڪميٽيءَ ۾ مارچ 1947ع کان وٺي جنوري 1948ع جي وچ ۾ پنهنجيون سفارشون ترتيب ڏيندي، اختلاف پيدا ٿي ويا. هڪ پاسي راجر ٿامس، آغا شاهي ۽ گوپي چند بنواري هئا تہ ٻئي پاسي محمد مسعود (کدرپوش) ۽ نورالدين صديقي هئا. ان ڪري فيصلو ٿي - ٻہ جي اڪثريتي راءِ سان ٿيو، جيئن تہ ان ڪميٽيءَ ۾ سرڪار جي اشاري تي ڪم ڪندڙ ڪامورا پرتي ڪيا ويا هئا ۽ اهو ٻہ تہ ان ڪميٽيءَ ۾ شامل اڪثريت ڪي سنڌ جي هارين ناپسند ڪيو پئي، انهن اهڙن اپائن جي تجويز ڏني، جنهن سان سنڌ جي ان وقت جي زرعي نظام ۽ زميندارن جي ٺاٺ ڦوڪ کي ڪو ٻہ لوڏو نہ اچي. جيئن اسين مٿي چئي آيا آهيون تہ اها ڪيمٽي هڪ ڍونگ ۽ ڏيکاءَ ڪانسواءِ ٻيو ڪجھ بہ نہ هئي، هاڻ ان جا پول پڌرا ٿي رهيا هئا. ياد رهي تہ ان انڪوائري ڪميٽيءَ جو چيئرمين راجر ٿامس ٿرپارڪر ضلعي جو هڪ وڏو زميندار هو ۽ وٽس هزارين ايڪڙ زمين هئي. اهو ڪيئن چاهي ها تہ هارين کي حق ڏنا وڃن. سرڪار ڪان ڪميٽي جوڙڻ وقت شايد اها غلطي ٿي ويئي هئي جو هنن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مسعود کدرپوش ۽ نورالدين صديقيءَ جهڙا سچا، هاري دوست ۽ اصول پرست ڪامورا ان ڪميٽيءَ تي ڪنيا هئا جنهن سبب نتيجا سندس خواهش پٽاندر نہ اچي سگهيا.

ان ڪميٽيءَ جي ميمبرن جا پنهنجي پاڻ ۾ اختلاف جڏهن تمام گهڻا وڌي ويا تہ معاملو وڃي سنڌ جي گورنر وٽ پهتو. اتي تہ اڳيئي ڪُني چڙهي پئي هئي، انگريز گورنر فيصلو راجر ٿامس جي حمايت ۾ ڏنو ۽ وڏيڪ جاچ پڙتال کي روڪڻ جو حڪم ڏنو.

ان ڪميٽيءَ جي پيش ڪيل رپورٽ 298 صفحن تي مشتمل هئي جڏهن تہ محمد مسعود جو اختلافي نوٽ ان ۾ شامل نہ هو. ان کي قبوليت نہ ڏني ويئي ڇاڪاڻ تہ مسعود کدرپوش جو اهو اختلافي نوٽ هڪ ڪڙو سچ هو، جنهن کي ڳِهڻ ۽ هضم ڪرڻ جي لاءِ ان وقت جي سرڪاري کي گهڻا هٿ پير هڻڻا پون ها. تنهن ڪري، مسعود کدرپوش جي ان اختلافي نوٽ تي ان وقت جي وڏي وزير مسٽر ايوب خان کهڙي پابندي وجهي ڇڏي. جيئن تہ محمد ايوب خان کهڙو پاڻ هڪ وڏو زميندار هو، اهو سندس مفادن جي ابتڙ هو تہ سنڌ ۾ هارين سان ٿيندڙ ظلمن جو ڪارو چٽو منظر عام تي اچي ۽ زميندارن جا سڀ وڪا پڌرا ٿين. مسعود کدرپوش جو اهو اختلافي نوٽ هڪ چير مشين جيان هو جنهن هيٺ اچي زميندارىءَ جي مضبوط ڪاٺي پنهنجيءَ اڳوڻيءَ صورت ۾ نہ رهي ها. انهيءَ اختلافي نوٽ ۾ اهي سڀ ثبوت هئا جن مان اهو ظاهر ٿيو پي تہ سنڌ ۾ هارين سان زميندارن ڪهڙا ويل وهايا آهن ۽ ڪهڙيون ويڌنون اجا تائين روا رکيو پيا اچن. جڏهن سنڌ سرڪار انهيءَ اختلافي نوٽ کي منظور ڪري ڇاپڻ کان نابري واري تہ هڪ ڀيرو ٻيهر سنڌ هاري ڪميٽيءَ ان خلاف آواز اٿاريو ۽ حالتون سرڪار جي هٿن مان نڪري ويون. هر پاسي احتجاجي ۽ اپ ڏاريندڙ نعرا گونجي اٿيا، ماڻهو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

روڊن تي نڪري آيا ۽ هڪ وڏو راماڻو مچي ويو. اهڙي وقت ۾ جڏهن سرڪاري ۽ زميندارن جو وايون ولهڙيون هيون، ڪين ڪو بہ ڏڳ هٿ نتي آيو تہ هنن پنهنجي پراڻي ۽ روايتي حربي يعني مذهب کي وچ ۾ آڻي ڇڏيو ۽ مولانا عبدالحامد بدايوني جي اڳواڻيءَ ۾ 16 نام نهاد علمائن کي هشي ڏيئي اڳتي آندو ويو. مسعود کدرپوش جي رپورٽ کي انهن گمراهہ ڪندڙ، غير اسلامي ۽ ڪميونسٽ رجحانن وارو دستاويز قرار ڏنو ۽ ان وقت جي سرڪار کان اهو مطالبو ڪيو ويو تہ اهڙي اختلافي نوٽ کي ضبط ڪيو وڃي تہ متان اهو منظر عام تي اچي ڪو وڏو ممڻ نہ مچائي ڇڏي. تنهن هوندي بہ سنڌ هاري ڪميٽيءَ جي جدوجهد ۽ ان اختلافي نوٽ جي اهميت، مقبوليت ۽ زور وڌندو رهيو تہ سنڌ سرڪار وٽ هاڻ ٻيو ڪو بہ رستو نہ بچيو، ان ڪري ان اختلافي نوٽ کي ڪٽي سٽي ڇپائي پڌرو ڪيو ويو.

نوٽ جي ڇپائيءَ کان پوءِ حڪومت کي 1950ع وارا زرعي سڌارا نافذ ڪرڻا پيا. پر ليگ جي حڪومت زرعي سڌارن جي نهراءَ جي سلسلي ۾ بلڪل مخلص نہ هئي. ان تي جاگيردارن جي جماعت هئڻ جو الزام هو، ان جي ليڊرن ۽ حڪمرانن جا فيصلا ۽ رويا خود ان الزام جو جيئرو جاڳندو ثبوت ڏيئي رهيا هئا.

ايوب خان جي دور ۾ ڪيترائي سرڪاري آفيسر بہ زميندار ٿي چڪا هئا. ان ڪري 71 جي چونڊن ۾ بنگال وٽ 56 سيڪڙو سيٽن هئڻ باوجود ڪو بہ سمجهوتو ڪرڻ جي لاءِ تيار نہ ٿيا ۽ اهڙيءَ طرح ان ڏکهي الميي جي پڄاڻي اولهہ بنگال جي علحدگيءَ تي ٿي، ملڪي ڍانچي ۾ جيڪي تضاد اوير ۽ اولهہ صوبن ۾ زمين جي ملڪيت جي صورت ۾ فرق سبب پيدا ٿيا هئا، اهي علحدگيءَ جو سبب بڻيا. جيئن تہ اولهہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

صوبي جي جاگيردارن ۽ نوابن سياسي اقتدار نہ پئي ڏيڻ چاهيو. ان سلسلي ۾ فوجي آمريت انهن جي لاءِ نعمت ثابت ٿي.

تنهن کان پوءِ مختلف وقتن تي مختلف حڪومتن پاران زرعي سڌارن جا اعلان ٿيندا رهيا آهن. 1971ع ۾ جڏهن آمريت جو زور ٽٽو ۽ محترم ذوالفقار علي ڀٽو مسند نشين ٿيو تہ ملڪ ۾ زرعي سڌارن جو اعلان ٿيو. اڌ بٽئي وارو قانون پاس ڪيو ويو. زميندارن جو زمينن تان ڪنهن قدر قبضو ڇڏايو ويو. پهريون ڀيرو ملڪ ٺهڻ کان پوءِ هارين کجهہ نہ کجهہ سک جو ساهہ کنيو.

ذوالفقار علي ڀٽي کان پوءِ اينڊڙ ايشيا جي ماڊل ڊڪٽيٽر ضياءالحق تہ هارين ۽ زميندارن جي وچ تي پيدا ٿيل ڇڪتاڻ ۽ زرعي سڌارن جي حوالي کان سڀ ليڪا لتاڙي ڇڏيا. ان وقت هارين جي حقن جو نالو وٺڻ بہ ڇڻ ڪفر بڪڻ جي برابر هو. ضياءالحق کان پوءِ مختلف جمهوري حڪومتون آيون ويون پر سنڌ جي هارين جي بدتر حالتن ۽ استحصال ۾ هڪ تر جيترو بہ تفاوت نہ آيو. اجا بہ ڏينهون ڏينهن حالتون خراب کان خراب ترين ٿينديون ويون.

اڄ سنڌ جي هارين جو اهو الميو آهي تہ انهن جي اڳواٽي ڪرڻ وارو ڪو بہ ناهي، ان جي حقن جي لاءِ آواز ڪٿان بہ نہ پيو گونجي. نہ ئي انهن جي بگڙجندڙ حالتن کي قابو ڪرڻ جون ڪوششون ٿي رهيون آهن. ٻين لفظن ۾ ايئن چئجي تہ هارين جي حقن جي حاصلات لاءِ ڪنهن بہ هنڌ کان ڪو بہ طاقتور ۽ سگهارو آواز نہ پيو اڀري. ان جو هڪ سبب شايد اهو بہ هجي تہ سنڌ هاري ڪميٽيءَ ۾ اڳيون زور نہ رهيو آهي. اسان جي سيني قسمن جي تحريڪن جو اهو الميو آهي تہ انهن ۾ نعم البدل/متبادل جو ڪو بہ تصور ناهي، جيئن حيدر بخش جتوئي ۽ ڪامريڊ غلام محمد لغاري ويا تہ پويان سنڌ هاري ڪميٽي بہ ويهجي ويئي، ان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۾ اڳيون جوش ۽ خروش نہ رهيو. نہ ئي هاري ان کي پنهنجي نمائنده جماعت تسليم ڪرڻ جي لاءِ تيار آهن. ان ڪانسواءِ ٻيو مثال اهو آهي تہ اسان جي قومي سياست مان جي ايم سيد ويو تہ سندس پارٽي ڪيترن ئي حصن ۾ ورهائجي ويئي. ان ڪري جيستائين سنڌ جي سياسي، قومپرست پارٽين ۽ سنڌ جي حقن لاءِ جدوجهد ڪندڙ ڌرين ۾ سيڪنڊ ليڊر شپ جو تصور نٿو جڙي، تيستائين تنظيمون، پارٽيون ۽ ٻيا پليٽ فارم گهڻي وقت تائين جٽاءُ نہ ڪري سگهندا.

جيتوڻيڪ حالتون هارين جي حق ۾ بلڪل ناهن، تڏهن بہ انسان ذات ۾ متحرڪ تبديلي ۽ تغير واري سدا حيات جذبي کي نظر ۾ رکندي اهو چئي سگهجي ٿو تہ سنڌ جو هاري هڪ ڏينهن پنهنجي حقن جي خاصلات لاءِ ضرور اٿندو ۽ هر صورت ۾ پنهنجا جائز حق ماڻيندو. جيئن سنڌ جي مهان شاعر شيخ اياز سوچيو هو تہ:

*سچو ڏيهہ ڏاتا، ايا جي ڪري*
*لکين عيد جا چند ايري پون.*

مسعود کدرپوش جي هن اختلافي نوٽ ڪانسواءِ سائين جي ايم سيد جو بہ هارين جي زندگيءَ تي هڪ مفصل اختلافي نوٽ موجود آهي، جيڪو وقت اچڻ تي ضرور ترجمو ڪيو ويندو ۽ اهو بہ واضح ڪندو هلجي تہ هتي تہ فقط مسعود کدرپوش جو اختلافي نوٽ اوهان جي سامهون پيش ڪيو پيو وڃي، پر اڳتي هلي هاري ڪميٽيءَ جي ميمبرن پاران پيش ڪيل سموري رپورٽ بہ ترجمو ڪري اوهان جي سامهون آڻڻ جو ارادو بہ آهي.

هاڻ اچو تہ سنڌ ۾ هن وقت هارين جي هاڻوڪين حالتن تي نظر وجهون تہ سنڌ جو هاري ڪهڙي قسم جي زندگي جيئي ٿو، ان جو اندازو سڄي سنڌ ۽ خاص طور حيدرآباد ۽ ان جي آس پاس نظر ڊوڙائڻ سان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پئجي ويندو. جتي هر هنڌ تي. بي زمين ۽ بي گهر هارين جون وسنديون نظر اينديون. اهي هاري زميندارن جي ظلم، جبر ۽ ڦهر جو زور نہ سهندي. رات جي پيٽ ۾ پنهنجو سڄو الهہ تلهہ ڇڏي. فقط پنهنجو ۽ پنهنجن ٻارڙن جو سر بچائي ڀڄي نڪتا آهن ۽ هينئر اهي آزاد پورهيو ڪري پنهنجو ۽ پنهنجي گهر جو گذرسفر ڪري رهيا آهن. گذريل هڪ سال جي عرصي کان آءُ انهن وسندين ۾ عتاب ڀري زندگي گذاريندڙ هارين کي ويجهڙائيءَ کان ڏسي رهيو آهيان ۽ حيدرآباد ۾ موجود بابا صلاح الدين، سڪندر آباد، هوسڙي، قادر نگر ۽ ڪولهي ڪالوني وٽ قائم وسندين ۾ رهندڙ اڪثر آباديءَ سان نہ فقط منهنجو ملڻ ٿيو آهي پر، انهن سان ڪچهريون بہ ٿيون آهن. انهن جا تمام گهڻا حال احوال مون وٽ آهن. مون انهن جي زندگيءَ جي مسئلن کي ويجهي کان ڏٺو آهي. اهي سڀ زميندارن جي آزار کان ڀڄي نڪتل هاري، جهُڳين / جهوپڙن ۾ رهن ٿا. جڏهن ڪنهن جهوپڙي اندر نظر وجهبي تہ بلڪل در وٽ هڪ چلهہ نظر ايندي ۽ جهوپڙيءَ ۾ هڪ ڪٽ رکيل هوندي. جهوپڙي جي ڪامُن ۾ بہ ٽي تانو ٽنگيل نظر ايندا. هڪ اڌ پراڻي رلي ۽ ان ڪانسواءِ ڪنهن ڪنڊ ۾ سڪل ڪاٺين جو ڀاڪر ڪن رکيل هوندو ۽ ڪٿي ڪٿي ڪو لالٽين بہ ٽنگيل نظر ايندو. ان ڪانسواءِ ان جهوپڙي ۾ ڪو بہ ساز و سامان موجود نظر نہ ايندو. ايئن سوين جهوپڙا آهن جيڪي ٿوري گهڻي فرق سان هڪجهڙا ئي آهن. انهن وسندين ۾ زندگيءَ جون ڪي بہ سهولتون موجود ناهن. نہ اوڍڻ لاءِ ڍنگ جو ڪو ڪپڙو آهي، نہ بجلي، نہ پاڻي، نہ اسڪول، نہ صحت، نہ صفائي، ڪجهہ بہ نہ آهي. پر پوءِ بہ هو ماڻهو خوش آهن. سندس چوڻ آهي تہ هنن وسندين ۾ ڪو بہ وڏيرو يا زميندار نہ آهي، هتي اسان کي ستائڻ لاءِ ڪو بہ ڪمدار يا دلال نٿو اچي، قرض جي واپسي جي لاءِ زورو نٿو ڪيو وڃي، اسان جا ننگ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## جنين ڏاند نہ پچ

نياڻيون ۽ ٻار محفوظ آهن ۽ اسان جيڪي بہ ڪمايون ٿا اهو پاڻ تي ئي خرچ ڪريون ٿا ۽ ان منجهان ئي ڪائون ٿا. سچ پچ تہ مون کي انهن هارين ۾ وڃي اهو احساس ٿيو تہ زندگيءَ کي سهولتن کان وڌيڪ آزاديءَ ۽ عزت جي گهرج آهي ۽ آزاد فضا ۾ ساهہ کڻڻ کان وڌيڪ ٻي ڪا بہ سهولت نہ آهي.

انهن هارين جي وسندين ۾، مون اکين سان ڏٺو آهي، فقط شام جي وقت چلهہ ٻرندي آهي. انهن وسندين جا ماڻهو - مرد توڙي عورتون - صبح سان ئي ڪم سانگي جهوپڙا ڇڏيو وڃن. سڄو ڏينهن اتي فقط ٻار، ٻڍا ۽ معذور نظر ايندا. جيئن ئي سج سونهري ٿيندو يعني شام جو پهر ٿيڻ وارو هوندو تہ انهن وسندين تي "واهيري جي وير" لهندي آهي. هر هڪ ماڻهو - مرد توڙي عورت - پاڻ سان ڪجهہ نہ ڪجهہ سامان کنيو وسنديءَ ۾ داخل ٿيندو آهي تہ ان وقت پوري ڏينهن جا ٻکيا ٻار خوشيءَ مان ٽپا ڏيڻ شروع ڪندا آهن ۽ جڏهن سڄي ڏينهن جي پورهيي کان پوءِ ٿڪل سندن مائرون چلهہ ۾ ڪانيون وجهي تيلي مس لڳائينديون آهن تہ ٻار چلهہ جي چوڌار هڪ دائري جي صورت ۾، ڪاري تئي ۾ نظرون ڄمائي ويهندا آهن ۽ جيئن جيئن ماني پچندي ويندي آهي ان تي جهڙپون ڏيڻ لڳندا آهن. اها آهي انهن وسندين ۾ رهندڙ ماڻهن جي "شام غريبان". جنهن ۾ ماتم آهي پر جهيٽو جهيٽو ٻنهہ جهيٽو جيئن چلهہ ۾ چپ چاپ ڪانيون ٻرنديون آهن ۽ رکي رکي ٽڙڪاٽ ڇڏينديون آهن. ان شام غريبان ۾ ڪو بہ ڪارو جهنڊو ناهي هوندو، پر اکين ۾ صدين جي اداسي ڪارن ڦرين جيان لڏندي آهي. ان شام غريبان ۾ ڪو بہ سڙيل خيمو نہ هوندو آهي تڏهن بہ شام جي فضا تي بيوسيءَ، لاچاريءَ، بک، بيماريءَ ۽ بدحاليءَ جو دونهون ڇانيل هوندو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# جنين ڏاند نہ پڄ

انهن وسندين ۾ گهٽي قدر جيڪي ذاتيون ۽ قبيلا رهن ٿا انهن ۾، ڀيل، ڪولهي، اوڏ، ميگهواڙ، ماڇي، سولنگي، ملاح، رند، ڪوسا، مگسي، خاصخيلي ۽ ٻيا اچي وڃن ٿا. انهن سڀني جو تعلق گهٽي قدر سنڌ جي ضلعن - ميرپورخاص، سانگهڙ، بدين، حيدرآباد، نوابشاهه ۽ دادو - سان آهي. انهن وسندين ۾ ون ون جي ڪاني اچي، هڪ نئين زندگيءَ جي شروعات ڪئي آهي. جنهن کي لازمي طور مدد ۽ سهڪار جي ضرورت آهي، ان سلسلي ۾ انهن وسندين ۾ سماجي حقن ۽ معاشي ترقيءَ ۽ سڌارن لاءِ پاڻ پتوڙيندڙ ڪيترين ئي تنظيمون ڪم ڪري رهيون آهن. جنهن سبب انهن صدين جي ڏڪاريل ۽ ستايل ماڻهن ۾ تبديليءَ ۽ ترقيءَ جو هڪ سلو ڦٽي ايريو آهي ۽ انهن وسندين جا ماڻهو سرڪار جي مدد ڪانسواءِ فقط ڪجهہ سماجي ڀلائيءَ ۽ بهبود جي تنظيمن سان هم قدم ۽ همراز ٿي، پنهنجي مدد پاڻ تحت، هڪ ٻئي جي همراهي ڪري، هٽ هٽ ۾ ڏئي اڳتي وڌڻ ۽ پنهنجو پاڻ سڌارڻ جون ڪوششون ڪري رهيا آهن. منهنجي خيال ۾ تہ ايندڙ ڪجهہ سالن تائين ضرور انهن جي زندگيءَ ۾ ڪي مثبت ۽ اميد افزا تبديليون اچي وينديون.

اهو تہ هو سگهي جو هڪ پاسو جڏهن تہ ٻئي پاسي سنڌ جي زميندارن جي مضبوط چنبي ۽ انهن جي ذاتي جيلن ۽ گهاٽن جي ڳرن پڙن ۾ ڪيترن ئي هارين جون معصوم ۽ بي ڏوهہ زندگيون سرنهن وانگي پيسجي رهيون آهن. اهڙي Bonded/ Forced Labour (جبري پورهيي) جو انت اڃا تائين نہ آيو آهي. جاگيردار نظام پنهنجي جلوي ۽ جوش، رعب ۽ تاب ۽ جاهہ و جلال سان ساڳيو جو ساڳيو آهي. ان کي زوال پذير ڪرڻ جي لاءِ تضاد يعني هاري تہ موجود آهي پر فقط انهن کي منظم ڪري هڪ تحريڪ جي صورت ۾ آڻڻ جي ضرورت آهي. هڪ "نئين صبح" جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## جنين ڏاند نہ پچ

روشن ڪرڻ جو اوسيئڙو ٿي رهيو آهي ۽ ان نئين صبح جا ڏس مسعود ڪدرپوش جي هاري رپورٽ ۾ ملن ٿا هيءَ رپورٽ اڄ بہ پنهنجي افاديت، اثر، اهميت، حيثيت ۽ انقلاب پسند جوهر سان ڪالهہ جيتري ئي اهم آهي. 54 سال گذري وڃڻ ڪان پوءِ بہ ان ۾ ڇاڻايل سچ ۽ حقيقتن تي ڪو بہ زنگ نہ چڙهيو آهي. ڇاڪاڻ تہ اڄ بہ غربت ۽ غلاميءَ ۾ سنڌ جو هاري "پابجولان" آهي اڄ بہ خوشحاليءَ جي خواب جي دوشيزه هارين جي اکين جي بوسيده بستر تي ڇيڙهالا وار کوليو ستي پئي آهي ۽ هڪ ڏينهن اهو ضرور ايندو جڏهن خوشحالي / انقلاب / تبديليءَ جي اها دوشيزه هارين جي اکين مان نڪري هڪ ساپيا جي صورت ۾ ڳتيون سوڙيو سنواريو. چوٽيءَ ۾ اڇو گل لڳايو ۽ سائي ويس ۾. ناز ۽ انداز سان ٽلندي ۽ ڪلندي وتندي. ان سلسلي ۾ مسعود ڪدرپوش جو هيءَ اختلافي نوٽ پهريون قدم ثابت ٿي سگهي ٿو. مون هن اختلافي نوٽ تي ترجمي ڪرڻ جو سوچيو ئي انهن هٿن جي لاءِ آهي جيڪي هٿ پنهنجي تقدير پاڻ لکندا آهن ۽ جيڪي هٿ صدين جي غلامي ۽ غربت جا زنجير هڪ سٽ سان ڇني سگهندا آهن. تڏهن ئي تہ فيض چيو تہ:

*ان هاٿون ڪي تعظيم ڪرو*
*ان هاٿون ڪي تڪريم ڪرو*

1- مئي 2002ع

**پروفيسر اعجاز قريشي**
بنگلو نمبر 88 - مسلم هائوسنگ سوسائٽي حيدرآباد



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# جنين ڏاند نہ پيج

**مددي ڪتاب:**

1. Statement of Accused – حيدربخش جتوئي
2. اختلافي نوٽ – مسعود کدرپوش
3. تاريخ سنڌ – ڊاڪٽر مبارک علي
4. سنڌ هاري ڪميٽي – ايک تجزيہ – محمود حسن خان
5. سنڌ جو زرعي نظام ۽ هاري جدوجهد – پس منظر ۽ پيش منظر – سچل پنهور
6. سنڌ تاريخ جي آئيني ۾ – وي ايف آگيئف
7. ڪيا هم اکٹي رهہ سکتي هين – پروفيسر عزيز الدين احمد
8. هاري انقلاب – حيدربخش جتوئي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## مهاڳ

50 - 1949ع ڌاري سنڌ پيم تہ مسٽر محمد مسعود. ميمبر سنڌ "هاري ڪميٽي"، سنڌ سرڪار پاران سنڌ جي هارين جون حالتون جاچڻ ۽ انهن کي بهتر بنائڻ لاءِ کي اپاءَ ۽ تدارڪ تجويز ڪرڻ لاءِ مقرر ڪيو ويو آهي. اها بہ پروڙ پيم تہ هن هڪ اختلافي رپورٽ پڻ تيار ڪئي آهي. جنهن ۾ هارين جي حقيقي پيڙائن ۽ اهنجن جو اپٽار آهي تہ ساڳي وقت، ان ۾ زميندارن جي گَهرُ ڪري ويل بي واجبيءَ جي بہ ننڊا ڪئي ويئي آهي.

اسين تڏهن، زرعي سڌارن جي قانون ۽ سنڌ مقاطعہ باب (Sindh Tenancy Act) جي منظوريءَ لاءِ هاري تحريڪ جي پليٽ فارم تان پر احتجاج جدوجهد شروع ڪري چڪا هئاسون، تہ جيئن هارين جي حقن ۽ زميندارن جي ذميوارين جي ڪٿ ڪجي ۽ بٽئي جي ورهاست. ونگار ۽ مفت وهڻ جي خاتمي، روينيو رڪارڊ ۾ هارين جا حق داخل ڪرائڻ سان گڏ بين بہ ڪيترن مسئلن ُسان منهن ڏيئي سگهجي.

شايد تہ. ڪميٽيءَ جي رپورٽ جو گهٽو ٽٽو ياڳو، زميندارن جي حق ۾ پئي ويو. (پر) مسٽر مسعود پاران پيش ڪيل هيءُ اختلافي رپورٽ سواءِ رڪ رڪاءَ جي پڌائي ٿي تہ هاري ماڻهو تہ آهن پر، انهن کي نہ تہ ڪڏهن پنهنجن حقن تي سوچڻ واري اختيار مان مزو ورتو آهي، نہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ئي ڪڏهن انسان ذات لاءِ طئہ ڪيل ڪنهن بہ ٻئي حق مان - ڇاڪاڻ تہ مسعود چواٿي، ڪين گهرُو / پالتو جانورن جيان وهايو پيو وڃي.

جڏهن مهاراج مسعود کي سنڌ ۾ ڪليڪٽر بنايو ويو تہ هن ڏٺو تہ هتي هارين جون حالتون خانديش جهڙيون ئي آهن - جتي هو اڳ ئي. هارين جون رحم جوڳيون حالتون (Miserable Conditions) ڏسيو. دنگ رهجي ويو هو. هن ڏٺو تہ هتي اڄ بہ هاري سختگير حالت ۾ رهي ٿو. جنهن کي ڪو بہ سماجي، سياسي ۽ اقتصادي حق حاصل ناهي. مسٽر مسعود جڏهن هيءَ رپورٽ لکي هئي تڏهن، هارين کي ڪو بہ رليف نہ ڏنو ويو هو، نہ ئي ڪو سڌارو يا بهتر زندگي نظر پئي آئي، اها صورتحال اڄ سوڌو جيئن جو تيئن آهي - اجا بہ وڌيڪ خراب ٿي ويئي آهي. تنهن ڪري آئون محسوس ڪريان ٿو تہ مسٽر مسعود جون سفارشون ۽ صلاحون اجا پنهنجي پاڻ ۾ ڪافي سگهہ رکن ٿيون.

جيڪڏهن سرڪار ۽ سول سوسائٽي جي ادارن، ان رپورٽ تي عمل ڪيو هجي ها تہ اڄ هارين ۽ زرعي پورهيتن جون حالتون ڪافي سڌري چڪيون هجن ها ۽ اسين پڻ ان قابل ٿي وڃون ها تہ غربت واري مسئلي کي منهن ڏيئي سگهون.

جيڪو ڪجهہ محمد مسعود پنهنجي رپورٽ ۾ سفارش ڪيو هو. اُهو آئون ورجايان تہ هيئن ٿيندو تہ جيستائين زمينداريءَ جي جاءِ تي هارين جي پنهنجي ملڪيت کي ممڪن بنائڻ وارو سڌارو اڳتي نہ ٿو آندو وڃي تيستائين. هاڻوڪي نظام ۾ موجود انيڪ برايون مان جند آجي نہ ڪرائي سگهبي.

محمد مسعود ڪيترو نہ درست آهي جڏهن هو چوي ٿو: هارين جي ڪا بہ منظم زندگي ناهي، نہ ئي وٽن منظم جياپي جو شعور اُسري سگهيو آهي، تنهن ڪري هاري ڪنهن نااميد غلام جهڙو تاثر ڏين ٿا ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# جنين ڏاند نہ پچ

حقن جي خاطري ڏياري ويئي آهي. اهو ئي مسئلو (هاريءَ جي غلاميءَ وارو) آهي، جنهن انساني حقن لاءِ جاکوڙ ڪندڙن (Human Rights Activists) کي متحرڪ ڪيو آهي. ان جو نتيجو اهو نڪتو آهي تہ اڄ هاءِ ڪورٽ ۾، اڻ ڳڻيا هاري (زميندارن کان) آزاديءَ جو پروانو حاصل ڪرڻ جي انتظار ۾ وينل نظر اچن ٿا. ان سلسلي ۾ محمد مسعود جي رپورٽ اسان جي رهنمائي ڪندي پر سرڪاري ۽ سياسي پارٽين کي ان مسئلي ڏانهن خاص ڌيان ڏيڻ گهرجي، جنهن اسان جي ڀهراڙين جو چٽئي پاسن کان گهيري تنگ ڪيو آهي.

4 - مئي 2002ع

روچي رام (ائڊووڪيٽ)
ڪار پاڙو - ميرپورخاص



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# پہ اکر

آزاديءَ کان هڪ سال اڳ 1946ع ۾ مسلم ليگ جا اهم ۽ وڏا اڳواڻ ڪراچيءَ آيا. انهن ۾ لياقت علي خان ۽ چوڌري خليق الزمان بہ شامل هئا. جيڪي عبدالله هارون جا مهمان هئا. اهي سڀ اينڊز تاريخي چونڊن جي تياري ڪري رهيا هئا. جيڪي ان سال جي آخر ۾ رٿيل هيون. انهن چونڊن ۾ سنڌ کي پاڪستان بابت فيصلو ڪرڻو هو. اهي سنڌ جي مشهور مائٽن ۽ مسلمان آ ء سي ايس آفيسرن سان پڻ مليا جيڪي پاڪستان جي نظريي ۾ يقين رکندا هئا. آئون بہ انهن مان هڪ هئس.

هنن سان ڳالهائيندي ۽ بحث ڪندي ڪجهہ دوستن مسلم ليگ جي قيادت تي بي اعتمادي ظاهر ڪئي ڇو تہ مسلم ليگ ۾ گهڻائي وڏن زميندارن ۽ نوابن جي هئي. ان تي چوڌري خليق الزمان چيو "نوجوانن کي دلشڪستہ نہ ٿيڻ گهرجي ۽ توهان کي مسلم ليگ ۾ شامل ٿيڻ گهرجي ۽ انهيءَ انتقام پسند قيادت (Reactionary leadership) کي ختم ڪرڻ گهرجي". مون کين چيو " ليگ جي ليبرشپ قبول ڪرڻ اهڙي ٽرين ۾ چڙهڻ برابر آهي جنهن جي اسان کي خبر ئي ناهي تہ ڪيڏانهن وڃي ويندي ۽ ان جي منزل ڪهڙي آهي؟".



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ليگي رهنمائن کي اها خبر هئي تہ غريب هاري وڏن زميندارن واري ليگ کي ووٽ نہ ڏيندا. پوءِ ڇو نہ پاڪستان لاءِ اسلام جي نالي ۾ اپيل ڪيڏي بہ اثرائتي هجي. حقيقت ۾ هارين وڏن زميندارن جي چنبي مان آزاد ٿيڻ پئي چاهيو. انهيءَ ڪري ليگ حڪومت محمد علي جناح جي صلاح سان سنڌ هاري ڪميٽي ناهي ۽ اهڙيءَ ريت هارين جو ووٽ ليگ کي حاصل ٿيو. پر چونڊن ۾ ليگ جي جيڪا ليڊرشپ چونڊجي آئي هئي، اها سيني وڏن زميندارن تي مشتمل هئي. انهيءَ قيادت هاري ڪميٽيءَ سان چڱو ورتاءُ نہ ڪيو. هاري اڳواڻن ۽ ڪارڪنن پنهنجن مطالبن ۽ حقن لاءِ جاکوڙ ڪئي تہ ڪين جيلن ۾ وجهي تنگ ڪيو ويو ۽ اعلان ڪيو ويو تہ سنڌن اختلاف راءِ جو چنو نہ چاپيو ويندو.

ليگ جي نئين قيادت سنڌ ۾ اهو ئي ڪجهہ ڪيو جنهن جو اڳ ئي انديشو هو. چوڌري خليق الزمان جڏهن اهو اعلان ڪيو تہ نوجوان ۽ پڙهيل لکيل ماڻهو ليگ ۾ شامل ٿي، انتقام پسند قيادت کي هٽائين تہ اهو اعلان پاڻيءَ تي ٿوٿو ثابت ٿيو، ڇو تہ ليگ قيادت هارين سان ڪو چڱو رويو نہ رکيو. ايتري قدر جو نوجوان ميمبرن ۽ هاري ورڪرن - جن هاري حقن لاءِ جدوجهد ڪئي، انهن کي جيل موڪليو ويو. هلندي هلندي جيئن عوامي تحريڪ زور وٺندي وئي، تيئن ليگ سرڪار هاري ڪميٽيءَ جي اختلاف راءِ وارو نوٽ ڇپائڻ لاءِ راضي ٿي وئي. ان نوٽ جي ڇپجڻ تي عوامي مطالبن ۽ تحريڪ اهو رخ ورتو تہ سنڌ مان وڏي جاگيرداري ۽ زمينداري ختم ڪئي وڃي.

هاڻ وري ليگ ليڊرشپ ہي اٽڪل ڪيڏي. 1950ع ڌاري ليگ عوام جي حق ۾ هڪ نهراءُ پيش ڪندي، صوبائي حڪومت کي چيو تہ زمينن لاءِ ضروري سڌارا آندا وڃن. هڪ ڊنر پارٽيءَ ۾ چوڌري خليق الزمان کان صحافين پڇيو، "ليگ جي انهن وڏن زميندارن 1950ع ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اهڙو نهراءُ ڪيئن پاس ڪيو؟" جنهن تي چوڌري خليق مون ڏي اشارو ڪندي چيو، "اهو هن ماڻهوءَ جو ڪم آهي، جنهن هاري رپورٽ خلاف نوٽ لکيو ۽ اسان لاءِ طوفان ڪڙو ڪيو. ان بعد اسان وٽ نهراءُ پاس ڪرڻ ڪان سواءِ ٻيو ڪو بہ چارو نہ بچيو". مون جواب ڏنو، "توهان تہ رڳو ڏکي صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ اهو سڀ ڪجهہ ڪيو، جنهن ۾ ڪا بہ سچائي شامل نہ هئي ۽ آئون توهان کي ٻڌائي ٿو ڇڏيان تہ اهو نهراءُ مسلم ليگ کي قيامت جهڙو ڏينهن ڏيکاريندو".

ان وقت اولهہ پاڪستان جي الهندي حصي جي جاگيردارن ۽ نوابن کي پڪ هئي تہ ان نهراءُ جي ڪري ڪو بہ امن نہ ٿيندو، سواءِ ان جي تہ ليگ جي نوجوان قيادت خاموش ٿي ويندي. ليگ جي حڪومت کي اها ٿوري خبر هئي تہ اوڀر بنگال ۾ ليگ حڪومت سواءِ ڪنهن وقت وڃائڻ جي ان نهراءَ تي عمل ڪندي ۽ سڀ ضروري زرعي سڌارا آڻيندي. 1951ع ۾ نورالامين جي وزارت هڪ قانون پاس ڪري، وڏين جاگيرن کي ختم ڪرڻ جو اعلان ڪيو. ان هيٺ ڪو بہ خاندان 30هن ايڪڙن ڪان مٿي زمين نہ ٿي رکي سگهيو. اوڀر پاڪستان جي ان فيصلي اولهہ پاڪستان جي انهن زميندارن کي گهڻو صدمو پهچايو، جن جو اهڙن سڌارن آڻڻ جو ڪو بہ ارادو نہ هو. انهن سڌارن ڪان پوءِ بہ ڪين بنگالي نمائندن جو ڏپ هو ۽ هنن اهو فيصلو ڪيو تہ هو سياسي طاقت پاڻ وٽ رکندا پلي پوءِ ڪين اوڀر جي بنگالين کي ڪڍڻو ئي چو نہ پئجي وڃي.

جيئن وقت گذرندو ويو تيئن مسلم ليگ اندروني طور ڏڙن ۾ ورهائبي وئي. ترقي پسند ماڻهو ڇڪجي هڪ طرف ٿي ويا تہ جاگيردار ۽ وڏا زميندار ٻئي پاسي. اوڀر بنگال ۾ يونائيٽيڊ فرنٽ ان کي شڪست ڏني، جڏهن تہ اوير پاڪستان ۾ ڌڙابنديءَ ان کي گهڻو ڪمزور ڪري ڇڏيو. هتي ترقي پسند ماڻهن، لڳاتار جاگيردار قيادت کي مات ڏيڻ جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪوشش ڪئي، جنهن جي نتيجي ۾ آخر اهو فيصلو ٿيو تہ انهيءَ گروپ کي نئين نهندڙ ريپبليڪن پارٽيءَ ۾ ضم ڪيو وڃي، جنهن جا سربراهہ ملڪ جو صدر اسڪندر مرزا ۽ پاڪستان جو گورنر مشتاق احمد گرماڻي هئا. پر اهو هڪ مختصر ۽ وقتي نسخو هو.

1956ع وارو آئين ترقي پسند ماڻهن ۽ گروپن لاءِ هڪ نئين عمل جي ڪوشش هئي، خاص ڪري انهيءَ آئين، اوير پاڪستان جي ترقي پسند ماڻهن لاءِ نيون راهون کوليون. پر جاگيردارن ۽ وڏن زميندارن لاءِ اهو هڪ وڏو چئلينج هو، جن ايوب خان جي فوجي مارشل لا کي آئين مٿان وڌيڪ ترجيح ڏني چو تہ آئين ۾ کين سلامتي نظر نہ آئي. ملڪ جي سياسي ڍانچي ۾ ڪيترائي سخت ۽ منجهائيندڙ جهول هئا، خاص ڪري اولهہ ۽ اوير پاڪستان ۾ زمين بابت مالڪيءَ جي تصورن ۾ فرق تمام گهڻو هو، جن اڳتي هلي ملڪ ٽوڙڻ جا بنياد وڌا. اولهہ پاڪستان جا جاگيردار پنهنجي سياسي طاقت کي ڇڏڻ لاءِ تيار نہ هئا. فوجي مارشل لا انهن لاءِ هڪ دعا ثابت ٿي ۽ کين اهڙو موقعو مليو، جنهن هيٺ ننڍا زميندار، وچولي طبقي جا ماڻهو، غيرجاگيردار، ترقي پسند، ڪنهن حد تائين انقلابي ماڻهو ۽ ڏاڙا ڪانئن پري ٿي ويا ۽ خاص طور تي اوير پاڪستان جا ماڻهو. آخر ۾ 1971ع ڌاري اوير پاڪستان ۾ چونڊن ۾ کين سخت شڪست ملي ۽ خراب نتيجا پوڳڻا پيا. پاڪستان جي انهن سڀني ماڻهن خاموشيءَ سان اوير پاڪستان کي جدا ٿيندي ۽ ٽٽندي ڏٺو. انهن ساڳئي وقت اوير پاڪستان ۾ "رت ۽ ڳوڙها" وهندي بہ ڏٺا. پر انهن ماڻهن ڪڏهن بہ ڪا قرباني ڏئي ڪو پر امن سياسي نبيرو نہ ڪيو، نہ رڳو اهو پر فوجي قيادت ڪي انتهائي شرمساريءَ واري صورتحال مان ڪڍڻ ۾ ناڪام رهيا، جيڪا کين اوير پاڪستان ۾ سَهڻي پئي. چو تہ وٽن اوير پاڪستان جي ماڻهن لاءِ ڪو بہ نرم گوشو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نہ ٻڇيو هو. اولهہ ۽ اوڀر پاڪستان جي اڳواڻن ۾ نفرت پيدا ٿي چڪي هئي، ڇو تہ اوڀر پاڪستان وارن اهو ڪلئي عام فيصلو ڪيو هو تہ جيڪڏهن کين حڪومت ملي تہ هو زمينداري ۽ جاگيرداري، کي هميشہ هميشہ لاءِ ختم ڪري ڇڏيندا. جيڪڏهن ملڪ جي ٻنهي حصن جي ليڊرن وٽ مفادن جي هڪجهڙائي هجي ها تہ اوڀر پاڪستان جي اها خراب صورتحال بدلجي سگهي پئي.

حقيقت ۾ جهيڙي جو بنياد فوجي ڊڪٽيٽرشپ هئي، جنهن جي ڪري اِهو ٿيو تہ انهن وٽ فيصلن ۽ مسئلن جو حل، سواءِ فوجي زبان استعمال ڪرڻ جي ٻيو ڪو بہ نہ هو. نہ ئي هو ڪو ٻيو عمل سمجهي سگهيا هئا. اولهہ پاڪستان جو، ملڪ جي سڄي سياسي قوت تي قبضو ڪرڻ ۽ اوڀر پاڪستان کي ان مان ٻاهر ڪڍڻ، جهيڙي جا بنيادي سبب هئا. سندن مفاد بہ ساڳيا نہ هئا. اهو سڀ ڪجهہ فوجي حڪومت کي شرمساريءَ سان سهڻو پيو. ان الميي جي سببن جي ڳري قيمت جنهن ۾ لڙڪ ۽ لهو شامل آهن، ادا ڪندي بہ اجا مسئلي جي ڪا چند ڇاڻ نہ ڪئي وئي آهي. هاڻي وقت اچي ويو آهي تہ اسان کي پنهنجي مختلف سياسي ٽڪرائن ۽ سياست اندر بنيادي تضادن کي سمجهڻ گهرجي. آئون سمجهان ٿو تہ جيڪڏهن اسان اجا بہ وڌيڪ اونهائيءَ سان انهن سببن کي نہ ڏسنداسين تہ اسان کي وڌيڪ نقصان پوڻو پوندو. اوڀر پاڪستان جي جدا ٿيڻ جي صدمي مون کي وري هڪ ڀيرو ان تي مجبور ڪيو آهي تہ آئون اهو اختلاف راءِ وارو ڇنو وري عوام آڏو ظاهر ڪريان ۽ صرف انهيءَ اميد سان تہ اسان جا سياستدان ۽ سياسي قيادت، انهيءَ مان مڪمل لاڀ حاصل ڪري صحيح فيصلن تي پهچي ۽ ڪيترن ئي منجهيل سوالن جا بهتر نموني جواب ڏئي سگهي. جنهن وقت مون هيءُ نوٽ لکيو هو ان وقت چين جو انقلاب مڪمل ٿيڻ تي هو ۽ دنيا جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# جنين ڏاند نہ ٻچ

ڪيترن ئي ملڪن ۾ سياسي لاهَا چاڙهَا آيا پئي. آئون ان وقت بہ مڪمل طرح ان راءِ جو هئس تہ پاڪستان صرف تڏهن ئي قائم ۽ دائم رهي سگهي ٿو، جڏهن وٽس زمين جي مالڪيءَ جو بهتر نظام هوندو ۽ سماجي انصاف جا ڪي بنيادي اصول ۽ ماپا هوندا، پر جيئن وقت گذرندو ويو آئون تمام ڏڪارو ۽ دلشڪستو ٿيندو ويس. ليگ جي قيادت ۾ پيدا ٿيندڙ صورتحال مان مون کي ڪا بہ اميد نظر نہ پئي آئي ۽ جڏهن اولهہ پاڪستان جو وڏي ۾ وڏو جاگيردار نواب آف ڪالاباغ اتان جو گورنر ٿيو تہ منهنجو شڪ اڃا بہ وڌيڪ مضبوط ٿيو تہ پاڪستان جي جاگيردار قيادت وڌيڪ مضبوطيءَ سان پڪڙجي رهي آهي ۽ پاڪستان پنهنجي اصل شڪل ۾ رهي نہ سگهندو.

ايم مسعود

1975ع



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# ٿورا

هن ڪتاب جي ترجمي ڪرائڻ ۽ ڇپرائڻ جي لاءِ آءٌ ٿورائتو آهيان ڊاڪٽر رياض احمد خان ملڪ چيئرمين لهران ادبي بورڊ لاهور ۽ ڊاڪٽر اختر حسين شاهه اختر، سيڪريٽري لهران ادبي بورڊ جو. ساڳيءَ ئي وقت آءٌ ٿورائتو آهيان مسعود کدرپوش جي نياڻين ۽ مسعود کدرپوش ٽرسٽ وارن جو، جن هن ڪتاب جي ڇپائڻ ۾ خاص دلچسپي ورتي.

ان ڪانسواءِ، آءٌ ٿورائتو آهيان پنهنجي انتهائي پياري نوجوان ساٿي ۽ سنڌ جي اهم شاعر علي آڪاش جو، جنهن هن ڪتاب جا پروف پڙهيا، مسودي کي چيڪ ڪيو ۽ ڪتاب جي ٻولي درست ڪئي. ان ڪانسواءِ آءٌ ٿورائتو آهيان پنهنجن نوجوان دوستن ڪي بي منگي، رياض آگرو، طارق قريشي ۽ نويد نواز چنه جو، جن جو پڻ مون سان ڪافي سهڪار رهيو.

**پروفيسر اعجاز قريشي**

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

باب پهريون

# هاري ۽ زميندار

*اهي انسان آهن ۽ اهڙي ريت هو عاقل حيوان آهن، پر هنن کي پالتو جانورن وانگر رکيو ٿو وڃي. اهي معقوليت يعني انساني حقن جو فائدو نٿا وٺي سگهن. سنڌ جا هاري سنڌ جي زمين کيڙين ٿا، سنڌ کي پاڪستان جو شاداب ۽ سرسبز علائقو بڻاين ٿا.*

اها منهنجي خوشنصيبي آهي جو آئون سنڌ ۽ بمبئي پريزيڊنسي ۾ اٺن سالن تائين اسسٽنٽ ڪليڪٽر ۽ ڪليڪٽر جي حيثيت ۾ غريب ماڻهن سان گڏ رهيو آهيان. جڏهن آئون سنڌ آيس تہ مون کي هارين جي بدتر حالت ڏسي ڏاڍو صدمو رسيو ۽ مون کي هندستان جي اصلي رهاڪن ڀيلن جهڙيون حالتون ياد اچي ويون، جن سان گڏ سنڌن بهتريءَ لاءِ ڪيترائي سال ڪم ڪيم. سنڌ جا هاري ڪنهن بہ ريت غلامن کان گهٽ ناهن. اهي هڪ اونداهي دؤر ۾ رهن ٿا، جن وٽ ڪنهن بہ قسم جي سماجي، سياسي يا معاشي زندگيءَ جو ڪو بہ تصور ناهي. سندن زندگيءَ جي رڳو هڪ گهرج آهي، ماني...!؟ جنهن سان هو پنهنجي وجود کي زنده رکي سگهن. هنن جو ٻيو ڪو بہ مفاد ناهي، چاڪاڻ جو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وٺن زندہ رهڻ جو تخيل ئي ٻڪل ٻريل آهي ۽ هو سمجهن ٿا تہ اهو سڀ ڪجهہ ڄڻ سندن قسمت ۾ لکيل آهي.

هارين جي ڪا بہ منظر زندگي ناهي. نہ وري وٽن منظر رهڻ جو ڪو طريقيڪار آهي. هو هڪ ٻئي کان پري. ڇڙوڇڙ ۽ جدا جدا ننڍين ننڍين وستين ۾ رهن ٿا. سندن گهر ڪچا آهن. سنڌ جي هڪ ڏيهہ ۾ سراسر 6 يا ان کان ڪجهہ وڌيڪ ڳوٺ هوندا آهن. جن مان ڪن ۾ ماڻهو رهن ٿا. ڪي خالي آهن. ڪن هنڌن تي تہ جهوپڙين جي گهٽائي هوندي آهي. جيڪي وري زمين جي پاسن تي هونديون آهن. ڪيترائي هاري پنهنجي جهوپڙين ۾ مال بہ گڏ ٻيهاريندا آهن. سندن گهرن ۾ هڪ يا ٻہ ڪٽون مس هونديون آهن. ڪجهہ ٺڪر جا ٿانءَ. ڪجهہ ڦاٽل رليون ۽ ڪا سوڙ. هڪ اڌ ڪاٺ جي پيتي يا صندوق هوندي آهي.

اهو هاري جنهن جو ڪٽنب. زميندار جي زمين تي ڪيترن ئي پيڙهين کان ڪم ڪندو پيو اچي ان کي اها خبر نہ هوندي آهي تہ هو ڪهڙو وقت ان زميندار وٽ ترسندو يا اهو تہ زميندار کيس ڪهڙو وقت پاڻ وٽ رکندو. هاريءَ جي زندگيءَ ۾ فقط خوف هوندو آهي. جيل ۾ وڃڻ جو. زمين وڃائي ويهڻ. پنهنجي زندگي ۽ زال کسجڻ جو. زميندار ڪاوڙ ۾ اچي ڪنهن بہ وقت کيس زمين تان بيدخل ڪري سگهي ٿو. نتيجي ۾ هن کي پنهنجي زمين جي ٽڪر تان هٿ ڪڍڻو پوندو ۽ پنهنجو فصل اڌ ۾ ڇڏڻو پوندو. سندس چوپايو مال بہ زميندار پاڻ وٽ رکي سگهي ٿو. اهو بہ امڪان هوندو آهي تہ هن تي ڪي الزام هڻي جيل ۾ بند ڪرايو وڃي ۽ هن تي ڪا انڪوائري ويهاري وڃي. ڪنهن چوريءَ ۽ ڦر جي ڪيس ۾ گرفتار ڪرايو وڃي يا خون جي ڪيس ۾ ڪاٺ ۾ هڻايو وڃي يا وري قلم 110 هيٺ ڪرمنل ڪيس ۾ واڙايو وڃي. هاريءَ کي هر وقت زميندار کان ڊپ رهي ٿو. هن کي اهو بہ ياد رهي ٿو تہ ڪيئن نہ سندس



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

غائب ٿي ويو. هيءُ ڪيس ڪنديارِي تعلقي جو هو ۽ منهنجي نوابشاهہ ضلعي مان چارج ڇڏڻ کان ڪجهہ ڏينهن اڳ ٿيو هو. انهيءَ قسم جا ڪيس اهڙي زميندارِي ۽ جاگيرداري نظام ۾ عام ٿيندا رهن ٿا پر عوام آڏو گهٽ ظاهر ٿين ٿا.

زميندار ڪنهن بہ وقت هاريءَ کي بيگر تي موڪليندو آهي، جهڙوڪ پنهنجي گهر جي تعمير لاءِ، ڪنهن ڪوهہ کوٽڻ لاءِ يا ٻئي ڪنهن معمولي ڪم لاءِ. هو هن کي ڪنهن بہ وقت گهرائي سگهي ٿو. پنهنجي ڏاندن، هر ۽ گهر سميت، زميندار جي زمين کي هر ڏئي کيڙي يا هو هن جي گهر تي خدمت سرانجام ڏئي. اهڙيءَ طرح هو هميشہ زميندار جي حڪم جو غلام رهندو آهي تہ ڪڏهن تو ڪو سڏ اچي. هن کي انڪار ڪرڻ جي ڪا بہ همت نہ ٿيندي آهي تہ زميندار کي ناراض ڪري ۽ زميندار هن جو برو انجام ڪرڻ جو وجهہ ملي وڃي. سهٽي ۽ ننڍي نينٽي زال هن جي لاءِ مستقل خوف جو سبب هوندي آهي. هاريءَ کي ڇيو ويندو آهي تہ هو پنهنجي پاڻ کي جهڪائي ڇڏي. ڪيس ڏهڪايو ويندو آهي يا ڪو ٻيو جبر ڪيو ويندو آهي. اجا بہ جيڪڏهن هو آڻ نتو مڃي تہ سندس ونيءَ کي ڪنيي ڪنيو ويندو آهي. يا هو ڪنهن ڪوڙي ڪيس ۾ ڦاسايو ويندو آهي. هن جي گهر واري جيڪا اڪيلي ٿي پوندي آهي تنهن کي مجبور ڪيو ويندو آهي تہ هوءَ زميندار جي حاضري ڀريندي رهي، جيڪڏهن زميندار کي اجا بہ ڪاميابيءَ جي ڀي ڪا واٽ نظر نہ ايندي آهي تہ هو آخرڪار هاريءَ کي مارائي ڇڏيندو آهي. اهڙي قسم جو هڪ ڇرڪائيندڙ واقعو مون کي هڪ عورت ٻڌايو. جيڪا پنهنجيءَ ماءُ سان ڳڏ هڪ سئو ميلن جو مفاصلو طئہ ڪري، مون کي پنهنجي دردناڪ ڪهاڻي ٻڌائڻ آئي هئي. هن جو مڙس غائب ٿي ويو ۽ سندس ماءُ ڪنهن ماڻهو جي واتان ٻڌو تہ اهو زميندار جي ماڻهن جي هٿان قتل ٿي ويو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جيڪڏهن اتفاق سان هاري رستي ويندي زميندار جي سامهون ايندو آهي تہ هن سان غلامن وارو سلوڪ ڪيو ويندو آهي. اها ڪا معمولي ڳالهہ نہ آهي مجال آهي جو ڪو هاري زميندار ڪي پيرين نہ پوي. هونئن بہ جيئن ئي وڏيرو ٻنين ۾ داخل ٿيندو آهي تہ هاري ۽ هن جا ٻار جهڪي زميندار ڪي پيرين پوندا آهن ۽ پوءِ اٿي هن ڪي هٿن تي چميون ڏيندا آهن. اهو هو ان ڪري نہ ڪندا آهن. جو هو زميندار جي دل سان عزت تا ڪن. نہ ئي هو صاحبِ ڪرامت هوندو آهي. نہ ئي هن ۾ ٻي ڪا اهڙي خوبي هوندي آهيَ. پر هو اهو محسوس ڪرائيندا آهن تہ هو سندس نماڻي مخلوق آهن ۽ سندس ئي رحم ڪرم تي جيئن تا. مون اهڙو ڪو بہ هاري نہ ڏٺو آهي. جيڪو سڌو تي وڏيري ڪي هٿ ڏئي. انسان انسان سان ڇا نہ ڪيو آهي؟ ان ڪان وڌيڪ بي وسيءَ جي ڪا حد بي هوندي آهي ڇا جڏهن هڪ هاري ۽ هن جا ٻار جهڪي زميندارڪي پيرين پوندا هجن!

اسلام فقط خدا جي وڏائي ۽ ان جي اڳيان جهڪڻ سيکاري ٿو. پر هاريءَ جي اسلام ڪي زميندار پاران رزق جي امتحان ۾ وڌو ويو آهي، جتي زميندار اسلام جي نالي ۾ هارين جي سمورن وسيلن تي قبضو ڪري ڇڏيو آهي ۽ هو ڪنهن بہ وقت غريب هارين ڪي فاقاڪشي ڪرائي ۽ کين موت جي منهن ۾ ڌڪي سگهي ٿو، ان وقت اسلام جا اعليٰ اصول هاريءَ جي ذهن مان غائب ٿي وڃن ٿا. هو خدا جي وڏائي هڪدم وساري، فقط جهڪي وڏيري جي ذلت آميز اطاعت ڪرڻ تي مجبور ٿي وڃي ٿو.

اهو سهڻو تصور تہ سڀئي انسان برابر آهن جيڪو اسلام سيکاريو آهي، هاريءَ لاءِ فقط هڪ افسانو بڻيل آهي. ڪنهن بہ هاريءَ ڪي اها همٿ نہ ٿيندي آهي تہ هو زميندار جي پڙ ۾ يا سامهون ويهي،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# جنين ڏاند نہ پچ

ايتري تائين جو هو وڏيري جي ڪرسيءَ جي برابر ڪنهن متانهين جڳهہ تي بہ ويهي نہ ٿو سگهي پوءِ اهو ڪو وڻ جو ٿڙ هجي يا سرن جو ڍير يا وري ڪو واريءَ جو دڙو هجي. هو ضرور ڪنهن هيٺانهين جڳهہ تي ويهندو يا زمين تي. جيڪڏهن هن زميندار جي برابر ويهڻ جي ڪوشش ڪئي تہ هو بدتميز، گستاخ ۽ ان ڌرتيءَ تي رهڻ جي قابل نہ رهندو. جنهن تي هن جي ابن ڏاڏن پيڙهين کان ڪم پئي ڪيو هوندو آهي.

پير ۽ مولوي جيڪي زميندار جا دوست هوندا آهن اهي هاريءَ کي تقدير جو ٻڌائي اهو دلاسو ڏيندا آهن تہ ڪيس خدا جي پاران ئي گهٽ درجو مليل آهي.

هو سرڪار جي ادني ملازمن جهڙوڪ ڪوٽوار، پٽيوالي، سپاهي ۽ ٽپيدار جي هٿان هيسايا، ڌمڪايا ۽ ذليل ڪيا ويندا آهن، جيڪي کيس ڪچيون گاريون ڏيڻ کان بہ نہ مڙندا آهن ۽ انهن ملازمن کي ان ڳالھ جو ڪو بہ ڊپ ڊاءُ نہ هوندو آهي تہ کين ان عمل جي موٽ ۾ ڪا سزا ملندي يا ڪو جواب ڏيڻو پوندو.

هتي هڪ هاري سراسريءَ طور 16 کان 18 ايڪڙن تائين ٻني سنڀاليندو آهي، جنهن مان 8 ايڪڙ خريف ۽ 8 ايڪڙ ربيع ۾ پوکيندو آهي. جڏهن فصل تيار ٿيندو آهي، تڏهن ڪمدار ايندو آهي ۽ حڪم ڪندو آهي تہ فصل کي وڏيري جي ديري تي رکيو وڃي. جتي هاري ان کي تيستائين ڇهي بہ نہ سگهندو آهي، جيستائين ٻنئي نہ ٿي وڃي. سڄي سال جي پورهيي کان پوءِ جڏهن فصل لاباري لاءِ بلڪل تيار هوندو آهي، تڏهن هاري ان کي اداسيءَ سان ڏسندو آهي ڇو تہ کيس خبر هوندي آهي تہ اهو سڄي جو سڄو زميندار ڏانهن هليو ويندو ۽ الائي ڪيترو حصو کيس واپس ملندو. هو ان بڪايل ماڻهو وانگر لڳندو آهي، جيڪو سخت تڪليفن ۽ مشڪلاتن کان پوءِ ڪاڏو حاصل ڪري بہ اهو پنهنجي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ظالم مالڪ جي حوالي ڪري ڇڏيندو آهي، جيڪو ان جو وڏو حصو پاڻ وٽ رکندو آهي.هو بڪيي ماڻهوءَ لاءِ ايترو حصو ڇڏيندو آهي، جيڪو ان جي بڪايل گهر ۽ ٻارن لاءِ ناڪافي هوندو آهي. اڻ لکيل قانون اهو آهي تہ زميندار ۽ هاريءَ جو حصو برابر برابر هوندو آهي پر زميندار جو ايجنٽ جيڪو ٻٽئي ڪندو آهي ،اهو هاريءَ تي مختلف قسم جون ڪٽتون ڇاڻائيندوآهي. ناٽي ڪمائيندڙ فصلن (Cash Crops) جي ٻٽئي جو تہ سوال ئي ناهي ڇو اهي تہ اڳئي زميندار وٽ پراڻن قرضن ۾ گروي ٿيل هوندا آهن.

هاريءَ جي زمين جي پيداوار ايتري ناڪافي هوندي آهي، جو هو ان تي گذارو نہ ڪري سگهندو آهي، ان ڪري کيس اوڌر وٺڻي پوندي آهي. پوءِ اهو نہ ڪٽندڙ قرض هو سالن تائين پريندو رهندو آهي. قرض جو حساب ڪتاب زميندار جو منشي رکندو آهي. جيڪو عام طرح هڪڙو بي ايمان شخص هوندو آهي. هو هاريءَ جي کاتي ۾ ڪوڙيون داخلائون ڪندو رهندو آهي، جيڪي هاريءَ کي مجبورن مڃڻيون پونديون آهن. زميندار هاريءَ کي بي رحميءَ سان نپوڙيندا رهندا آهن. مسلمان زميندار جيڪي وياج نہ وٺندا آهن، سي هاريءَ تي آبيانو مڙهيندا آهن. هاريءَ کي قرض لاهڻ جي ڪا اميد نظر نہ ايندي آهي ۽ ڇڏڻ جي بہ ڪا واهہ نہ هوندي اٿس. جيڪڏهن هن ڀڄي وڃڻ جي ڪا ڪوشش ڪئي بہ تہ سندس گهر جي هر هڪ شيءِ ضبط ڪئي ويندي آهي. ان کان علاوه هن کي ٻيو ڪو بہ زميندار قبول نہ ڪندو آهي. ڇو تہ زميندار هڪ ٻئي جو لحاظ رکندا آهن. هڪ مقروض هاريءَ کي ان وقت تائين ڪو بہ زميندار قبول نہ ڪندو آهي، جيستائين هو اڳوڻي زميندار جو قرض نہ ادا ڪري. اهڙي ئي قسم جو ڪاروبار وچ اوير جي زماني ۾ غلامن ۽ واپارين جي وچ ۾ هلندو هو. غريب هاريءَ کي ان کان پوءِ ڪسمپرسيءَ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جي زندگي گذارڻي پوندي آهي. قرض جون پيرڪڙيون هن کي جڪڙي رکنديون آهن ۽ پوءِ هو سموري زندگي بي رحم زميندار جي رحم ۽ ڪرم تي هوندو آهي.

هاريءَ کي مفلسيءَ کان جيڪا شيءِ بچائي ٿي اها هن جو چوپايو مال هوندي آهي. هر هڪ هاريءَ کي ڪيترائي ڍور هوندا آهن، جن جي هو پيار سان پرورش ڪندو آهي. ڇو ته اهي ئي ڍور ڍڳا هن کي اضافي آمدني ڏيندا آهن، جن تي هن جو گهر هلندو آهي. زميندارن کي اها شڪايت هوندي آهي ته هاري زمين تي ڌيان ڏيڻ بجاءِ پنهنجي مال جي پرورش تي وڌيڪ ڌيان ڏئي ٿو. پر اها فطري ڳالهه آهي ته جانورن ۾ هن جو ڪو به شريڪ نه آهي. هاري ئي هنن جو اڪيلو مالڪ آهي. جيڪڏهن جانورن جي به ڀڃڻي ڪئي وڃي ها ته صوبي جي چوپائي مال جي دولت ڪافي وقت اڳ ختم ٿي وڃي ها. سنڌ جو چوپايو مال سڄي پاڪستان ۽ هندستان ۾ سٺي شهرت رکي ٿو. اهو خدا جو شڪر آهي جو هاريءَ جي اها صنعت زميندارن جي ڪنٽرول ۾ نه آئي آهي.

اچو ته هڪ خراب قسم جي زميندار جو قريبي مشاهدو ڪريون. جيڪو پنهنجي جاگير ۾ هڪ سردار هوندو آهي ۽ نوڪرن جي فوج رکندو آهي. پلا گهوڙا، ڪتا، ڳئون ۽ مينهون رکندو آهي. هن وٽ هٿيارن جو وڏو تعداد هوندو آهي. هو هر سال شڪار تي هزارين رپيا خرچ ڪندو آهي، هو نمائش ۽ ڏيکاءَ جو شوقين هوندو آهي. ان ڪري مهانگيون گاڏيون رکڻ پسند ڪندو آهي ۽ عياشيءَ جي شين تي گهڻو خرچ ڪندو آهي. هو پراڻي زماني جي نظريي مطابق شاهاڻي زندگي گذاريندو آهي. ڪاڏي ۽ ڪپڙن تي گهڻو خرچ ڪندو آهي. هن جون اڻ ڳڻ جنسي خواهشون هونديون آهن. ڏيکاءَ وارين شين تي پنهنجي آمدني، توانائي ۽ ذهن خرچ ڪندو آهي. هو عورتن جو شوقين ته هوندو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٿي آهي پر ان کان علاوه وٽس سرپرستون به رکيل هونديون آهن. جنسي خواهشن ۾ حد کان وڌيڪ مبتلا هجڻ ڪري هو جنسي طاقت جي ڪُشتن کائڻ تي دل کولي خرچ ڪندو آهي ۽ ناچ گانو ته سندس روزاني زندگي جو حصو هوندو آهي ته ناچ ڪندڙ ڇوڪرين تي به دولت گهور ڪندو آهي. ڪيترن ئي سماجي تقريبن ۾ جهڙوڪ سالگرهه جي ڏينهن، ڄڃن يا پٽ جي شاديءَ تي آفيسرن کي خوش ڪرڻ لاءِ دعوت ڏيندو آهي ته جيئن هن جي شاهاڻي معيار زندگي جي ڌاڪ ويهي ۽ هن جي مخالف زميندار تي رعب پوي. هو شراب جو عادي هوندو آهي. وسڪيءَ جون مهانگيون بوتلون هر رات محفلن ۾ خالي ٿينديون آهن. هو ڀنگ، چرس ۽ آفيم جو ڪوڏيو هوندو آهي ته ساڳئي وقت وڏو مهمان نواز به. هن جو بورچي خانو هميشه پيو هلندو آهي ۽ خاص ڪري اهڙن ماڻهن ۽ هٿيارن کي کارائيندو آهي.جيڪي هن جا طفيلي هوندا آهن. اهو سڀ ڪجهه ايئن ٿيندو آهي جيئن وچئين دؤر ۾ يورپ جا جاگيردار ڪندا هئا.

زميندار جون اهي فضول عادتون ۽ شاهاڻو معيار زندگي هن جي کيسي تي تمام ڳرو بار وجهندو آهي، ڇاڪاڻ ته هن جي جائز ڪمائي ايتري نه هوندي آهي جو اهڙو پورائو ڪري سگهي. ان ڪري هو انهن جو پورائو غير قانوني آمدنيءَ جي وسيلي ڪندو آهي. تنهن ڪري هو هارين تي ناجائز ٽيڪس ۽ آبيانا مڙهيندو آهي ۽ اهي ظالماڻي نموني وصول به ڪندو آهي. هو پاٿاريون رکندو آهي، جتان هو چوراڻل مال حاصل ڪندو آهي. خاص طور تي ڍور ۽ ڍڳا، چورن ۽ ڦورن کي پناهه ڏيندو آهي، جيڪي هن جي چاڙتن جي فوج جو حصو هوندا آهن. پاٿاريدارن جو سرپرست عام طور تي ڪو وڏو زميندار هوندو آهي، جيڪو وڏي زمين رکندو آهي ۽ حڪومت کان ڪو خطاب يا عزت



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ماٺيندو رهندو آهي. پاتاريدار خود مڪمل باعزت ماڻهو هوندو آهي. هن تي ڪڏهن بہ ڪو قانوني ايڪشن نہ ٿيندو آهي، توڙي جو هن جي ڌنڌي جي هن جي پاڙيسرين کي مڪمل خبر هوندي آهي پر ان جي ابتڙ هن کي سندس سرپرست ۽ پوليس جي پاران مڪمل تحفظ مليل هوندو آهي.
هڪ رپورٽ جي مطابق (جيڪا 1926ع ۾ جانورن جي چوري ڪندڙن جي جاچ ڪندڙ ڪاميٽيءَ جي نالي سان شايع ٿي) تہ ڪجهہ ضلعن ۾ جانورن جي چوريءَ ۾ رڪارڊ ڪمي آئي ڇو تہ اتي ڪجهہ بدنام زميندارن کي جيل ۾ وڌو ويو.

هڪ زميندار جون ٻين زميندارن سان جاگيردارانہ رقابتون هونديون آهن، جيڪي پڻ خواهشمند هوندا آهن تہ اهي بہ طاقت ۾ هن جي برابر هجن، ان ڪري هن کي طاقت جو مظاهرو ڪرڻو پوندو آهي تہ جيئن هن جي مخالف زميندار تي دٻدٻو رهي. هن جي راڄ ۽ هارين تي پڻ هن جي شان جو دٻدٻو هجي، جيڪي اهو سمجهي رهيا هجن تہ هو پنهنجي مخالف جي مقابلي ۾ ڪمزور ٿيندو ٿو وڃي. ان ڪري هن کي لازمي طور ظلم ۽ زبردستيءَ جي شهرت رکڻي پوندي آهي تہ جيئن علائقي ۾ سندس ڌهڪاءُ پکڙجي. جنهن جو هڪ طريقو تہ اهو آهي تہ هو بدمعاشن جو ٽولو رکي، جيڪو سندس چوڻ تي چوريون ڪري ۽ ڌاڙا هڻي ۽ سندس مخالفن جي دل ۾ خوف ويهاري. جيترو چورن ۽ ڌاڙيلن جو تعداد هن وٽ وڌيڪ هوندو اوترو ئي سندس خوف ۽ ڌهڪاءُ علائقي ۾ وڌيڪ هوندو. جڏهن هن کي طاقت جو مظاهرو ڪرڻو هوندو آهي، تڏهن هو ڪجهہ چورن کي مخالف پارٽيءَ جو مال چورائڻ لاءِ موڪليندو آهي ۽ ڪجهہ موقعن تي ڌاڙيلن ذريعي هو فائرنگ ڪرائيندو آهي يا وري هٿئي پاسي جي خوبصورت عورت اغوا ڪرائيندو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آهي. هنن جهيڙن جو نشانو بڻجندڙ عام طور تي غريب هاري ئي هوندا آهن.

خوف ۽ ڏهڪاءُ پکيڙڻ جو ٻيو هڪ ذريعو اهو آهي تہ زميندار پوليس آفيسرن جو اعتماد حاصل ڪندو آهي. خاص طور تي حد جي صوبيدار جو. جنهن جي دل وٺڻ لاءِ هو ان کي وسڪي جون بوتلون، پنهنجي گاڏي يا جنسي ضرورتون پوريون ڪرڻ جو سامان ۽ عياشيءَ جو ٻيو سامان پيو مهيا ڪندو آهي. ان کان سواءِ هو ان کي چورايل مال جو حصو پڻ ڏيندو آهي جيڪو ڪيس پاتاريءَ جي ذريعي حاصل ٿيندو آهي. موٽ ۾ صوبيدار سندس ڏوهن جا راز رکندو آهي. سندس چورن ۽ ڌاڙيلن کي تحفظ مهيا ڪندو آهي ۽ ڪنهن بہ وقت سرڪاري آپريشن ٿيڻ جي صورت ۾ اڳواٽ اطلاع ڪندو آهي. جيڪڏهن صوبيدار تي ڪو ڏکيو وقت ايندو آهي تہ زميندار سندس مدد ڪندو آهي. انهيءَ ڳالهہ کي نظر ۾ رکندي، زميندار ايس پي ۽ ڊي ايس پي سان تعلقات ناهيندو آهي ۽ انهن وٽ پنهنجي (شريڪ جرم) يعني صوبيدار جي تعريف ڪندو رهندو آهي تہ هو ايماندار ۽ فرض شناس عملدار آهي ۽ جيڪڏهن وري ڪو صوبيدار هن سان تعاون نہ ڪندو آهي تہ هو ان جي خلاف سندس آفيسرن وٽ شڪايتون ڪندو آهي. ساڳئي نموني هو ٻين آفيسرن جهڙوڪ، روينيو کاتي يا پبلڪ ورڪس کي بہ خراب ڪندو آهي ۽ انهن جو اعتماد حاصل ڪندو آهي، جيڪي پڻ هن جي ناجائز سرگرمين ۾ سندس مدد ڪندا آهن. پنهنجي رعب ۽ دٻدٻي کي اجا بہ وڌائڻ لاءِ ۽ آفيسرن تي پنهنجي پڪڙ مضبوط رکڻ لاءِ هو، وزيرن سان دوستي رکندو آهي، انهن کي خوش ڪرڻ لاءِ انهن جون دعوتون ڪندو آهي. زميندار سيني آفيسرن کي اهو باور ڪرائيندو آهي تہ هو انهن جي بدلي، پروموشن يا معطلي ڪرائي سگهي ٿو. انهيءَ نموني هو انتظاميہ تي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پنهنجو اثر مضبوط رکندو آهي. آفيسرن کي بدعنوان ڪندو آهي. هو انهن کان غير قانوني ڪم ڪرائيندو آهي تہ جيئن هو سندن اشارن تي هلن.

هن جي گهر جا ڳرا خرچ، نوڪر چاڪر، نوڪرياڻيون، سريتون ۽ هن جو مال، گهوڙا، لامحدود مهمان نوازي، مهانگيون سماجي ۽ مذهبي تقريبون، آفيسرن جون دعوتون ۽ رشوتون تيستائين پوريون نٿيون ٿي سگهن، جيستائين هو هاريءَ جو شديد استحصال نہ ڪري چاڪاڻ تہ وٽس ڪو ٻيو ڪو غير قانوني آمدنيءَ جو ذريعو نہ هوندو آهي. هن کي ڪيلڏهن ڪو خوف هوندو آهي تہ اهو فقط قانون ۽ انصاف کان، جنهن کي هو بدعنوان ڪرڻ ضروري سمجهندو آهي. ان لاءِ هو ان کي پنهنجي ناجائز ڪمائيءَ جو وڏو حصو ڏئي ڇڏيندو آهي تہ جيئن تحفظ حاصل ڪري سگهي. اهڙيءَ طرح هو سيني ممڪن طريقن سان آفيسرن کي رشوت ڏيڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. ڪو آفيسر جيڪڏهن هن جي اڳيان ٿيو ۽ ايماندار رهيو تہ اهو پنهنجي سر تي زميندار جي ناراضگي ڪٽندو ۽ زميندار ۽ ان جا چمچا ان ايماندار آفيسر جي خلاف اخبارن ۾ بي بنياد خبرون ڇپرائيندا تہ هو بي ايمان ۽ راشي آهي. زميندار تمام گهڻو بي ايمان هوندو آهي ۽ جيڪو بہ هن جي مفادن کي پورو ڪرڻ کان انڪار ڪندو آهي ان سان هو هر طريقي سان وڙهندو آهي.

زميندارکي جبر ۽ ارهہ زوراٸيءَ سان ڏوهہ ڪرڻ/ڪرائڻ ۾ تمام گهڻو فخر محسوس ٿيندو آهي. جڏهن هو پڪڙيو ويندو آهي تڏهن پنهنجي بچاءَ تي تمام گهڻا پئسا خرچ ڪندو آهي. مئجسٽريٽ کي بہ بدعنوان ڪندو آهي.ايتري تائين جو هو ننڍي اسٽاف کي بہ نہ وساريندو آهي. هو آفيسرن ۾ پنهنجي رهائيءَ لاءِ پئسو پاڻيءَ جيان وهائيندو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# جنين ڏاند نہ ٻج

آهي ۽ جڏهن آزاد ٿيندو آهي تہ وڏي استقبال سان واپس ويندو آهي. اجا بہ جيڪڏهن هو اهڙن ڏوهن جي سرگرمين مان ڪيترائي ڀيرا آزاد ٿيندو آهي تہ هو هڪ عظيم هيرو ٿي ويندو آهي، جنهن جو ذڪر هن جا هاري پاڻ ۾ هڪ ٻئي سان ملاقاتن دوران ڪندا آهن. تڏهن هو هڪ طلسماتي شخصيت ٿي پوندو آهي. هو پسند ڪندو آهي تہ پنهنجن مخالفن تي ڪوڙا ڪيس ناهي ۽ هن ڪي ايئن ڪرڻ جا ڪيترائي گُر ايندا آهن. ڪنهن وقت ڪنهن هاريءَ کي اڳيان ڪيو ويندو آهي ۽ ڪنهن وقت ڪنهن عورت کي زوريءَ اغوا ڪيو ويندو آهي. جيڪڏهن ڪنهن وقت هو ڪنهن هاريءَ کي قربانيءَ جو ٻڪرو ٺاهيندو آهي. بدلي ۾ هو ڪيس اها آڇ ڏيندو آهي تہ هو ان جي خاندان جي پالنا جي ذميواري کڻندو. ڪورٽ ۽ قانون هن جي لاءِ تفريح جو مرڪز بڻجي ويندا آهن. غريب هاريءَ کي ڪينهوڙي (بال) وانگي انهيءَ سڄيءَ راند ۾ هيڏانهن هوڏانهن تڏيو ويندو آهي.

هتي ڪجهہ سنا ۽ خراب ٻنهي قسمن جا زميندار هوندا آهن. مون مٿي ڏنل پئراگرافن ۾ خراب قسم جي زميندارن جو ذڪر ڪيو آهي. مان اهو مڃان ٿو تہ هتي ڪجهہ سنا زميندار بہ آهن، جيڪي انسانيت جو نمونو آهن، پر انهن جو تعداد ٻنهہ گهٽ آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

باب ٻيون

# سنڌ ۾ زراعت

سنڌ ۾ اڪثر ڪري زمين جي آباديءَ جو معيار گھٽ آهي ۽ ڪيترن ئي زرعي ماهرن بيان ڪيو آهي تہ زراعت جي سلسلي ۾ سنڌ جا هاري اوائلي دؤر ۾ آهن. اهي زمين تي سخت محنت لاءِ دلچسپي نٿا رکن. مختلف علائقن، جتي پنجابي هاري تازو ئي آباد ٿيا آهن، اتي پرپاسي رهندڙ هارين ۽ انهن پنجابي هارين ۾ نمايان فرق آهي. پنجابي هاري پيداوار جي معيار ۽ واڌ ۾ هڪٻئي کان گوءِ کڻڻ جي چڪر ۾ هوندا آهن. زمين کي تيار ڪرڻ ۽ عام طور تي ان کي آباد ڪرڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪن ٿا. سيئي هاري بهترين نتيجو ڏيڻ لاءِ اتساهہ ۾ ڀريل هوندا آهن. اهي سڌارا آڻين ٿا. هڪ پنجابي هاري جلد ئي اهي سڌارا عمل ۾ آڻي ٿو جيڪي سندس پاڙي وارن پاران متعارف ڪيا ويـن ٿا. انهيءَ جي ڀيٽ ۾ هتان جا هاري سڌارن بابت گھٽ دلچسپي رکن ٿا. اهي زمين جي تياريءَ ۾ دلچسپي ئي نٿا وٺن ۽ زمين تي چڱيءَ ريت هر ڏيڻ کانسواءِ ٻج ڇٽين ٿا، گند گاهہ ڪڍڻ بابت بہ گھٽو خيال نٿو رکيو وڃي، ان جو نتيجو اهو ٿو نڪري جو انهن جي في ايڪڙ آبادي پنجابي هاريءَ جي ڀيٽ ۾ گھٽ لهي ٿي. سنڌ جو هاري محنت ۽ سڌارا آڻڻ ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

دلچسپي گهٽ رکي ٿو. جنهن جا ڪجهہ مٿيان سبب آهن پر انهن ۾ ٻٽئي جو نظام مک سبب آهي. ميجارٽي رپورٽ جو حوالو آهي تہ ٻٽئي نظام جيئن لاڳو ڪيو پيو وڃي ائين نقصانڪار آهي.هاري ان حساب سان فائدو نٿو ڏئي تہ اهو زمين جي مستقل سڌاري ۾ رقم سيڙائي ۽ پورهيو وڌائي يا ان جي قدرتي زرخيزيءَ مان فائدو وٺڻ جي ڪوشش ڪري.

ميجارٽي رپورٽ موجب:

*جيڪڏهن زميندار ڪنهن هاريءَ کي سندس زرعي سڌاري واري عمل بابت زور ڀري ٿو تہ هاري سندس زمينن تي ڪم ڪرڻ ۽ هاريپي کان جواب ڏيندو ۽ ڪنهن ٻئي زميندار جي ڪم ۾ لڳي ويندو. هن لاءِ هڪ وڏي ايراضيءَ کي آباد ڪرڻ، ننڍي ٽڪري تي گهٽي آبادي ڪرڻ کان وڌيڪ فائديمند ۽ سهولت وارو ڪم آهي. اهڙيءَ ريت هن جا ذاتي مفاد قومي مفادن جي ابتڙ تي وڃن ٿا.*

گهٽ پيداوار واري آباديءَ جو سبب ناڪاره نظام آهي. جنهن ۾ هاريءَ جي انساني بنيادي حقن کان انڪار ڪيو ٿو وڃي. هن کي ڪيترن ئي نسلن کان وٺي زمين کي کيڙٽو ٿو پوي، جنهن جي هن کي نہ مالڪي ملندي نہ وري هن کي اهڙي اميد آهي. ان ڪري هن کي ڇو بهتر آباديءَ ڪرڻ ۾ دلچسپي هجي؟ ڪيس ڇو قوم ۽ قومي مفادن لاءِ پريشان ٿيڻ گهرجي؟ جيڪي هن جي پورهيي ۽ پگهر سان پلجي ڪيس رڳو مارين ٿا. سنڌ جي هاريءَ جو ڪيس peasants of lombardy اٽليءَ جي پراڻي پٽيشن ۾ چٽيل آهي، جيڪا وڏي پئماني تي لڏپلاڻ خلاف هڪ منسٽرل سرڪيولر جي جواب ۾ آهي، اها هن ريت ڏنل آهي:

*"قوم مان ڇا مراد آهي محترم منسٽر؟ ڇا اها گهٽيون تڪليفون ڏسندڙن جو هڪڙو مجموعي انگ آهي؟ جيڪڏهن ائين آهي تہ*



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پوءِ حقيقت ۾ اسان واقعي هڪ قوم آهيون. اسان جي هيڊن ۽ لٽل ڇهرن ڏانهن ڏسو. اسان جي ڪمزور جسمن ڏانهن ڏسون جيڪي گهٽي پورهيي ۽ اڻ پوري خوراڪ سبب ساٽا ٿي ويا آهن. اسين ڪٽڪ پوڪيون ۽ لٽون ٿا پر ڏءِ ڪري بہ ويلا ماني ڪڏهن بہ نٽا ڪائون. اسان چوپايو مال پاليون ٿا پر گوشت يا کير ڪڏهن نٽا چکون. اسان کي ڦاٽل ڪپڙا پهريل آهن اسان سياري ۾ برف ٻٽجون ٿا ۽ اونهاري ۾ باهہ ٻٽجون ٿا. اسان جي پالنا رڳو اڻليءَ جي ذرتيءَ تي آهي، جيڪا ٽئڪس جي ڪري مهانگي ڪئي وئي آهي. تپ ۽ بخار اسان کي خشڪ علائقن ۾ نهوڙي ڇڏي ٿو. آلوده علائقن ۾ اسان ان جي اثر ڪان بچڻ لاءِ دعا گهرون ٿا. اسان جو خاتمو اسپتال يا ڪئبن ۾ وقت کان اڳ موت جي صورت ۾ ٿئي ٿو ۽ ان جي باوجود منسٽر صاحب! توهان اسان کي پناهگير نہ ٿيڻ لاءِ چئو ٿا. پر جتي انتهائي محنت ۽ مشقت سان ماڻهو پيٽ جو گذر بہ نہ ڪري سگهي، ان کي ماڻهو پنهنجو ديس سڏي سگهي ٿو؟"

سنڌ زرعي ابتري، امير ۽ غريب ماڻهن جي فائدي جي ڪري مڪمل طور تي نہ پر زمين جي مالڪيءَ/ ملڪيت واري بيڪار نظام جي ڪري ٿي آهي، جيڪو سڄي واڌ يا خوشحاليءَ کي روڪي ٿو. واندڪائي ۽ رت چوسڻ وارا لاڙا، جيڪي زميندارن ۾ زمين جي ملڪيت جي غلط نظام ڪري وڌيا آهن.اهي زمين جي انتظام کي هلائڻ لاءِ ڪين نااهل ثابت ڪن ٿا. هو پنهنجون سڀ واڳون ۽ اختيار ايجنٽن/ڪمدارن جي هٿن ۾ ڏئي ڇڏين ٿا. جيڪي زمين جي ترقيءَ ۽ واڌاري کان وڌيڪ پنهنجي ۽ زميندار لاءِ مال ناهڻ ۾ دلچسپي رکن ٿا. اهي ڪمدار ۽ ڪاراوا، زميندار جي هٿان ٿيندڙ هارين جي استحصال جا اوزار آهن ۽ هاري طبقي جي تڪليف جو مک سبب آهن. ساڳي ميجارٽي رپورٽ جو حوالو آهي تہ هارين جي سڌيءَ طور تي غير اطمينانيءَ جو سبب ڪمدارن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پاران ساڻن نا انصافي ۽ خوف ناهي، پر غير حاضر زميندار نظام آهي. جيڪو هن صورتن ۾ ٿي سگهي ٿو، هڪ زميندار جيڪو پنهنجي زمين تي نٿو رهي، ٻيو اهو زميندار جيڪو زمين تي گهٽ رهي ٿو يا اهو انتظام ۽ ترقي ۾ دلچسپي نٿو وٺي. سنڌ ۾ ٻئين نمبر واري صورت وڌيڪ رائج آهي. هڪ آمريڪي اقتصاديات جو ماهر دعويٰ ڪري ٿو تہ جنگ کان پوءِ ٻئين نمبر تي بک ۽ بدحالي خراب ترين شيءِ آهي. جيڪا ڳوناٽي ڪميونٽي ۾ ٿي سگهي ٿي. غير حاضر زميندار نظام حقيقي زوال کان اڳ تباهيءَ جي آخري اسٽيج آهي.

جڏهن زميندار پنهنجن ڪمدارن مان ٺڪجي پوندا آهن تہ جلدئي ڪين زمين نگرانيءَ هيٺ ڏيڻ هڪ بيڪار ڌنڌو سمجهي، پنهنجي زمين هين آبادگارن کي مقاطعي تي ڏئي ڇڏيندا آهن. گهڻو ڪري انهن واپارين کي ڏيندا آهن جن کي واٽيو سڏيو وڃي ٿو. زمين جو گهڻو تڻو حصو هندو استحصالين کي مقاطعي تي ڏنو ويندو آهي. جيتوڻيڪ اهڙن مقاطعن جا انگ اکر موجود ناهن، تنهن هوندي بہ نوابشاه ۾ رهائش واري عرصي واري منهنجي ڇاڻ مطابق تہ سچيءَ سنڌ ۾ مقاطعي وارو علائقو ڪيترائي لک ايڪڙ ٿيڻ گهرجي. ڪورٽ آف واردس ڊپارٽمينٽ ئي صرف 92500 ايڪڙ جو علائقو سنڀالي ٿي جيڪو ساليانو مقاطعي تي ڏنل آهي.

هڪ سروي مطابق زميندار ملڪيت جي سڄي علائقي جي زمين جو 40 سيڪڙو کان وڌيڪ مقاطعي تي ڏنل آهي. مقاطعو وٺندڙن (جيڪي زمين پنج سالن تائين مقاطعي تي وٺن ٿا) کي زمين کيڙيندڙن کي ڀرپور نموني سان استحصال ڪرڻ کانسواءِ ٻي ڪابہ دلچسپي ناهي. اهڙيءَ ريت اهي هارين سان وڏو ظلم ڪن ٿا. اهو طبقو نہ ئي هارين جي ڀلائي چاهي ٿو نہ ئي زراعت ۾ دلچسپي رکندڙ آهي بلڪ انهيءَ طبقي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مقاطعي هيٺ هارين جي پيڙا ۾ اضافو ڪيو آهي. اهي پورهيت ۽ پورهيي ٻنهي جو استحصال ڪن ٿا. زميندار ۽ وياج تي پئسا ڏيندڙ گڏيل حيثيت ۾ سندن استحصال ڪرڻ ۾ هڙئي حدون ٽوڙي ڇڏين ٿا. مون پاڻ خود اهڙن مقاطعي وارن هارين جا گهر گهميا آهن. مان انهن جي پيڙا ۽ پريشانيءَ جو شاهد آهيان. مقاطعي مان هارين جي بي رحم استحصال جي ذميواري ٻئي ڪنهن جي مٿان نہ پر زميندار جي مٿان اچي ٿي. اها زميندار جي سستي ۽ لالچ ئي آهن. جيڪي ڪيس سولي فائدي لاءِ زمين اهڙن ماڻهن کي مقاطعي تي ڏيارين ٿيون. جن کي غريب آبادگارن لاءِ ڪو رحم ۽ خيال ناهي. مٿيون حقيقتون اهو ڏيکارڻ لاءِ ڪافي آهن تہ نالائق زميندار جو زمين ذريعي قومي مفاد تي ڪيئن ضابطو آهي. سنڌ جي پيداوار ٻيڻ اجا بہ ٽيڻ تي ٿي پئي سگهي پر جيڪڏهن زميندار جو ڪنٽرول ختم ڪيو وڃي. آباديءَ لائق زمين جا ڪيترائي ايڪڙ زميندارن جي صحيح نموني انتظام نہ هلائڻ ڪري هر سال غير آباد رهن ٿا. اهو ميجارٽي رپورٽ ۾ ٻڌايل آهي.

هارين جي بي ڏياني ۽ تنگ نظريءَ تي ٻڌل لڏو. انهن زميندارن جي اڪثريت واري سوچ کان وڌيڪ ناهي. اسان زرعي رياست جي برقرار رهڻ جي هڪ هلڪي اميد ڪري سگهون ٿا. جيستائين زميندار وقت سان گڏوگڏ اڳتي نہ وڌندا. جيڪڏهن زميندار ي نظام کي جيئڻو آهي تہ پوءِ زميندارن کي پنهنجي ماڻهن جي ڀلائيءَ لاءِ گهڻي دلچسپي وٺڻي پوندي. جيئن ماضيءَ ۾ ڪيترن ئي اهڙو ڪردار ادا ڪيو آهي. اسان ان سان سهمت آهيون. حڪومت کي زرعي زمين جي انتظام لاءِ فزيبلٽي اختيار ڪرڻ گهرجي. جتي آزاد زمين تہ موجود آهي پر صحيح نموني سان ان جو استعمال نٿو ٿئي اتي ان کي درست نموني لاڳو ڪيو وڃي. موجوده ٻٽئي نظام بنيادي طور تي غلط آهي، اهو آبادگار لاءِ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ناانصافيءَ تي مبني آهي. هن نظام جي ڪري پورهيي ڪندڙ جو استحصال ٿئي ٿو. انصاف ۽ برابريءَ جهڙا اوصاف ان نظام جي حمايت نٿا ڪري سگهن نہ ئي انساني عظمت ان سان سهمت ٿئي ٿي.

هاري جي حصي جي تڪليف، اهنج ۽ زراعت ۾ عدم دلچسپي، زميندار طرفان سستي، نااهلي، بدعنواني ۽ استحصال سڌيءَ ريت بڻئي نظام جو نتيجو آهن. جيڪڏهن سنڌ جي زرعي آباديءَ ۾ اهڙو ناحق وارو نظام ڊگهي مدي تائين لاڳو رهيو آهي تہ اهو ڇمڻ واري خاصيت يا نظام جي استحصال جي ڪري نہ پر ان قانون جي بالادستيءَ جي ڪري آهي، جيڪو شهنشاهيت جي ايجنٽن پاران لاڳو ڪيو ويو آهي ۽ جن زمينداريءَ جي زور تي پاڻ کي ناهيو آهي. هاڻي اها شهنشاهيت ختم ٿي وئي آهي ۽ بڻئي نظام پڻ ختم ٿيڻ گهرجي. جمهوريت جو اصول تقاضا ڪري ٿو تہ ماڻهوءَ جو ماڻهوءَ پاران استحصال بند ٿيڻ گهرجي. سڄي نظام تي هڪ سخت فتويٰ لاڳو ٿي سگهي ٿي جيڪا مسٽر چارلس رسل آئرلينڊ ۾ ڏني هئي، تہ اهو بلڪل صحيح ٿي سگهي ٿو تہ هڪ غلط دماغ جي حيثيت ۾ قومي ڪردار ۾ بيڪار خصلتون هڪ سوچيل سمجهيل منصوبي هيٺ وڌيون ويون هجن ۽ بهتر عادتن کي دٻايو ويو هجي. واندڪائيءَ بدديانتيءَ ۽ بيڪاريءَ کي اتساهيو ويو هجي. مون کي حيرت آهي تہ اهي نقص آئرش ماڻهن جا نہ آهن جيئن اهي رهن ٿا. اهي سندن فطرت ۾ ايترا حليم آهن ۽ کين ائين رکيو ويو آهي. هاريءَ جي ڪمزور معاشي حالت، سندس عدم تحفظ جو مدو زميني مدي جي ناقص نظام جو نتيجو بڻجي ٿو. اهو هن لاءِ قانون جي مدد کي گهٽائي ٿو، جيڪو خود سستو آهي. هن جو قانوني ڪيس ڪيڏو بہ مضبوط هجي، پر ڪيس پنهنجي ڪيس کٽڻ جي ڪڏهن بہ پڪ ناهي. هن کي پڪ هوندي آهي تہ هو زمين هارائيندو، جيڪا سندس



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

گذران جو ذريعو آهي. هن کي پڪ هوندي آهي تہ هو طاقتور زميندار جي هٿن ۾ ڪيترين تڪليفن ۽ اهنجن کي منهن ڏئي ٿو. جنهن جي خلاف هو ڪا بہ قانوني مدد نٿو وٺي سگهي. اهو تجربو هن لاءِ هڪ تمام دڪدائڪ ۽ مهانگو تجربو آهي. جيڪڏهن هو هڪ ڀيرو اهڙو تجربو ڪري ٿو تہ وري ڪڏهن بہ اهڙي عمل کي ورجائڻ جي غلطي نٿو ڪري. قانون جي سهائتا وٺڻ لاءِ ماڻهوءَ وٽ ذريعا ۽ همٿ جو هجڻ ضروري آهي. جڏهن تہ استحصالي نظام ۾ هن لاءِ ٻنهي ڪان انڪار ڪيو وڃي ٿو. هن لاءِ ڪو بہ قانون مدد ڪرڻ نٿو اچي. اها دڪدائڪ حقيقت آهي، جيڪا موجوده حالتن ۾، سول توڙي ڪرمنل ڪورٽن جي ڪيترن ئي ڪيسن مان ڄاڻي سگهجي ٿي. آرٿر ينگ چواڻي تہ شخصي ملڪيت جو جادو مٽيءَ کي سون ۾ تبديل ڪري ٿو ڇڏي. ڪنهن ماڻهوءَ کي بنجر زمين جي ٽُڪَر جو محفوظ قبضو ڏيو، هو ان کي باغ ۾ تبديل ڪري ڇڏيندو پر توهان هن کي هڪ باغ نون سالن لاءِ ليز تي ڏيو تہ هو ان کي کنڊر ۾ تبديل ڪري ڇڏيندو.

گذريل پيراگرافن ۾ ڪيترين ئي شديد ۽ عام پکڙيل حقيقتون بي نقاب ڪيون ويون آهن جيڪي زميندار ۽ هارين جي متضاد مفاد جي نتيجي جون پيداوار آهن.انهن کي ڪن خاص واقعن جي ذريعي کولي سمجهايو ويو آهي ۽ اهو ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي تہ اهي ڪنهن جهالت جون پيداوار نہ آهن نہ ئي ڪن فردن جي خراب روش جي ڪري ٿيون آهن پر اهي تہ هن نظام جون پيدا ڪيل آهن.انهيءَ ڳالهہ جو فقط حل اهو آهي تہ هارين کي آزاد ڇڏيو وڃي ۽ انهن کي سندن قسمت جو مالڪ بڻايو وڃي، جيستائين هنن کي زميندار جي اطاعت جي رشتي ۾ ٻڌو ويندو، تيستائين هو قانون جي پاران مهيا ڪيل تحفظ حاصل نہ ڪري سگهندا . ماضيءَ ۾ هارين جي تحفظ لاءِ جيڪا قانون سازي ڪئي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وئي ۽ جنهن مان وڏيون اميدون هيون تہ ان سان غريبن کي نجات ملندي، سا جلد ئي هڪ گر تي ويل خط جي حيثيت اختيار ڪري وئي. قانوني طريقيڪار جي قيمت غريب جي پهچ کان مٿي آهي. هنن جا هوشيار قانوني مشير انهن قانونن ۾ جلد ئي خاميون تلاش ڪري ونن ٿا، جيڪي انهيءَ جو اصل مقصد ختم ڪري ڇڏين. گهڻا قانون آبادگارن جي فائدي لاءِ ناهيا ويا هئا، پر اهي وقت گذرڻ کان پوءِ سرد خاني جي حوالي ٿي ويا. جيڪي ٿيننسي قانون ذريعي برصغير جي ڪيترن ئي حصن ۾ نافذ ڪيا ويا، تن مان زميندار تہ ڪاميابيءَ سان نڪري ويا پر انهن غريب هارين کي تمام گهٽ فائدو ڏنو. جڏهن تہ قرضن لاءِ قانون سازيءَ مقروضن کي نجات ڏيارڻ ۾ ناڪام وئي ۽ وياج خورن جي استحصال کان نہ بچائي سگهي. اجا بہ انهن قانوني وياج خورن (Money-lenders) کي وڏيڪ طاقتور ڪري ڇڏيو.

1875ع جو ڊيڪن زرعي ائڪٽ ۽ 1938ع ۾ زرعي قانون، صديءَ جي چوٿائين جا صرف تحريري قانون ئي رهيا. انهن غريب هارين کي ڪو بہ ڳڻڻ جوڳو فائدو نہ ڏنو، جن جي ڀلائيءَ لاءِ اهي ناهيا ويا هئا. زرعي قانون مطابق قرض صرف بي زمين هارين لاءِ آهي، پر منهنجي مشاهدي ۾ اهڙو ڪو بہ قرض اڄ ڏينهن تائين ڪنهن بہ اختياريءَ پاران غريبن کي نہ مليو آهي. تقاوي قرض جو مقدار جيڪو پنجن سالن (45-1950ع) ۾ زميندارن کي ڏنو ويو ان جو مقدار 1,600,055 آهي. مون کي تازو ئي هڪ قرض جي خبر آهي جيڪو ٻہ لک آهي ۽ اهو نواب شاهہ جي هڪ زميندار کي مليو آهي. غريب هاري جن جو پگهر ۽ پورهيو صوبي جي آمدني ناهي ٿو، اهي صوبائي روينيو ڪاتي مان اهڙو ڪو بہ قرض حاصل نٿا ڪري سگهن، حالانڪ قانون اهڙي مدد مهيا ڪري ٿو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڊاهڻ گھرجي. پر تنهن هوندي بہ مون کي اجازت ڏيو تہ مان ڪميٽيءَ جون هتي ڪجهہ دلچسپ سفارشون بيان ڪريان. اهو قانوني ڏوهہ تسليم ڪيو وڃي تہ هڪ هاري قرض ڀيارڻ کان سواءِ ڀڄي وڃي تہ ڏنڊ ۾ ان جو مال يا ڏاندن جو جوڙو نيلام ڪيو وڃي. انهيءَ کان علاوہ جيڪڏهن هو مئجسٽريٽ جي سامهون اهو ڏوهہ تسليم ڪري تہ ان کي معمولي قيد جي سزا ڏني وڃي. جيڪا هڪ مهيني کان مٿي نہ هجي.

ڊيڪن زرعي رليف ائڪٽ جو سيڪشن 21 ضمانت مهيا ڪري ٿو تہ ڪنهن بہ آبادگار کي گرفتار ڪيو يا جيل ۾ نہ وڌو ويندو توڙي جو ڪورٽ پئسن جي وصوليءَ لاءِ فرمان جاري ڪري. هاريءَ کي تہ ان ۾ خاص تحفظ مهيا ڪيو ويو آهي. توڙي جو عدالت ان جي خلاف حڪم جاري ڪيو هجي (هڪ اهڙو قانون جنهن مان ڪير بہ فائدو حاصل نٿو ڪري) پر ڪميٽيءَ جي سفارشن ۾ تجويز ڪيل آهي تہ هاريءَ کي قرض نہ ادا ڪرڻ ۽ ڀڄي وڃڻ جي صورت ۾ جيل موڪليو وڃي. اهو هڪ اهڙو مرحلو آهي، جتي ان جي خلاف ڪا بہ ذميواري ثابت نہ ٿي ٿئي. ڏسو تہ ڪيئن نہ هڪ هاريءَ کي مضبوط حق مهيا ڪيا ويا آهن! رپورٽ جو ٻيهر حوالو ڏيندي چيو ويو آهي تہ اسان ڄاڻي واڻي هاريءَ جي حق ۾ مضبوط قانون مهيا ڪيا آهن. جن سان هن جو لاڳاپو هميشہ گهٽ رهيو آهي. نہ فقط هاري، پر زميندار پڻ جيڪڏهن ڪنهن مقروض هاريءَ کي ان جو قرض ادا ڪرڻ کان سواءِ ان کان ڪم وٺي تہ ان لاءِ پڻ هڪ مهينو قيد ۽ هڪ هزار رپيا ڏنڊ جي سزا تجويز ڪيل آهي. اهي تجويزون تہ اسان کي يورپ جي وچئين دؤر جي ڏينهن ۾ غلامن جي ٿيندڙ تجارت ۽ ڪاروبار جون يادون ٿيون تازيون ڪرائين.

زمين هڪ قومي ورثو آهي، زمين جي طاقت جو تحفظ ۽ ان ۾ سڌارو، زرعي پيداوار جي لحاظ کان اهميت رکن ٿا. اهڙي ذميواري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

رياست جي مٿان آهي، مٿيون سٽون اڪثريتي ڪميٽيءَ پنهنجي بيان ۾ چيون آهن ۽ آئون انهن سان مڪمل طور سهمت آهيان.

لارڊ هيسٽنگس پڻ پنهنجي زميندارن بابت هڪ فيصلي ۾ ساڳيون ڳالهيون ڪيون آهن. زميندارن سيني جي زمين، ماٺهن جن طبقن ڪي سيني صوبن ۾ هڪ رعايا بٽائي ڇڏيو آهي ۽ انهن جو مڪمل استحصال ڪندا رهن ٿا ۽ اسان ڪنهن بہ طريقي سان انهن جي تڪليف جو ازالو ڪري نہ سگهيا آهيون. جيڪڏهن اسان زرعي مزدورن ۾ ڪو سڌارو يا بهتري آڻڻ چاهيون ٿا تہ ان جو هڪ ئي حل آهي تہ اسان آبادگارن کي هڪ آزاد حيثيت ڏيون. ڪين زمين ۾ حصيدار بٽائي، انهن کي زمين جو ٽڪر ڏئي، حقيقي مالڪ بٽائي ڇڏيون. انهيءَ جي معنيٰ اها ٿي تہ زميندارن کان ملڪيت کسٽي پوندي. ان مان اهو ضرور سمجهيو ويندو تہ انهيءَ قدم کڻڻ سان قوم تجربيڪار زميندارن جي تجربي مان ڪو فائدو حاصل نہ ڪندي، پر آئون سمجهان ٿو تہ اها اسان جي خوشقسمتي ٿيندي تہ اسان سندن تجربي صلاحيت کان پاسيرا رهون. انهن کان زمين کسڻ سان اسان صرف ست هزار زميندارن جي تجربي کان محروم ٿينداسين پر اسان ساڳئي وقت ويهہ لک هارين جي تجربي، دلچسپي ۽ ڪوشش جو فائدو حاصل ڪنداسين. اهي پنهنجي زمين جا مالڪ ٿيندا ۽ پنهنجي ڪيڙي پوکيءَ ۾ وڌيڪ دلچسپي وٺندا ڇو تہ اهي زميندارن کان وڌيڪ باصلاحيت آهن. هتي مان اها ڳالهہ نٿو ڪريان تہ اسان زميندارن کي مڪمل طور تي نظر انداز ڪرڻ چاهيون ٿا، پر ڪين ڪنهن مناسب حد تائين زمين جي ايراضي ڏني وڃي تہ جيئن هو پنهنجو تجربو بہ اسان کي ڏيندا رهن. هڪ دفعي آئون پنهنجي ضلعي جي هڪ تمام وڏي زميندار سان شڪار تي ويس. اسان سان گڏ هاري شڪارين جو گروپ پڻ گڏ هو. شڪار ڪانپوءِ آئون انهن هارين سان ڪچهري ڪرڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

لاءِ ويهي رهيس ۽ مون ڪانئن سندن زميندار بابت سوال شروع ڪيا. انهيءَ ڪچهريءَ ۾ اهو زميندار پڻ موجود هو. انهن مان ڪن ملنگي مرڪ ڏيندي اهو چيو، "اسان جو زميندار سٺو آهي ۽ پيءُ برابر آهي". پر ڪيترائي انهن مان خاموش رهيا. مون ڪانئن وري پڇيو، "ڇا توهان سدائين هاري رهڻ چاهيو ٿا، يا جيڪڏهن سرڪار توهان جي مدد ڪري تہ خود زمين جا مالڪ ٿيڻ چاهيندؤ؟" انهيءَ سوال تي سيني هڪ آواز تي جواب ڏنو، "ها". جيڪڏهن اسان کي زمين جو ڪو ٽڪر ملي پوي تہ انهيءَ کان وڌيڪ بهتر بي ڪا ڳالهہ ڪهڙي؟" مون کين چيو، "ياد رکجو جيڪڏهن توهان کي پنهنجي زمين ملي تہ پوءِ توهان کي زميندار کان ڪڏهن بہ يا ڪنهن بہ ضرورت وقت قرض يا مدد نہ ملندي." جنهن تي انهن جواب ڏنو، "جيڪڏهن اسان کي پنهنجي زمين ملندي تہ اسان زميندار کان ڪڏهن بہ قرض نہ وٺنداسين، اسان کي زمين ڏيو اسان ڪنهن جي مٿان بار نہ ٿا بڻجڻ چاهيون" مون وري ڪانئن پڇيو، "ڇا توهان اهو چاهيو ٿا تہ سرڪار زميندار کان زمين کسي توهان کي ڏئي؟" جنهن تي سندن منهن تي هڪ رازدارانہ مرڪ اچي وئي. جيڪڏهن ان وقت هو ڪليل نموني هائوڪار ڪن ها تہ شايد زميندار اڳيان کين شرمسار ٿيڻو پوي ها. حالانڪ سندن چپن تي جواب "ها" ۾ ئي هو پر انهن زميندارن جي دٻ کان صرف اهو چيو، "اها حڪومت جي وس جي ڳالهہ آهي جيئن اها فيصلو ڪري. اسان انهيءَ بابت ڪجھ بہ نہ ٿا چئي سگهون." 1947ع ۾ روينيو کاتي اهو فيصلو ڪيو تہ سرڪاري زمين جا چوويهہ هزار ايڪڙ هارپ گرانٽ تي هڪ هزار هارين کي ڏنا وڃن. انهيءَ جي چونڊ لائيڊ بئراج (سکر بئراج) جي روينيو آفيسر کي ڪرڻي هئي. جنهن سڄيءَ سنڌ جو دؤرو ڪري مناسب گرانٽس جي چونڊ ڪئي. هن نوابشاهہ ۾ ڪجھ ڏينهن لاءِ پنهنجي ڪئمپ قائم ڪئي. جنهن ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# جنين ڏاند نه پڇ

صبح کان شام تائين هزارين هاري ولر ڪيو ڪئمپ جي چوڌاري بيٺا هوندا هئا. هن کان اڳ مون ڪڏهن به ڪنهن به ڪئمپ، ڪنهن به سرڪاري دربار يا ڪنهن سياسي جلسي ۾ ايڏي وڏي تعداد ۾ هاري نه ڏٺا هئا. هارين جي وڌندڙ تعداد بنگلي جو انتظام ٽوڙي ڇڏيو ۽ سون جي تعداد ۾ بنگلي جي باغ ۽ روينيو آفيسر جي خانگي ڪمري ۾ گهڙي آيا. اهي ان وقت اٿين ڏسڻ ۾ آيا، جڏهن ڪي بکيا ڪاڏي تي مڙيا هجن. روينيو آفيسر پوليس کي گهرائي ڪين ٿورو مفاصلي تي رکيو ۽ اعلان ڪيو ته گهربل تعداد ۾ اسان کي درخواستون حاصل ٿي ويون آهن هاڻ وڌيڪ درخواستن جي گهرج ناهي. تنهن هوندي به هاري بنگلي جي چوڌاري سرڻين ۽ بازن (جيڪي صرف گوشت کي سُنگهي سگهندا آهن ۽ پهچي نه سگهندا آهن) وانگر لامارا ڏيندا رهيا. روينيو آفيسر لکيو آهي ته هن 40 هزار درخواستون وصول ڪيون پر عام ماڻهن کي زمين جي نيڪال بابت خبر پئجي نه سگهي. بي صورت ۾ درخواستون لکن جي تعداد ۾ملن ها.نظير احمد آءِ سي ايس آفيسر جي سالياني رپورٽ جي ڏنل خلاصي مان خبر پوي ٿي ته بي زمين هاري، زمين حاصل ڪرڻ لاءِ ڪيترا نه بيتاب هئا. مون کي ذاتي مشاهدو ٿيو ته جنهن ڪئمپ ۾ به ويس، اتي ماڻهن جو غير معمولي ميڙ هو. جيڪي مختلف سوارين ذريعي اتي پهتل هئا. گهڻا ماڻهو ڏاند گاڏين ذريعي سفر ڪري اتي اچي پهتا هئا. اندر ۾ آس هئن ته اڄ قادر پنهنجي ڪرم سان ڪنهن مسيحا کي موڪليو آهي ۽ ورهين جو اوسيئڙو پنهنجي پڄاڻيءَ کي پهچندو. پنهنجي انگ اگهاڙن ٻارن لاءِ ڪو زمين جو ٽڪرو هارپ واري شرط تي حاصل ڪندا.انهيءَ حقيقت کان به منهن موڙي نٿو سگهجي ته هن وقت اسان جا بي زمين هاري پنهنجي حقن جي حاصلات لاءِ بي قرار آهن ته جيئن جابر زميندارن جي ظلم کان نجات حاصل ٿي وڃي ۽ خودمختيار



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

رهي پنهنجي زمين جو ٽڪر حاصل ڪري سگهجي. جڏهن تہ هاري پنهنجي زندگي سڌارڻ لاءِ ڪوششون ڪري رهيا آهن ۽ هينئر هو سجاڳ پڻ آهن.

هارين جا ڪهڙا مسئلا ۽ مشڪلاتون آهن انهن تي ويهي ويچار ڪجي تہ معلوم ٿيندو تہ ڪين انيڪ رڪاوٽون ۽ مونجهارا درپيش آهن. پهرين اهم ڳالهہ تہ هاري غير محفوظ آهن. زميندار پوکيل زمين تان ڪنهن بہ وقت ڪين بيدخل ڪري سگهي ٿو ۽ زميندار کي ڪير بہ ان عمل کان روڪي نٿو سگهي. ڪنهن بہ جاچ جي ضرورت ناهي. هر ڪنهن کي خبر آهي تہ هاري، ٿتيءَ توڙي ٿڌيءَ ۾ پنهنجي زمين تي سخت محنت ڪري فصل تيار ڪري ٿو، پر افسوس اهو آهي تہ انهيءَ پورهيت کي رهڻ لاءِ پنهنجو مناسب اجهو بہ ناهي. اهي هارين جا سور ۽ مسئلا تڏهن حل ٿي سگهن ٿا، جڏهن ڪين پنهنجي پوکيءَ لاءِ مالڪاڻي حقن هيٺ زمين جو ٽڪر الاٽ ڪيو وڃي. اهڙيءَ ريت زراعت کي هٿي وٺرائي قديم ورثي ۾ مليل غربت ۽ مفلسيءَ کي گهٽائي سگهجي ٿو، جنهن جون جڙون سگهارن جي سگهہ ۽ اثر رسوخ ڪري مضبوط کان مضبوط تر ٿي چڪيون آهن، هاڻ اهو ضروري آهي تہ شراڪت جي شرط تي بي زمين هارين کي شريڪ ڪيو وڃي تہ جيئن هو خود زميندار ۽ ڪاشتڪار ٿي سگهن ۽ مستقل طور ان زمين تي رهائش اختيارڪن.

اهي هاري جن پنهنجا زمين جا ٽڪرا خريد ڪيا آهن، اهي هن وقت سکيا ستابا ۽ مطمئن نظر اچن ٿا. اهڙا هاري تعلقي ڪنڊياري ضلعي نوابشاهہ ۾ بي زمين هارين جي ڀيٽ ۾ وڏيڪ خوشحال زندگي گذاري رهيا آهن. مون گهڻن موقعن تي انهن هارين کي ڏٺو تہ اهي پنهنجي پوکي راهيءَ ۾ تمام گهڻي محنت ۽ مشقت ۾ مصروف هئا تہ جيئن پنهنجي اپت ۾ اضافو ڪري سگهن. حقيقت ۾ اهي هاڻ معاشري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جا ڪارائتا ۽ خودمختيار هاري ٿيڻجي چڪا آهن. جن کي هن وقت ڪو بہ خطرو نہ آهي تہ ڪو کين بيدخل ڪري سگهي ٿو. ساڳي طرح تعلقي شهدادڪوٽ ضلعي لاڙڪاڻي ۾ بہ اهڙا ننڍيا زميندار ۽ خودمختيار آبادگار آهن. جن جو مسٽر پٽرس آءِ سي ايس خود مشاهدو ڪيو. هيءُ صاحب فرمائي ٿو تہ اهي ٻي زمين ۽ ٻين هارين جي پيٽ ۾ وڌيڪ ڪارائتا آهن ۽ پنهنجي زميني اپت ڪافي وڌيڪ حاصل ڪري رهيا آهن. اها حقيقت صداقت تي مبني آهي، ڇاڪاڻ تہ ٻين تجربيڪار صوبي جي آفيسرن بہ ان ڳالهہ جي تائيد ڪئي آهي. سنڌ ۾ هر اهو ماڻهو جنهن کي مالڪاڻي حقن هيٺ زمين جو ٽڪرو مليل آهي، اهو بهتر زندگي گذاري رهيو آهي. هنن جي مٿان هاڻ قرض جو بار ناهي ۽ گهڻن تہ قرض لاهي زمين جا ٻيا ٽڪر بہ خريد ڪيا آهن هتي هڪ ڌڪوئيندڙ پهلو اهو بہ آهي تہ ڪجهہ وڏا زميندار انهن ننڍن ڪاتيدارن کان ڪنهن نہ ڪنهن بهاني زور بار وجهي ۽ دٻائي هيسائي اهي زمينون خريد ڪن ٿا. پر انهيءَ حقيقت کان بہ ڪو انڪار ڪري نہ سگهبو تہ مالڪاڻي حقن وارا آبادگار پاڻ قرض جي ڏيڻ ۾ ايترا قيد آهن جيترا بي زمين هاري انهيءَ ۾ قاتل آهن. ڪيترائي زميندار ننڍن آبادگارن کان زوريءَ زمين ڦري کين وري هاري بڻائڻ چاهين ٿا. پاڙي وارا وڏا زميندار بہ اهڙي حرڪت ڪن ٿا. ننڍيا آبادگار هر وقت ان ئي ڊپ ۾ رهن ٿا تہ مٿان کين زبردستيءَ ٻيهر هاري بڻايو وڃي.

مسٽر نظير احمد آءِ سي ايس. جنهن کي حڪومت ڪالونائيزيشن اسڪيم جي مطالعي لاءِ پنجاب موڪليو هو. جي راءِ هيٺينءَ ريت آهي، " مون کي خوشحالي ۽ آنند انهن ڳوٺن ۾ نظر آيا جتي مالڪاڻي حقن هيٺ مليل زمين کي پاڻ آباد ڪندڙ هاري هئا ۽ اهي وڌيڪ خوشحال ۽ مطمئن نظر اچي رهيا هئا. انهي جي ابتڙ اهي بي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

زمين هاري جيڪي وڏن زميندارن جو هارپو ڪنڌڙ هئا. انهن جي ڳوٺن، گهرن، گهٽين توڙي پسگردائيءَ جي پيچرن تي گندگيءَ جا ڍيرهئا. هو خود اٻاڻڪا ۽ مايوس نظر آيا ٿي. انهيءَ جي مقابلي ۾ ننڍا زميندار ۽ پاڻ پوکي ڪندڙ وڌيڪ سهڻي نموني سان زندگي گذاريندڙ آهن ۽ سندن ميل جول مان اهو ثبوت ٿي مليو تہ اهي زندگيءَ مان صحيح نموني لطف اندوز ٿي رهيا هئا ۽ کاڌ خوراڪ مان سندن خوشحالي نمايان نظر اچي رهي هئي. ساڳي وقت هو خوداعتماد ۽ هشاش بشاش پڻ نظر ٿي آيا.

مسٽر نظير احمد پنجاب جي هارين بابت وڌيڪ راءِ هن طرح پيش ڪري ٿو تہ پنجاب جي زراعت سنڌ جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ لاڀائتي آهي. انهيءَ ۾ صنعت کي بہ ڪارآمد عنصر ڪري تسليم ڪيو وڃي ٿو. انهيءَ کان علاوه اتي جا اهي ننڍا کاتيدار جديد طريقا استعمال ڪري پنهنجي اپت کي وڌائين ٿا. کين هر قسم جي سهولت مهيا ڪري ڏني وڃي ٿي. آسان شرطن تي قرض کان وٺي زراعت لاءِ ضروري شيون بہ مناسب قيمت تي ملن ٿيون. جنهن مان ڪاشتڪار صحيح لاڀ حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. ٻي اهم ڳالهہ اها بہ آهي تہ ٻي زمين هاريءَ کي زميندار سندس حصو ڏئي ٿو. تنهن ڪري اهو هاري محنت ۽ ايمانداريءَ سان زراعت جي سار سنڀال ڪري ٿو. پنجاب ۾ پاڻيءَ جي وڌيڪ سنڀال آهي. پنجاب ننڍن کاتيدارن جي ڌرتي پڻ آهي. هتي بہ ڪنهن وقت سنڌ وانگر پاڻي جي کوٽ ٿئي ٿي، پر پنجابي هاري پاڻيءَ جو صحيح استعمال ڪري ٿو. آبادگار کي اها بہ خبر آهي تہ ڪنهن وقت کهڙو فصل ڪجي تہ جيئن هو وڌ ۾ وڌ اپت حاصل ڪري سگهي ۽ مون کي اها بہ خبر پئي تہ هو سئو سيڪڙو آبادي ڪري ٿو. پنجاب ۾ هارين جي تحفظ لاءِ قانون ۽ آئين تي عمل ڪيو وڃي ٿو، جنهن هيٺ ڪيس



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## جنين ڏاند نہ ٻج

پنجاب جي زمين تان بيدخل نٿو ڪري سگهجي. هو پنهنجا محصول قانون هيٺ ادا ڪري ٿو ۽ سخت محنت ڪري پنهنجي زمين جو ڀرپور انتظام رکي ٿو.

سئٽزرلينڊ ۾ اڪثر هارين کي پنهنجي زمين هوندي آهي.انهيءَ جي اپت بہ سڀ کان نمايان آهي. اتي هر ماڻهوءَ جي پنهنجي زراعت ۽ ٻوڪي هوندي آهي جتي هر قسم جي آبادي ٿيندي آهي. گهڻو ڪري ميوا جيڪي مختلف ۽ گهڻي تعداد ۾ پوکيا وڃن ٿا. اتي موسم جي تبديليءَ آبهوا جي ناموافقت باوجود هر قسم جي فصل جي اپت وڌ کان وڌ حاصل ڪئي ويجي ٿي. اتي گهرن جي اڏاوت ۾ بہ اعليٰ قسم جو ڪاٺ ميسر آهي. هر ماڻهوءَ جي گهر ۾ جديد سهولتون موجود آهن.انهن گهرن ۾ سنگتراشيءَ جو ڪم ٿيل آهي،گهرن ۾ پارڪ آهن جن ۾رنگارنگي گل ٻوٽا پوکيل آهن.عورتون ۽ مرد سخت محنت ڪندا آهن. هو خوش پوشاڪ رهندا آهن ۽ خوش نظر ايندا آهن.

جرمنيءَ ۾ بہ هاريءَ جو نمايان مقام آهي. اتي جي ماڻهن جي ڄفاڪشيءَ ۽ جاکوڙ سندن ملڪ کي ترقي يافتہ ملڪن جي صف ۾ شامل ڪيو آهي. ٻهراڙيءَ جي رهائش جديد سهولتن سان ڀرپور آهي.

William Howidd جو چوڻ آهي تہ هاري اعليٰ مقام ۽ مرتبو رکن ٿا ۽ ملڪ جي ترقيءَ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا. هارين جي گهڻائي هوندي بہ سيني کي پنهنجي پوکيءَ لاءِ زمين جو ٽڪر حاصل آهي ۽ خود مالڪ ۽ ڪاشتڪار آهن. هر خاندان پنهنجي زمين تي تمام گهڻي محنت ڪري ٿو. اتي جو هاري صبح جو سوير ڪم لاءِ نڪري ٿو ۽ شام تائين محنت مزدوري ڪري ٿو. ڇاڪاڻ تہ اهو خود مالڪ آهي. اڻٿڪ محنت جي ڪري کين هر قسم جي آسائش ۽ سڪون ميسر آهي. اهڙيءَ محنت جي ڪري ملڪي معيشت مستحڪم آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آرٿر ينگ پنهنجي ڪليل ۽ زوردار لفظن ۾ گواهي پيش ڪئي آهي تہ مالڪاڻي حقن سبب ملڪي معيشت تي سٺا اثر ٿين ٿا. انهيءَ ڪانسواءِ فلاح ۽ بهبود جي ڪمن کي پڻ اوليت جي بنياد تي ڪيو ويجي ٿو. سٺي زرعي ماهرن جو خيال آهي تہ بي زمين هاري ڪنهن بہ زميندار جي زمين هارپ جي شرطن تي صحيح نموني آباد نٿو ڪري سگهي. ڇاڪاڻ تہ هر قدم تي ساڻس ناانصافي ٿئي ٿي. انهيءَ جي ڀيٽ ۾ مالڪاڻي حقن تي مليل زمين تي مالڪ پاڻ پوکي ڪري ٿو ۽ وڌ ۾ وڌ لاڀ حاصل ڪرڻ لاءِ ڪوشش ۾ رڌل رهي ٿو. ڇاڪاڻ تہ ٻئي ڪنهن جي شراڪت نہ هئڻ ڪري هو آزاد ۽ خودمختيار رهي ٿو ۽ اپت بہ وڌيڪ حاصل ڪري ٿو.

هاريءَ جا مالڪاڻا حق فطري آهن.جيڪي صدين کان وٺي هلندا پيا اچن. هندستان ۾ ڪڙمين کي آئين اڪبري هيٺ مالڪاڻا حق مليل آهن ۽ زميندار صرف اَنَ جي اپت مان جائز ۽ مناسب حصو ڪٽن ٿا.

ايسٽ انڊيا ڪمپني جي (1813ع) جي رپورٽ مطابق زميندار جي لغوي معنيٰ هڪ "آفيسر" يا عملدار آهي، جيڪو اسلامي حڪومت هيٺ ڪنهن ضلعي جا قانون ۽ انتظام سنڀالي. پٽس انڊيا ائڪٽ ۾ ڪڙميءَ کي سڀ کان اول زمين جو مالڪاڻو حق حاصل آهي ۽ انڊيا جي آئين مطابق زمين جي مالڪ کي مالڪيءَ جو حق ۽ زميني ٽيڪس پنهنجي اپت جي حساب سان ادا ڪرڻي آهي. ايسٽ انڊيا ڪمپني مٿين قانوني نقطن کي رد ڪيو، محض پنهنجا مقصد حاصل ڪرڻ خاطر تہ ڪمپني ان اپت جي رقم کي ٻن حصن ۾ تقسيم ڪري. مسلمان ۽ هندو جي قانون مطابق زمين جي مالڪي ان ماڻهو جي ٿئي ٿي جيڪو ان کي آبادڪري ٿو. پر وقت جي حڪمرانن ان حقيقي قانون کي منسوخ ڪري ڇڏيو. انهن چاهيو ٿي تہ شراڪت ڪندڙ کي روڪ رقم گهرجي. انهن جو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مفاد اهوئي هو تہ هاري کي ملڪيل لاپ مان روينيو حاصل ڪجي. انهي حاصلات لاءِ ڪڙميءَ جي حقن کي ترڪ ڪيو ويو ۽ اها ساڳي زمين عام نيلام ذريعي وڏي واڪ ڏيندڙ کي ليز تي ڏيڻ جو رواج قائم ٿيو. پٽنس انديا ائڪٽ کي هڪ ئي ڌڪ سان ختم ڪري ڪڙمين کي غلاميءَ جي زنجيرن ۾ جڪڙيو ويو ۽ ظالم زميندارن جي رحم ڪرم تي ڇڏيو ويو. 1793ع ۾ Lord corn wallis مستقل حق طور اصلي آبادگارن کي ختم ڪري کين هاري قرار ڏنو ۽ ڀل يا لاپو ڪندڙن کي زميندار جي حيثيت ڏني وئي. اهڙي طريقي سان انهن زميندارن ظالماڻا اختيار استعمال ڪيا ۽ انهن ڪڙمين کي بيدخل ڪرڻ جو سعيو ڪيو. هاري سندن رحم ڪرم تي رهڻ لڳا ۽ ماڻهن ۾ ناراضگي پيدا ٿي.رياست تي زور بار وڌو ويو تہ ان قانون ۾ دخل اندازي ڪري هارين کي زميندارن جي زمين ۾ بچاءُ ڏئي ۽ هڪ بهتر نظام جوڙي ڏئي، جنهن ۾ زميندار طرفان وڌندڙ لاپو ۽ غير قانوني رشوت ختم ٿئي.

1959ع جي پهرئين رينٽ ائڪٽ ۽ 1885ع جي ٽيننسي ائڪٽ اوير بنگال ۾ ان پاليسيءَ جي شروعات ڪئي، جنهن هيٺ ڪجهہ حق هارين (ٽيننٽس) کي ڏنا ويا، تنهن ۾ خاص طور تي کين زمين تان زوريءَ بيدخل ڪرڻ لاءِ بچاءُ موجود هو. وڌيڪ حق 1928ع ۽ 1938ع واري ائڪٽ هيٺ ڏنا ويا. ساڳئي طور تي آگرا ۾ اهڙي رخ جي شروعات 1859ع ڌاري ٿي ۽ ٻارنهن سالن جو قبضو رکندڙن کي زمين تي رهڻ جو حق ڏنو ويو هو. 1921ع ۽ 1926ع ۾ ڪجهہ ٻيا قانون پاس ڪري هارين کي اڃا بہ وڌيڪ حق ڏنا ويا، سواءِ انهن جي جن زميندارن جي خانگي زمين تي ڪم ٿي ڪيو. صوبي اوڌ ۾ 1886ع واري رينٽ ائڪٽ هيٺ ساڳيا حق ڏنا ويا. 1939ع ۾ گڏيل صوبن ۾ هڪ ائڪٽ پاس ڪري، هارپ جا سڀ قاعدا قانون هڪ ئي وقت عمل ۾ آندا ويا ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اڳري ۽ اوڌ جي هارپ جي قانونن ۾ ترميمون پڻ ڪيون ويون. ان قانون هيٺ سيني عام هارين کي موروثي هاري قرار ڏنو ويو. بيگر ۽ رشوت کي ختم ڪيو ويو. بنگال ۽ اڙيسا ۾ 1859ع جي رعيت ائڪٽ ۽ بنگال جي هارپ قانون کي لاڳو ڪيو ويو. مدراس جي 1908ع واري لئنڊ ائڪٽ هيٺ قبضو رکندڙن ۽ جن وٽ زمين جي مالڪي هئي انهن کي مستقل طور تي مالڪيءَ جا حق ڏنا ويا.

1935ع ۾ ڪانگريس جي وزارت هڪ بل پاس ڪري رعيتن کي ڌرتيءَ ڏئي ٽيڻ جو حق ڏنو. ٽيننسي قانون جي متئين تجزيي مان اهو ظاهر ٿئي ٿو ته صوبن ۾ زميندار ۽ ترقي گڏ گڏ هليون آهن. انهن سيني ۾ مراعات يافته هارين جو طبقو پيدا ٿيو. جيڪي اڳتي هلي مالڪيءَ جي حق جي ڪري "ننڍا زميندار" طور مشهور ٿيا. گڏيل صوبن غير مالڪيءَ رکندڙ هارين کي به سڄي عمر لاءِ زمين ۽ مالڪيءَ جو مدو ڏنو ويو. نهايت عجب جهڙي ڳالهه آهي ته سنڌ ۾ اجا اهڙو ڪوبه قانون پاس نه ٿيو آهي، جنهن هيٺ هارين کي اهڙو حق ڏنو وڃي. 1943ع ۾ حڪومت هڪ ٽيننسي ڪاميٽي ٺاهي. 1945ع ۾ انهيءَ ڪاميٽيءَ حڪومت کي پنهنجي رپورٽ ڏني. جنهن ۾ اها سفارش ڪئي وئي ته هارين کي پنهنجا ٽيننسي حق ڏنا وڃن. مون کي اها خبر ناهي ته حڪومت ان تي ڪهڙو فيصلو ڪيو پر اڄ تائين ان رپورٽ تي ڪوبه قدم نه کنيو ويو آهي. انهيءَ وچ ۾ حڪومت وڌيڪ هڪ ٻي ڪاميٽي جوڙي ورتي، جنهن جو 1947ع ۾ مون کي پڻ ميمبر مقرر ڪيو ويو، تنهن ۾ بحث لاءِ مختلف نقطا ڏنا ويا. ان رپورٽ جي اڪثريتي ڪاميٽي هڪ انتهائي عجيب قدم پنيان هلي وئي آهي. ٽيننسي ليجسليٽو ڪاميٽيءَ تجويزن جي مخالفت ڪئي ته جيڪڏهن هارين کي مستقل طور حق ڏنا ويندا ته اهي ٻهراڙين جي اقتصادي ڍانچي کي سخت نقصان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پهچائيندا ۽ نہ ڪو هاري پنهنجي رهڻي ڪهڻيءَ جو طريقو سڌاري سگهندا نہ ئي وري زراعت جي اپت ۾ واڌارو ايندو. مسٽر ڏيال مل جي اختلافي نوٽ کي اڪثريتي ڪاميٽيءَ قبول ڪيو. هن نوٽ ۾ انهن سيني ڦلهڙين تجويزن جا جواب ڏنل آهن، جن هيٺ هارين جي حقن جي مخالفت ڪئي وئي. بار بار اهي دليل ڏئي چيو ويو تہ هندستان ۾ ٻين صوبن وانگر سنڌ ۾ حالتون سازگار ناهن. جتي اڳ ئي ٽيننسي قانون لاڳو آهي. مون جڏهن انهن دليلن بابت انڪوائري ڪئي تہ اهي سڀ دليل بڪواس نڪتا. حقيقت ۾ سنڌ ۽ هندستان جي ٻين صوبن جي هارين جي حالتن ۾ ڪو فرق ناهي. زمين، پاڻي ۽ انسان هر هنڌ ساڳيا آهن. سنڌ ڪانسواءِ پڻ ٻنئي جو سرشتو نندي ڪنڌ جي ڪيترن ئي علائقن ۾ موجود آهي. ميجارٽي ڪاميٽيءَ جي رپورٽ هيٺ ٽيننسي قانون بابت اٿاريل اعتراضن ۽ جيڪي اعتراض مسٽر ڏيال مل جي اختلافي نوٽ تي اٿاريا ويا هئا، ۾ مڪمل هڪجهڙائي هئي. هندستان جي ٻين صوبن ۾ پڻ ساڳيا اعتراض اٿاريا ويا، جتي بعد ۾ ٽيننسي ائڪٽ لاڳو ٿيو ڪتي بہ انهن اعتراضن کي اهميت نہ ملي.

ٽيننسي قانون کي هارين جي سڌاري لاءِ هڪ پهريون ۽ اڳيرو قدم قرار ڏنو ويو. سنڌ ۾ اسان اجا تائين نندي ۾ ننڍيون مراعاتون بہ هارين کي نہ ڏنيون ويون آهن، جهڙيون ٻين صوبن ۾ ڪين 75 ورهيہ اڳ حاصل هيون. ٽيننسي قانون جي مخالفن جا رايا پڻ سڌارن جي راهہ ۾ ڪجهہ رڪاوٽ بڻيا. خاص ڪري جڏهن وڏن زميندارن جون زمينون ڪسي هارين جا فارم ناهيا ويا. حق جي راهہ ۾ ڪيترائي اعتراض اچي سگهن ٿا پر سچائي انهن اعتراضن کي ختم ڪري سگهي ٿي. چو تہ اهي اعتراض انصاف خلاف اعتراض آهن. هندستان جي ڪيترن صوبن ۾ هارين جي حق ۾ ناهيل ٽيننسي قانون، هارين کي تمام گهڻو فائدو ڏئي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نہ سگھيو آهي پر تنهن جي باوجود بہ ڪجهہ هارين کي ڪجهہ فائدو ضرور رسيو آهي. ڪيترن زميندارن هارين تي غير قانوني آبياڻا، سختيون ۽ ڏنڊ وڌا پر انهن وٽ ڪورٽ ۾ ڪيس وڙهڻ لاءِ ڪوبہ ذريعو نہ هو. ڪيترن زميندارن انهيءَ قانون جي پڄڪڙي ڪئي ۽ اهي زميندار هر دفعي مقاطعي جي نئين ٿيڻ يا زمين جي منتقل ٿيڻ تي هارين کان نذرانو يا سوکڙيون وٺندا هئا. اهي ڳالهيون حڪومت تائين پهچي نہ سگهيون ۽ جيئن متي چيو ويو آهي تہ حڪومت هارين جي حق ۾ نئيا وڏا قانون پاس ڪندي رهي ، مدي خارج ٿي ويل ٽيننسي قانون ۾ وقت بہ وقت ترميمون ڪندي رهي ۽ هارين جي ڀلي لاءِ ڪجهہ نہ ڪجهہ ڪندي رهي.

اهو قصو گهٽي وقت کان هلندو رهي ٿو. هندستان جي ڪيترن ئي ۽ پاڪستان جي ڪجهہ صوبن ۾ هاڻي اهو محسوس ڪيو وڃي ٿو تہ مسئلي جو حل ٽيننسي قانون کان ٽپي چڪو آهي. حقيقت ۾ زمينداريءَ کي ختم ٿيڻ گهرجي. ميجارٽي ڪاميٽيءَ جي رپورٽ ۾ اهو چيو ويو آهي تہ نظام جو عدم تحفظ هارين جي مصيبتن جو مک ڪارڻ آهي. رپورٽ ساڳئي وقت چوي ٿي تہ هارين کي مستقل بنياد تي حق ڏيڻ سان مستقل طور تي تڪليفون ختم ٿي نہ ٿيون سگهن. زميندارن جي هڪ چڱي اقليت اهڙي بہ آهي جيڪا هارين کي غلام سمجهي ٿي ۽ اهي انهن زميندارن جا غير اخلاقي ۽ ناانصافيءَ وارا فيصلا مڃين ٿا. هارين کي هر وقت زمين تان بيدخليءَ جو خطرو رکيو ٿو وڃي تہ جيئن اهي زميندار جي مرضيءَ مطابق هلن. اهڙين حالتن ۾ هاري، ان زمين تي جيڪا هو آباد ڪن ٿا، آسانيءَ سان زميندار جي خوف هيٺ رهن ٿا ڇو تہ زميندار ڪين ڪنهن بہ وقت زمين جي مالڪيءَ تان بيدخل ڪري سگهي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تہ يا هنن لاءِ اهڙو ماحول پيدا ڪيو وڃي تہ جو هو رضاڪاراڻي نموني پاڻ زمين ڇڏي هليا وڃن.

هاري ڪاميٽيءَ جو اهو خيال منهنجي خيالن سان ملي ٿو جيڪو ايندڙ سٽن ۾ ڌيان تہ تہ هڪ هاريءَ جي ڪمزور حالت ڪيس پنهنجي حق وٺڻ کان روڪي ٿي جيڪي هن کي قانون هيٺ مليل آهن پر مون کي ڏاڍي حيرت ٿئي ٿي ان ڪاميٽيءَ ان حقيقت کي ڌيان ۾ نہ رکيو ۽ چيو تہ بٽئي نظام ريگيولرائيز ڪيو وڃي. جيڪڏهن هاري حقن کي سندن ڪمزور حالتن هيٺ ناممڪن سمجهيو تہ ڇا انهن لاءِ غير ممڪن نہ هو تہ اهي پنهنجي حقن لاءِ بٽئي وقت زور لڳائن ها. خاص طور تي جڏهن هو پنهنجي مرضيءَ سان اڇي زمين ڪيڙين ٿا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

باب ٽيون

# زرعي سڌارن سان لاڳاپيل اسلامي اصول

قرآن جو قانون واضح طور تي زمين جي مالڪيءَ بابت هارين جي حق جي مفاد ۾ آهي. ڪجهہ مثالن کي آڏو رکندي، مسلمانن سچي اسلامي تاريخ ۾ قرآن جي اصولن کي عملي جامو نہ پارايو آهي. سرمائيدار طبقي قرآن جي قانون جي وضاحت پنهنجي مفادن وٽان ڪري استحصال کي اڳتي وڌايو. جيڪو عمل جلد ئي نبي سائينءَ جي وفات کانپوءِ جاري ٿيو. اسلام جي نالي ۾ بي رحم استحصال صدين کان جاري رهيو آهي ۽ اهو اهڙيءَ اسٽيج تي اچي بيٺو آهي. جتي ان جا نقاد ان جي سڃاڻپ "استحصال" جي نالي سان ڪرائين ٿا.

ڪميونسٽ موجوده ماحول مان موڙي ناهن پيا ۽ ڪميونزم جي لهر استحصال جي پيڙهيل طبقي جي مذهبي خيالن کي لوڏي پئي. اهي غريبن کي ٻڌائن ٿا تہ توهان سان توهان جو خدا، پيغمبر ۽ قرآن آهي ۽ توهان وٽ پادري، مولوي ۽ مسجد آهي، پر اهي سڀ توهان کي انسان ذات جي اهميت واري سطح تي ڪيئن ٿا مدد ڪن؟ اسلام جي سچي مساوات هڪ مفروضو آهي. اها توهان کي ايمان جي نالي ۾ ڪوڙڪيءَ ۾ قابو ڪيو پيو وڃي. اهي شرمناڪ سماجي ناانصافيءَ جي مختلف



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

واقعن جو حوالو ڏيندي ان جي تشريح ڪن ٿا. ماڻهن جي عقيدي جي پاڙ کي ڪمزور ڪرڻ لاءِ عقلي / منطقي متركا هٽن ٿا ۽ هاڻي هارين مان ڪيترائي حيرانگيءَ ۽ سنجيدگيءَ جي حد ۾ داخل ٿي سوچين ٿا تہ ڇا اسلام واقعي سندن بنيادي مسئلن بک ۽ بدحاليءَ کي حل ڪرڻ جي اهل آهي؟

مذهب سڄي دنيا ۾ معاشي مسئلن جي مضبوط اثر کي منهن ڏئي پيو. ايئن ئي اسلام جي صورتحال پاڪستان ۾ بہ ساڳي آهي. اسلام اسان جي سيني معاشي مسئلن لاءِ مطمئن ڪندڙ حل جي آڇ ڏئي ٿو، پر بدقسمتيءَ سان مسلمانن انهن کي مفادن لاءِ ڏنل اختيار کي غلط استعمال ڪيو ۽ اهي مسلمان اسلام جي حقيقي اصولن تي عمل نٿا ڪن.

ڏور رس نظر رکندڙ ۽ غور فڪر ڪندڙ مسلمان اهو مڪمل طور تي محسوس ڪرائن ٿا تہ جيڪڏهن موجوده ماڻهن جي مسئلن، بک ۽ بدحاليءَ لاءِ اسلامي طريقو نہ اپنايو ويو تہ اسلام جو ساڳيو حال ٿي سگهي ٿو، جيڪو روس ۾ انقلاب اچڻ کان اڳ ۾ مذهب جو ٿيو. جيڪڏهن معاشي مسئلن خاص ڪري زمين تي اسلامي قانون لاڳو ڪرڻ ۾ ناڪام ٿيون ٿا تہ اسان نہ صرف پاڪستان جي وجود کي پر اسلام جي وجود کي خطري ۾ وجهي ڇڏينداسين. قرآن جو قانون زمينداري نظام جي حمايت نٿو ڪري. ان جو تت زمين اپائيندڙن جي وچ ۾ زمين جي هڪ جيتري ورهاست آهي. قرآن، ڌرتيءَ تي زمين ۾ ذاتي ملڪيت جي اجازت نٿو ڏئي جنهن جو حقيقي مالڪ خدا آهي ۽ اهو ئي سڀ جو رکوالو آهي:

" حضرت موسيٰ پنهنجي ماڻهن کي چيو تہ خدا کان ئي مدد گهرو ۽ صبر ۽ سهپ سان انتظار ڪريو. ڇاڪاڻ تہ زمين الله جي آهي اهو جنهن کي بہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

چاهيندو آهي بادشاهي ڏيندو آهي ۽ چڱن ماڻهن جو انجام بہ چڱو ئي آهي." (سورت - 7، 128)

خدا ڌرتيءَ کي سڀني ماڻهن جي پلي لاءِ پيدا ڪيو آهي جيئن ان جي ڦل ۽ پيداوار مان فائدو وٺن:

" ۽ اها ئي ذات (الله) آهي جنهن زمين ڦهلائي آهي تہ جيئن تہ سندس مخلوق فائدو حاصل ڪري سگهي. اتان ميوو ۽ ڪجوريون آهن ۽ ڪجورين تي غلاف." (س 55 - 10، 11)

سڀني کي خوراڪ ڏيڻ جي ذميواري خدا تي آهي، جيڪو پيدا ڪندڙ آهي. سڀ شيون جيڪي هن ڌرتيءَ تي پالڻهار پيدا ڪيون آهن، اهي انسان ذات جي فائدي لاءِ آهن.

" دنيا جي هر مخلوق رزق جي لاءِ الله تي ئي انحصار ڪري ٿي." (س 11 - 6)

" ۽ اهو اِهو ئي (الله) آهي، جنهن توهان لاءِ دنيا تي موجود هر هڪ شيءِ خلقي آهي." (س 2 - 29)

دنيا جي هر هڪ شيءِ تي سڀني ٻانهن جو هڪ جيترو حق آهي.

"هن زمين تي پهاڙ بنايا، جيڪي مضبوطيءَ سان بيٺا آهن ۽ زمين اندر برڪت رکي ۽ چئن ڏينهن ۾ ان جا وسيلا بنايا جيڪي ضرورتمند پاڻ ۾ هڪجيترا ورهائين."

زمين سڀني ۾ هڪجيتري ورهائي وڃي، گهٽي زمين تورن ماڻهن ۾ ورهائڻ ۽ مالڪي ڪرڻ، تورن ماڻهن تائين فائدا محدود ڪري گهڻن ماڻهن کي انهن کان محروم ڪرڻ، قرآن جي قانون جي روح جي خلاف آهي. ڪوبہ ماڻهو زمين جي مڪمل مالڪي نٿو ڪري سگهي، ڪنهن بہ ماڻهوءَ کي زمين مقاطعي تي ڏيڻ جو حق ناهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# جنين ڏاند نہ ٻج

خدا اسان کي زمين گذران جي استعمال لاءِ ڏني آهي ۽ جيڪڏهن ڪنهن ماڻهو پنهنجي محنت سان ٽڪرو آباد ڪيو آهي تہ اهو تيستائين ان زمين جو حقدار مڃيو ويندو. جيستائين اها سندس ڪيڙيءَ هيٺ آهي. ان جي مالڪي ختم نہ ٿيندي. (رياستي ٽئڪسن ڪانپوءِ) مرد يا عورتون جيڪي بہ گذران ڪن ٿيون انهن سان لاڳاپيل آهي:

"جيڪو بہ مرد توڙي عورت ڪمائي (اها) ان جي پنهنجي ملڪيت آهي." (س 4 – 32)

ذاتي پورهيو مالڪيءَ جو ماپو آهي. زمين جي مالڪيءَ لاءِ اهو اصول لاڳو ٿيندڙ آهي. هڪ ماڻهو پاڻ وٽ ايتري زمين رکي سگهي ٿو. جيتري اهو خود ڪيڙي سگهي ٿو ۽ سندس مالڪي زمين جي ساڳئي ڪاشتڪاريءَ واري حالت ۾ رهندي. انهيءَ ڪري الله طرفان انسان ذات لاءِ گذران جا ذريعا بڻايا ويا آهن تہ جيئن هر ڪو پنهنجي ڪوشش سان پنهنجي خوراڪ جو حصو حاصل ڪري ۽ خدا جو حڪم آهي تہ ڪنهن کي بہ پنهنجي جسماني ۽ ذهني پورهيي جي صلاحيتن کان وڌيڪ کڻڻ نہ گهرجي.

" خدا توهان کي هڪ ٻئي کان جدا ڪري ڇڏيو آهي ۽ روزي ڪمائڻ جي صلاحيتن سان ۽ جن کي وڌيڪ ڏنو اٿائين. اهي فالتو مال ضرورتمندن ۾ تقسيم ڪري ڇڏيندا آهن ۽ روزيءَ ۾ هر هڪ جو حصو آهي. ڇا هي اهي ماڻهو ناهن جيڪي الله جي فضل کان منڪر آهن." (س 16 – 17)

اهو واضح آهي تہ قرآن انهن ماڻهن جي حيثيت قبول ڪري ٿو. جيڪي پنهنجي صلاحيتن آهر گهٽ يا وڌ ڪمائين ٿا. پر قرآن اها حالت قبول نٿو ڪري، جنهن ۾ ڪن وٽ گهڻو ڪجهہ ۽ ڪن وٽ بلڪل ڪجهہ بہ نہ هجي. پر قرآن شريف هر فرد کي خدا پاران خلقيل ڏرتيءَ جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ذخيرن/ ذريعن مان زندگيءَ جي ضرورتن جي پورائي جو حق ڏئي ٿو، پوءِ چو نہ اهو غريب يا امير، ڪمزور يا طاقتور، صحتمند يا بيمار ۽ معذور يا سالم هجي. هن ڪي انسان جي حيثيت ۾ خدا پاران مليل خوراڪ جي ذخيرن/ ذريعن مان پنهنجون ضرورتون پوريون ڪرڻ جو حق آهي. قرآن جي مطابق، ڌرتيءَ جي ڪاڌ خوراڪ جا ذريعا سڀني جي اجتماعي ملڪيت آهن. جيڪڏهن ڪجھ گهرجن ڪان وڌيڪ ڪمائڻ لائق آهن تہ سندن واڌ يا وڌيڪ ڪمائي امانت آهي، جيڪا انهن ماڻهن تي خرچ ڪئي وڃي جيڪي ڪمائڻ کان حقيقي طور لاچار آهن.

قرآن شريف جي اصول هيٺ سڄي انسانذات گڏيل خاندان وانگر آهي، جنهن جا ميمبر هڪ ٻئي جي ڀلائيءَ ۽ بهبوديءَ لاءِ هڪ ٻئي سان لاڳاپيل آهن. اهي زندگيءَ جي مختلف ڪيترن ۾ ڪم ڪن ٿا ۽ پنهنجن صلاحيتن مطابق گهٽ ۽ وڌيڪ ڪمائين ٿا. جيتوڻيڪ انهن مان خوشحال، غريبن کي پنهنجي ڪمائي نٿا ڏين. اهي ايئن ڪڏهن بہ غريبن جي ڀلائيءَ لاءِ لاپرواهہ نہ ٿا ٿين تہ جيئن اهي فاقو ڪڍن. حالانڪ ميمبرن کي انفرادي طور تي حق آهي تہ اهي هڪ هڪ ڪري پنهنجي ڪمائيءَ مان مسڪينن جي زندگيءَ جون ضرورتون پوريون ڪن.

ترجمان القرآن، واليوم 11

قرآن جي تفسير ڪندڙ مشهور مولانا ابوالڪلام آزاد جي مٿئين سمجهاڻي واضح طور تي ڏس ڏئي ٿي تہ "خدا پاران مهيا ڪيل ڪاڌ خوراڪ جي ذريعن مان انسان ذات کي هڪ جيترو ورهائڻ/ ڪٽڻ جو حق حاصل آهي. ڪاٺين ۾ ذخيرا، ٻيلا ۽ پاڻي سڀني جو حق آهن. ساڳيءَ طرح زمين تي موجود ملڪيت/ ذخيرا جيڪي پيداوار جو وڏو ذريعو آهن، رياست جي سڄي رعايا ۾ هڪ جيترا ورهايا وڃن. جيڪڏهن ڪو ماڻهو زمين جو گهڻو علائقو پنهنجي مالڪيءَ هيٺ رکي ٿو ته اهو خدا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جي ڏرتيءَ مان خوراڪ حاصل ڪرڻ واري حق کان محروم ڪري ٿو تہ هن جي اها مالڪي قرآن شريف جي قاعدي موجب غير شرعي ۽ غير قانوني آهي. مختصر طور تي اهو قرآن شريف جو قانون آهي. مون اڳ ئي ذڪر ڪيو آهي تہ شريعت تي عمل ڪرائيندڙ ۽ عمل ڪندڙ جيڪو ماضيءَ ۾ مسلمانن ۾ رواج رهيو آهي، اهي سراسر قرآن جي قانون جي ابتڙ رهيا آهن ۽ اها اسان جي بدقسمتي آهي تہ هميشہ بيڪار ۽ بي عمل پرچار. عملن گهٽ يا وڌ قانون جي قوت جي شڪل اختيار ڪئي آهي، اسلام حقيقي قانون ڏانهن ڌڪي ٿو. قرآن جو قانون آخري آهي، مان هتي هيٺ ڪجهہ وڌيڪ ثبوت حوالي طور ڏيان ٿو جيڪي اعتبار جوڳن ذريعن کان ورتل آهن. اهي ٻڌائين ٿا تہ "زمينداري راڄ اسلام جي اصول مطابق نہ آهي".

ڪو ماڻهو جنهن وٽ زمين جو ٽڪرو آهي، کيس آباد ڪرڻ گهرجي ۽ ان کي غير آباد ڇڏڻ نہ گهرجي. جيڪڏهن اهو ان کي آباد نٿو ڪري، نہ ئي ڪنهن ٻئي کي آبادي لاءِ ڏئي ٿو، اسان ان کي نٿا چاهيون. (حديث بخاري)

حديث جو آخري جملو اهڙي عمل جي رويي تي وڌيڪ ڪاوڙ جي انداز جو اظهار ڪري ٿو. اهو ارادو ڪيو ويو هو تہ هن کي سندس مالڪيءَ ۾ ياد رکڻ گهرجي تہ ايتري زمين رکي جيتري هو پاڻ آباد ڪري. اها حديث ننڍي ڇاپي مان صحيح مسلم مان حوالي طور تي ورتي وئي آهي. زمين جيڪڏهن ٻيو ماڻهو ان کي وٺڻ کان انڪار ڪري ٿو تہ اهو ماڻهو ان کي پنهنجيءَ مالڪي ۾ پاڻ سان رکي سگهي ٿو. ٻين لفظن ۾ جيڪڏهن هن ڪنهن کي مفت ۾ زمين آڇي ۽ ٻيو ڪو ماڻهو اِن جي مسواڙ جي زاضپي ۾ نہ آهي تہ هن کي زمين مقاطعي تي ڏيڻ بجاءِ پاڻ وٽ رکڻ گهرجي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

حضور صلعم واضح طور تي زمين کي مقاطعي (ريين توڙي ٻٽئي) تي ڏيڻ کان منع ڪئي آهي. انهيءَ حديث ٻڌڻ تي امير معاويہ جي دوڙ (جڏهن مسلمانن تي سرمائيداري نظام قائم ڪيو ويو هو) ۾ عبدالله بن عمر زمين کي مقاطعي تي قبول ڪرڻ کان منع ڪئي.

امام بخاريءَ هڪ ٻي روايت نبي سائينءَ جي حوالي سان ڏني آهي تہ رافعہ بن خديجہ چوي ٿي تہ سندس چاچي ظهير بن رافعہ هڪ دفعي بيان ڪيو تہ ڪيس نبي سائينءَ منافعي واري واپار کان منع ڪئي. جنهن تي هن ٻڌايو تہ هن کي حضور صہ جن پاران سڏائي سوال پڇيا ويا تہ هُو زمين سان ڇا پيو ڪري. هن جواب ڏنو تہ هو مڪمل پيداوار جي چوٿائيءَ تي ان کي مقاطعي تي ڏئي پيو. وڏيڪ ڪجھ ڪجين جا وڻ ۽ زمين پڻ مقاطعي تي ڏئي پيو. تنهن تي حضور جن وراڻيس " ايئن نہ ڪر. زمين کي پاڻ آباد ڪر يا ان کي بنا ڪنهن مسواڙ جي ٻئي ڪنهن کي ڏي. نہ تہ ان کي پاڻ وٽ رکي عمل ڪر". (حديث بخاري)

حضور جن جي حڪم جي نسبت سان. حضرت عمر (اسلام جو ٻيو خليفو) حضور جن جي سائيءَ جي زمين جيڪا آباد نہ پئي ڪئي وڃي ان کي ضرورتمندن ۾ ورهائي ڇڏيو هو.

مشهور قانوندان امام اعظم دنيا ۾ مسلمانن کي زمين مقاطعي تي ڏيڻ کان منع ڪئي. امام اعظم جي اها اڳڪٿي وڏي ساراهہ جوڳي آهي تہ آبادگار طبقي ۾ زمينداري نظام وڏي پئماني تي تڪليف ۽ غربت جو سبب بڻيو آهي. ايتري قدر جو ڇهين صدي هجريءَ ۾ عالم ليڪڪ ابن ٽن راءِ ڏني تہ "اهو اسانجو مشاهدو آهي تہ اڄ انتهائي تڪليف ۽ پيڙا ۾ حياتي گهاريندڙ طبقو آبادگارن جو آهي".



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

حضرت شاھ ولي الله دھلوي پڻ زمينداري نظام کي پسند ناھي ڪيو. ھن سوچيو جو خيال ھو تہ ان نظام ٺي انسانذات ۾ چڪتاڻ ۽ غير برابري پيدا ڪئي آھي.

شاھ ولي الله جي فلاسافي ۽ فڪر جي ھڪ وڏي ترجمان ۽ مسلمان مشهور عالم مولانا عبيدالله سنڌي پنھنجي راءِ حجتہ البلاغ ۾ لکي ٿو تہ، "اسان امام حنيفہ جا پوئلڳ آھيون، جنھن زمين مقاطعي تي ڏيڻ کان منع ڪئي آھي. ھن مطابق ماڻھوءَ کي ايتري زمين رکڻ گھرجي جيتري ھو پاڻ آباد ڪري. جيتري قدر حقيقت جي ڳالھہ آھي تہ مقاطعي تي زمين ڏيڻ وارو نظام ڪرائيدارن کي وڏي ناانصافي ڏانھن وٺي وڃي ٿو ۽ زميندار علائقن تي پنھنجون ملڪيتون وڌائيندي غريب مقاطعيدارن کي گڏھن ۽ ڏاندن وانگر ڪم ڪرائن ٿا. وٺن غريبن لاءِ رحم ناھي ۽ اھي انھن کي فاقو ڪرائين ٿا.

عراق جي فتح تي مفتوح زمين بابت فيصلو ڪرڻ واري ھڪ چڪتاڻ جنم ورتو. غازين مال غنيمت مان حصي وٺڻ جي دعويٰ ڪئي پر حضرت عمر رضہ ھارين جي مالڪيءَ کي ختم ڪرڻ کان انڪار ڪيو آخر ۾ زمين کي عام طور تي مسلمانن جي فائدي لاءِ "وقف"ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويو.

امام ابو يوسف کي مقاطعي تي زمين ڏيڻ واري مؤقف کي پسند ڪرڻ جي حوالي طور پيش ڪيو ويندو آھي. ھو ھارون الرشيد جو وڏو قاضي ھو. جنھن جي حڪومت شھنشاھيت جي عروج جي نشاندھي ڪري ٿي. تنھنڪري اھو غير متوقع ھو تہ امام يوسف مقاطعي تي زمين ڏيڻ جي تائيد ڪندو. سندس استاد امام الاعظم قرآن جي اصولن سان سھمت ھو. جيتري قدرحقيقت جي ڳالھہ آھي تہ سچو منظر ناموَ امير معاويي جي حڪومت کانپوءِ تبديل ٿيو. جڏھن سرمائيداري ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

شهنشاهيت وڏي شدت سان مسلمان معاشري تي حاوي ٿيا .جيئن زمين کي ملڪيت قبول ڪرڻ واري موقف بابت شاهہ ولي الله دهلوي پنهنجي يادگار ڪم حجتہ البلاغ ۾ مشاهدو ڪري ٿو. "انهيءَ ۾ ڪو شڪ ناهي تہ سڀ ملڪيتون خدا جون آهن پر جيئن خدا بندي کي زمين جي استعمال ۽ پيداوار حاصل ڪرڻ لاءِ اجازت ڏني آهي تنهن ڪري ماڻهو لالچي ٿيا ۽ پنهنجون ملڪيتون وڌائڻ شروع ڪيون. اهو ئي سبب آهي جو (سڀ کان پهريان) اهو اصول لاڳو ڪيو ويو تہ ڪو ماڻهو جيڪو زمين جي ٽڪري جي مالڪي رکي ٿو ان کي مالڪيءَ کان محروم نہ ڪيو ويندو ۽ مليل مالڪي ڪنهن کي نقصان نٿي ڏئي.

زمين هڪ اوطاق يا هڪ مسجد وانگر آهي. جنهن کي سڀني لاءِ کوليو ۽ برابريءَ ۾ ونڊيو. اها ان سان تعلق رکي ٿي جيڪو ان کي پنهنجي ضابطي ۾ سڀ کان پهريان آڻي ٿو (اهو واضح آهي تہ هڪ ماڻهوءَ کي زمين جي مالڪي ڪرڻ جو ايترو حق آهي جيترو اهو والاري ۽ اپائي سگهي) زمين تي ماڻهوءَ جي مالڪيءَ جو مطلب آهي تہ ان کي پنهنجي فائدي لاءِ استعمال ڪرڻ وارو آهي.

امام عبدالعزيز (شاهہ ولي الله جو پٽ) زميداري نظام جي خلاف "فتويٰ عزيزي" جلد پهريون ۾ پنهنجو موقف ڏنو آهي. هن جو خيال هو تہ "هندستان ۾ زمين سڀني مسلمانن جي ملڪيت ۽ بيت المال سان تعلق رکي ٿي. اها نہ ڪنهن هڪ فرد، نہ ئي زميندارن جي آهي. جيڪي ان تي مئنيجرن وانگي آهن.

اسلامي تاريخ ٻڌائي ٿي تہ مسلمان حڪمرانن پنهنجي سلطنت هارين جي همدردين کي حاصل ڪرڻ ۽ جاگيرداري نظام جي قلعن کي ڪيرائڻ سان وڌائي. حضرت محمد صلي الله عليہ وسلم جي وفات جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# جتنين ڏاند نه پيح

هڪ صديءَ کان گهٽ عرصي ۾ اسلام ايشيا، آفريڪا ۽ يورپ جي وڏي حصن تي پکڙجي ويو.

پارسي، ايران ۽ رومي سلطنت پڻ حضرت عمر جي دؤر دؤران ان جي اثر ۾ رهيون. اهو ڇا جي ڪري ٿيو؟ حقيقت جي حد تائين حضرت محمد صلعم جي سبقن، جيتوڻيڪ اهي ذهن ورهين جي مختصر عرصي ۾ سال پکڙيا. نسلي نفرت، سماجي اڻبڻت ۽ گهٽتو ڪري يورپ جي جاگيرداريءَ واري زهر جي پاڙ پٽڻ ۾ اثر ڏيکاريو. ساراسنس جي تاريخ ۾ امير علي مسلمانن جي اسپين جي فتح ۽ حڪومت جي باري ۾ لکي ٿو ته: "مسلمانن جي فتح غلامن کي بهترين فائدو ڏنو. ايستائين جو انهن سان جانورن کان وڌيڪ بدتر سلوڪ ڪيو ويندو هو. انهن هاڻي انسانذات واري حيثيت اختيار ڪئي. غلام ۽ ٻانها جيڪي رياست يا زميندارن وٽ ڪم ڪندا هئا اهي مسلمانن جي هٿان ٿي هڪدم آزاديءَ سان رهڻ جو حق حاصل ڪرڻ ۽ پنهنجي مرضيءَ يا مفاد سان زمين تي ڪم ڪرڻ ۽ رهڻ لاءِ اڳتي آندا ويا. زمين عملي طور تي انهن جي ملڪيت بڻجي هئي.

جڏهن رومي سلطنت حضرت عمر رضہ جي دؤر ۾ مسلمانن جي هٿن ۾ آئي پئي، حضرت علي عہ جي مشوري مطابق وسيع پيماني تي هڪڙي سروي ڪئي وئي جنهن مطابق هارين جي تڪليفن کي گهٽايو ويو ۽ انهن جي زمين جي مالڪيءَ کي محفوظ ڪيو ويو. زمين جو وڪرو سختيءَ سان منع ڪيو ويو. مقاطعي ۽ هاريءَ کي تحفظ ڏيڻ جو چيو ويو. امير علي چوي ٿو ته حضرت عمر رضہ چيو هو ته"سلطنت جي مضبوطي ۽ ان جي مادي ترقي، زرعي طبقن جي خوشحالي تي منحصر آهي. انهن طبقن کي محفوظ ڪرڻ ۽ هن فتح ڪيل ملڪن ۾ ملڪيتن ۽ زرعي زمينن کي وڪري ڪرڻ کان منع ڪيو. عربن پاران هروپرو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## جئين آئنده نه پوي

مداخلت جي خلاف بچاءُ لاءِ هن فرمان جاري ڪيو ته مسلمان ڪي اصلي رهاڪن کان زمين وٺڻ يا حاصل ڪرڻ نه گهرجي. فتح ڪيل ملڪن جي حڪومت ۾ هارين جي سڌاري ۽ واپار جي واڌاري تي شدت سان زور ڏنو وڃي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

باب چوٿون

# دنيا جا زرعي سڌارا

مون پوئين باب ۾ ٻڌايو آهي تہ ڪيئن اسلام وڏي پئماني تي زمين جي مالڪي رکڻ ۽ زمين کي مقاطعي تي ڏيڻ کان روڪي ٿو ۽ ساڳئي وقت ماڻهو ايتري زمين رکي، جيتري هو آباد ڪري سگهي. ٻين لفظن ۾ آبادگار ۽ زمين جو قبضو رکندڙ زمين جو مالڪ هوندو آهي. اهو اصول - جيڪو قرآن ٻڌايو آهي - يورپي سماج ۾ زرعي ۽ زمين جي ترقيءَ جي مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيو پيو وڃي. روس کان سواءِ ٻين يورپي ملڪن ۾ زرعي سڌارن جو هڪ مقصد هارين جي لاءِ ڪيت قائم ڪرڻ آهي، تہ جيئن اهي پنهنجن خاندانن جو سهارو بڻجي سگهن. هارين جو معيار مٿي ڪرڻ جي لاءِ جيڪي اپاءَ ورتا ويا آهن، انهن ۾ وڏين جاگيرن جي ٻي دخلي، ملڪيت وارين شين جي مضبوطي، زمين خريدڻ جي لاءِ آبادگارن لاءِ سهولتون، جائيداد وڪرو ڪرڻ يا ڳهہ / گروي رکڻ تي پابندي ۽ اهڙيءَ طرح جي ٻين اپائن جو مقصد هارين جي زندگيءَ جو معيار مٿي ڪرڻ ۽ سندن عزت ۽ وقار کي قائم رکڻ شامل آهن. چيو ٿو وڃي تہ ننڍين جاگيرن تي ميڪاني پوکي نٿي ٿي سگهي ۽ ان جي لاءِ " هاري پاڻ مالڪ" واري اصول کي ترجيح



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڏينديون وڏا ڪيت - جن جو ڪنٽرول مرڪزي هجي - هئڻ کپن. هارين جا وڏا وڏا ڪيت سڄي دنيا ۾ عام مقبول آهن. هڪ ماهر "ڪارل براندٽ" جا خيال حوالي طور پيش ڪري رهيو آهيان - جيڪو اسٽينڊ فورڊ يونيورسٽي ۾ زراعت جو پروفيسر آهي - پنهنجي "دنيا جي زراعت جي نئين تعمير" ۾ لکي ٿو:"هڪ ڳوناٺو سماج پنهنجي ملڪ جي لاءِ خوشيءَ ۽ سک جو سبب تڏهن ئي بڻجي سگهي ٿو ۽ زندگيءَ جي معيار کي بلند ڪري سگهي ٿو، پر ان لاءِ پوکيءَ ۾ آزادي ضروري آهي - جيئن ذاتي جاگير ۾ هوندي آهي. هاري پنهنجي هنر ۽ ڪوشش سان وقت ۾ وڌ روزي ڪمائي سگهي ٿو. اهو ڇڳو نہ ڇئبو جو هو اهڙا بي زمين ڳوناٺا هجن. جيڪي پنهنجي فورمين ۽ مئنيجر جي ڳالهہ مڃين ۽ ڪنهن شخصي سگهہ جي ور چڙهي وڃن ۽ جتي انهن جي محدود قابليتون آزاديءَ سان استعمال ڪيون وڃن. اجا تائين اهو ثابت نہ ٿيو آهي تہ جيڪڏهن اهڙا موقعا ڏنا وڃن تہ خانداني پوکي راسيءَ کي پيداوار مات ڏيئي سگهي ٿي ۽ وڏن وڏن کيتن جون ٽيڪنيڪل ۽ معاشي صلاحيتون متاثر ٿينديون هجن - پوءِ اهي ذاتي هجن يا ٻين ڪن هٿن ذريعي هلايون وينديون جاگيرون، ڪارپوريشنون يا اجتماعي فارم - دنيا ۾ ڪنهن بہ جاءِ تي اهڙا قابل ۽ منافعي وارا فارم نہ ملندا. جيڪي ڪڏهن پنهنجي مزدورن کي رهائشي سهولتون ڏين يا پنهنجي ڳوناٺن کي اصل آمدني ۽ ٻيون عام سهولتون ڏين. جهڙي طرح يورپ ۽ آمريڪا جا لکين خانداني فارم ڏين ٿا. اهو نظريو ايئن نٿو چوي تہ سڀئي خانداني فارم وڏي اسڪيل وارن فارمن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ پيداوار يا سهولتون ڏيندا آهن. اصل ۾ ڪجهہ آباديءَ جي لحاظ کان گهٽيل ملڪن ۾ کي اهڙيون وڏيون وڏيون ايراضيون آهن. جتي خانداني هاري بدحاليءَ ۾ رهن ٿا ۽ محدود سهولتون رکن ٿا. جنهن جي ڀيٽ ۾ گهٽ ئي وڏين جاگيرن جي پيداوار ججهي ٿئي ٿي ۽ اتي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

1937ع جي "بئنڪ هيڊ فارم ايڪٽ" هيٺ پوکي ڪندڙن جي لاءِ فارم خريدڻ جي لاءِ وڏيون رقمون مخصوص ڪيون ويون آهن. فارم جي ڪل اگهہ برابر هارين کي قرض جاري ڪيا ويا آهن ۽ انهن جي واپسي چاليهن سالن ۾ 3 سيڪڙو وياج تي رکي ويئي آهي. واپسيءَ جا شرط سولا آهن ۽ هاري منافعي جي سال وڌيڪ ۽ منديءَ جي سال گهٽ رقم واپس ڪري سگهي ٿو. مقرر ڪيل قسطن جو نظام جاري ناهي ڪيو ويو. جڏهن تہ ميڪسيڪو ۾ زرعي سڌارا نافذ ڪيا ويا آهن، جن جو مقصد زمين نہ رکندڙ پورهيتن کي مايوسيءَ کان بچائڻ آهي ۽ جاگيردارن هٿان هارين جي غلاميءَ ۽ استحصال کي روڪڻ آهي. 1910ع جي انقلاب کان پهريان ميڪسيڪو ۾ زمين جي ملڪيت جو هڪ اڻچو نظام هو. پر انقلاب کان پوءِ ميڪسيڪو جي حڪومت جلد ئي زرعي سڌارن جو مسئلو هٿ ۾ ڪيو. 1917ع جي سڌاري - پروگرام جا هيٺيان جز هئا:

1- حڪومت ئي زمين بابت ذاتي جاگيري حق مقرر ڪندي.

2- گڏيل زميني ملڪيت جي اجازت هوندي. ۽

3- انفرادي مالڪن جا خانداني فارم ٺاهيا ويندا.

قومي وسيلن جي ترقيءَ کي باقاعدي ڪرڻ لاءِ، زراعت کي ترقي ڏيڻ جي لاءِ ۽ سماج جي لاءِ هاڃيڪار ذاتي جاگيرداريءَ کي روڪڻ جي لاءِ اهڙا قانون ٺاهيا ويا، جيڪي رياستي ۽ وفاقي حڪومت کي اختيار ڏيندا تہ عام استعمال جي لاءِ زمين ڪنهن کان وٺي، جن کان زمين ورتي ويندي، انهن کي متبادل زمين ڏني ويندي. ان متبادل زمين جي قيمت حڪومت خريدارن کان وٺي ڏيندي، جيڪي وياج سميت 20 قسطن ۾ ادا ڪندا ۽ زمين انهن کي الاٽ ڪئي ويندي، جيڪو پاڻ کيڙي. ٻي مهاڀاري جنگ کان وٺي هيل تائين، يورپي ملڪن ۾ زرعي سڌارا ترقي ڪري رهيا آهن. برطانيہ ۾ تہ حڪومت ڪميٽيون ناهي رهي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آهي، جن ۾ مختلف شعبن جا زرعي نمائندا شامل هوندا. اهي ڪميٽيون انهن فارمن جو نظام سنڀالينديون، جيڪي غلط ھلي رهيا آهن. اهو سڀ ڪجهہ ڪنٽرول سنڀالي يا هدايتن هيٺ ڪيو ويندو ۽ جيڪڏهن ضروري سمجهيو ويو تہ مالڪ کان زمين ورتي ويندي. زراعت جو وزير ايترو بااختيار هوندو، جو اهو نرميءَ سان يا سختيءَ سان، ڪنهن بہ طريقي زمين وٺي سگهي. يا زمين جي سنڀال جي لاءِ ڪميٽي ٺاهي سگهي. آئون هتي ايترو اضافو ڪريان تہ اڪثريتي رپورٽ جي لاءِ اهو اصول قابل قبول آهي ۽ چوٿين باب جي سفارشن ۾ شامل آهي، جنهن پاسي پوين بابن ۾ اشارا ڪري چڪو آهيان.

اولهائين يورپي ملڪن ۾ 45 - 1944ع دوران نوان قانون ٺاهيا ويا آهن، جيڪي زرعي آبادگارن ۽ ننڍن هارين ۾ 12 ايڪڙ في ماڻهو زمين ورهائڻ متعلق آهن. نئين زمين ہئي ڪنهن کي ڏيڻ، گروي/ گهہ رکڻ يا ليز تي ڏيڻ کان منع ٿيل آهي.زمين جي مالڪن کي پيداوار جي بيٺي حساب سان 20 قسطن ۾ ادائگي ڪئي ويندي.

پهريون پيرو هڪ وڏو اسلامي ملڪ "هاري مالڪ" جي قرآني اصول ڏانهن مائل ٿيو ۽ اهو شايد يورپي ملڪن جي رهنمائي جي ڪري ٿيو آهي. جون 1945ع ۾ ترڪيءَ هڪ قانون پاس ڪيو، جنهن جو نالو "هارين کي زمين ڏيڻ وارو قانون" آهي. ان جا خاص نقطا هيٺ ڏجن ٿا:

1. هارين ۽ بي زمين ماڻهن کي - جن وٽ پئسو ناهي - زمين ڏيڻ.
2. زمين جي مالڪ هارين کي زرعي اوزار خريدڻ جي لاءِ پئسو ڏيڻ.
3. زمين تي فائديمند ۽ لڳاتار پوک جي حوصلي افزائي.

اميد آهي تہ ايئن 128700 بي زمين خاندان ۽ 872000 گهٽ زمين وارا خاندان فائدو وٺندا. ان مقصد جي لاءِ زمين وڏن جاگيردارن کان حاصل ڪرڻي هئي ۽ انهن زمينن مان بہ جيڪي عام استعمال جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

لاءِ نه هيون. زمين هارين، زرعي پورهيتن، لاڏائو آبادگارن ۽ انهن کي جن وٽ گهٽ زمين هئي، ۾ تقسيم ٿيڻي هئي ۽ انهن غير زرعي آبادگارن ۾ به جيڪي پوکڻ/کيڙڻ جا خواهشمند هئا. جن کان زمين ورتي وئي. انهن کي 4 سيڪڙو وياج تي 20هن برابر قسطن ۾ باندن جي شڪل ۾ ادائگي ٿيڻي هئي. خريدڻ وارن کي رقم 20 ساليانين قسطن ۾ سواءِ وياج جي حڪومت کي ادائگي ڪرڻي هئي ۽ پهرين قسط خريداريءَ جي 6هن سالن کان پوءِ شروع ٿيڻي هئي. ان معاهدي جو هڪ دلچسپ پهلو اهو هو ته باقي قسطن مان هر ٻار جي پرائمري اسڪول جي عمر تائين پهچڻ تي 5 سيڪڙو گهٽائڻ جي اجازت هئي. زمين جي خريدارن کي زرعي بئنڪ جي مالي مدد جي به خاطري ڏياري وئي ته جيئن اهي زرعي اوزارن، مال متاع ۽ ٻين زرعي ڪمن جي لاءِ استعمال ۾ آندي وڃي.

يوگوسلاويا ۾ هڪ اهڙو قانون 1945ع ۾ پاس ڪيو ويو، اهو اصول هيءُ هو ته زمين رکڻ وارو ان جو مالڪ هوندو ۽ ڪنهن کي به 35 هيڪٽر (84 ايڪڙ) کان وڌيڪ زمين رکڻ جي اجازت نه هئي، جنهن وٽ وڌيڪ زمين هئي، انهن کان اها وٺي پورائو ڪيو ويو. غير حاضر جاگيردارن کان 5 هيڪٽر (12 ايڪڙ) کان وڌيڪ سڀي زمين سواءِ معاوضي جي ورتي وئي، اهو قانون انفرادي زمين رکڻ وارن ۽ خانگاهن ۽ ٽرسٽ جي زمينن تي لاڳو ڪيو ويو. رومانيه ۾ 1919ع جي آخر تائين 25 ملين ايڪڙ زمين قبضي ۾ ورتي وئي. ڪنهن ماڻهوءَ جي لاءِ گهڻين مناسب حالتن ۾ به 500 هيڪٽر کان به وڌيڪ زمين رکڻ جي اجازت نه هئي. پولينڊ ۾ وڏين جاگيرن جي بيدخليءَ جو قانون 1911ع ۾ پاس ڪيو ويو ۽ اٽڪل ڏيڍ ملين ايڪڙ ننڍن هارين ۽ بي زمينن ۾ ورهايا ويا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مدد حاصل ڪري سگهجي ٿي ۽ محنت جو استحصال ڪرڻ وارن جي لاءِ اهو اصول واضح طور تي ڳرو آهي. "اسين، اولهہ جا ڪجهہ ملڪ ۽ 'هاري خود مالڪ ' جي اصول هيٺ ٿيڻ واري ذڪر جوڳي ترقيءَ کان واقف آهيون، جتي هاريءَ جي زندگي جي معيار ۽ زرعي معيار ۾ گهڻي بهتري آئي آهي. انهن ملڪن، مثال طور ڊينمارڪ، ۾ ننڍين جاگيرن جي فائدي جو حوالو ڏيڻ نامناسب آهي. ڇاڪاڻ تہ انهن جي وچ ۾ تعليمي معيار، ذهانت، شعور، معيار زندگي ۽ چڱن قدرن جي خواهش جا فرق آهن."

اڪثريتي رپورٽ جي ان نظريي کان پوءِ پئراگراف جي نفي ٿي وڃي ٿي.

"سيني ملڪن ۾ ۽ خاص طور تي انهن ملڪن ۾ جتي تعليمي معيار پوئتي آهي، اهو سڀ رياستي مداخلت سبب آهي ۽ جتي ضرورت هجي، زمين جي نظام تي رياستي ڪنٽرول ۽ ان جي زراعتي وسيلن جي ترقيءَ جي ڪري هڪ ملڪ زراعتي پيداوار جي لحاظ کان عروج تي پهچي سگهي ٿو ۽ زراعتي ڪارڪنن جي زندگيءَ جو معيار صحيح معنيٰ ۾ ترقي ڪري سگهي ٿو."

پوءِ ڏنل حوالي مان صاف ظاهر آهي تہ هڪ پوئتي پيل ملڪ جي زراعتي ڪارڪنن جي زندگيءَ جي معيار کي مٿي ڪرڻ جو اڪيلو طريقو رياستي مداخلت آهي يا تہ زمين کي قومي قبضي هيٺ رکيو وڃي يا زبردستي بہ زمين بي دخل ڪري ان جو انتظام هٿ وس ڪيو وڃي ۽ زمين نااهل ۽ بداحتياط مالڪن کان وٺي هارين ۾ ورهائي وڃي. اڪثر اهو چيو ويندو آهي تہ پوئتي پيل معاشري ۾ رهندڙ ماڻهن کي مالڪاڻا حق ڏيئي تعليمي، ثقافتي، سماجي ترقي حاصل ڪري سگهجي ٿي. تجربو ٻڌائي ٿو تہ پوئتي رهڻ، جهالت ۽ طلب ختم ڪرڻ جو طريقو اهو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ئي آهي تہ ماڻهن کي مالي طور پاڻ پرو ڪيو وڃي ۽ غلاميءَ جي هٿان انهن جي گم ٿيل عزت بحال ڪئي وڃي. استحصالي ۽ ظالم ماڻهن کان آزاد ٿيڻ تي اهي ماڻهو نئين زندگي ۽ غير معمولي توانائي حاصل ڪندا آهن. ترت ئي اهي ان بهتر زندگيءَ ۾ دلچسپي وٺڻ شروع ڪندا آهن ۽ بهتريءَ جا طريقا ڳوليندا آهن. جيڪي معيار زندگي مٿي ڪرڻ ۾ انهن جي مدد ڪري سگهن. جيستائين ماڻهو غلام رهندا آهن، انهن کي ڪو بہ حق حاصل ناهي هوندو. اهي زندگيءَ ۾ ڪنهن بہ قسم جي دلچسپي ناهن وٺندا ۽ اهڙيءَ طرح اهڙا شهري بنجي ويندا آهن. جن مان ڪو بہ فائدو حاصل نہ ٿي سگهي. سامراجي استحصال ڪندڙن جنهن سبب هيٺ صدين تائين ايشيا جي پوئتي پيل ملڪن کي غلاميءَ ۾ رکيو - خاص طور انگريزن هندستان کي - اهو هڪ ئي آهي. (ماڻهن وٽ علم جي کوٽ هئي) يعني پهريان ماڻهن کي تعليم ڏني وڃي ۽ جيڪڏهن اهي ايتري ترقي ڪري وٺن. جو پنهنجا معاملا پاڻ طئہ ڪري سگهن تہ انهن کي آزادي ڏني وڃي. صديون گذري ويون، پر انهن ملڪن جي ماڻهن غير ملڪي اقتدار هيٺ ڪا ذڪر جوڳي ترقي نہ ڪئي تہ پوءِ انهن جي اندر ۾ غلط سوچڻ جي عادت اڀري، هنن پوريءَ طرح محسوس ڪيو تہ ترقيءَ جي لاءِ اڪيلو طريقو اهو ئي آهي تہ پهريان آزادي حاصل ڪئي وڃي تہ جيئن ڦرلٽ مان ڇوٽڪارو ملي سگهي. ان منطق کي بنياد بنائي هندستان ۾ آزاديءَ جي تحريڪ مٿي ٿيڻ شروع ٿي ويئي ۽ ڇوٽيءَ تي وڃي پهتي. ۽ هاڻ اسين ڏسون ٿا تہ آزاديءَ جي ڪجهہ مهينن کان پوءِ هر پاسي ترقيءَ جي لاءِ وڏيڪ سرگرمي شروع ٿي وئي آهي، اهڙي موقعي تي اهو چوڻ - جيڪڏهن هارين کي زمين تي حق نہ بہ ڏنا وڃن، تڏهن بہ ترقي ڪري سگهن ٿا ۽ تعليم يافتہ ٿي سگهن ٿا - ڪيڏو نہ غلط آهي. اهو بہ ايئن ئي وڃي ٿيندو، جيئن چئجي تہ ڪڪر تہ ناهن پر مينهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ضرور وسندو. هڪ هاري زندگيءَ جي سماجي، ثقافتي ۽ ذهني شعبن ۾ ڪيئن ترقي ڪري سگهي ٿو. جڏهن ته ان تي زميندارِي نظام مڙهيو ويو هجي، جيڪو ڪيس جاهل بي عقل ۽ غريب ڏسڻ / رکڻ چاهي ٿو ۽ جيڪو ظاهر آهي ته باقي نه رهندو - جيڪڏهن هاري ترقي يافته ۽ باشعور ٿي ويجي. اها اميد رکڻ اجائي آهي ته استحصالي طبقو پنهنجي شڪارن ۾ روشني ڦهلائي پنهنجي قسمت جو فيصلو ڪندو. دنيا جي تاريخ ان اميد کان انڪار ڪري ٿي، جيڪڏهن استحصالي واقعي به استحصال ڪيل ماڻهن جي - جن تي هو معاشي ۽ سياسي ڪنٽرول رکن ٿا - فلاح ۽ بهبود ۾ دلچسپي وٺڻ وارن هجن ها ته تاريخ جا پنا رت ۾ رڱيل نه هجن ها. جنهن آخري نتيجي تي هڪ عقلي ۽ غيرمتعصب ماڻهو پهچي سگهي ٿو. اهو اِهو آهي ته زميندارِي نظام هڪ وڏي لعنت آهي، جنهن هيٺ ماڻهو سڏڪا ڀرين ٿا، اهو آزاديءَ جو انڪار آهي، صنعَت ۽ معيشت چٽڻ وارو آهي، اهو غربت، غلامي ۽ گناهه کي جنم ڏيڻ وارو آهي ۽ قومي خوشحالي ۽ تهذيب جي واڌاري کي روڪيندڙ آهي.

زميندارِي نظام جي خاتمي جو مطالبو پورو ملڪ ڪري ٿو ۽ ننڍي کنڊ جي ڪيترن ئي صوبن ۾ عام رجحان ان نظام جي مخالف آهي. ترت يا دير ايئن ضرور ٿيڻو آهي، پوءِ پلي زميندارِي نظام جي خاتمي سبب جيڪي به نتيجا سامهون اچن. (خاص طور) سنڌ ۾ ته ان جي خاتمي جون حالتون مناسب آهن، ڇاڪاڻ ته هارين ۽ زميندارن جي وچ ۾ لاڳاپا سٺا ناهن، پوئين سال نوابشاهه ۽ سانگهڙ ۾ ڪجهه جهيڙا اهڙا ٿيا آهن، جن ۾ هارين قانون کي پنهنجي هٿن ۾ ورتو ته جيئن بٽائيءَ وقت پنهنجو حصو حاصل ڪري سگهن. سانگهڙ ضلعي ۾ ته ڪجهه اهڙا واقعا ٿيا آهن، جن ۾ هارين زميندارن کان بٽائيءَ جو جائز حصو طاقت جي زور تي ورتو ۽ زميندارن جا ڪجهه وفد ڪليڪٽر سان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مليا، جنهن ڪراچي حڪومت کي رپورٽ ڪئي. اهڙي قسم جا حلقا قلڪڻا واقعا نوابشاهه ۾ بہ ٿيا، چيو اهو ويو تہ انهن واقعن جا ذميوار ڪميونسٽ آهن ۽ جاچ ٿيڻ تي خبر پئي تہ انهن جو انهن واقعن ۾ هٿ ضرور هو. نوابشاهه ۽ سانگهڙ جي ضلعي مئجسٽريٽن ترت ڪارروائي ڪري صورتحال کي خراب ٿيڻ کان بچائي ورتو. اهي واقعا هاري - زميندار لاڳاپن جي خراب ٿيڻ جي نشاندهي ڪن ٿا ۽ هارين ثبوت ڏنو آهي تہ اهي زميندارن جي غلاميءَ مان خوش ناهن ۽ جيڪڏهن مايوسي وڌي تہ مرڻ مارڻ تي بہ اچي سگهن ٿا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

باب پنجون

# پاڪستان ۾ زرعي سڌارا

**ڪميونسٽ** اڄ ٿي موجود صورتحال مان فائدو ڏسي وٺندا آهن. جيڪا ڳالهه انهن جي حق ۾ ويندي آهي. جتي ماڻهو سکيا ۽ خوش هجن، اتي سندن زور نه هلندو آهي. جتي بي اطميناني، بي سڪوني ۽ بدحالي هارين ۾ ڦهليل هجي، اتي اهي مجيل هٿيار ثابت ٿيندا آهن ۽ ڪميونسٽ اهڙين حالتن مان ڀرپور فائدا وٺڻ چاهيندا آهن. جيڪڏهن اسان کي پنهنجي صوبي کي ڪميونزم کان بچائڻو آهي ته اسان کي هارين کي خوشحال ۽ مطمئن ڪرڻو پوندو. جڏهن آئون نوابشاهه جو ڪليڪٽر هئس ته مون ڪجهه اپاءَ ورتا هئا، جن جي ڪري هارين کي پيداوار جو مناسب حصو ملڻ شروع ٿيو ۽ زميندارن جون ظالماڻيون حرڪتون رڪجڻ لڳيون. ان سلسلي ۾ چڱي ڪاميابي حاصل ٿي ۽ جيتوڻيڪ مون کي زميندارن تي سختي ڪرڻ جو جوکم کڻڻو ٿي پيو ته ڪئي هو ناراض نه ٿي وجن، پر اهڙيءَ پاليسيءَ جو زميندارن کي ئي فائدو پهتو. جاڪاڻ ته هارين سان انهن جا لاڳاپا بحال ٿي ويا. ظلم روڪڻ سان هاري ڪجهه مطمئن ٿي ويا ۽ ڪجهه ضلعن ۾ جهيڙا فساد ختم ٿي ويا، جڏهن ته حيدرآباد ۽ سانگهڙ ۾ ننڍا وڏا جهيڙا سامهون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اچي رهيا آهن. هاري ايسوسيئيشن (شايد. سنڌ هاري ڪميٽيءَ ڏانهن اشارو ٿيل آهي - سنڌيڪار) هاڻ سجاڳ ٿي رهي آهي ۽ ان جون سرگرميون سنڌ جي سيني ضلعن ۾ ڦهلجي رهيون آهن. حيدرآباد ۾ تہ اها خاص طور تي سرگرم آهي. ڇاڪاڻ تہ اتي زميندار پنهنجين جاگيرن تي (ڪم ڪندڙ) هارين سان صحيح نٿا هلن. هارين ۾ هڪ عام سجاڳي پيدا ٿي رهي آهي ۽ هاڻي اهي زمين ۾ پنهنجي مناسب حصي وٺڻ کان سواءِ هٽي نٿا سگهن. آزادي حاصل ڪرڻ جو جذبو انهن ۾ بيدار ٿي ويو آهي ۽ هاڻي اهي پنهنجي اباڻي جاگير ۾ بہ برابر جو حصو گهري رهيا آهن. جن کي هنن صدين کان وٺي ڪيڙيو آهي. سرحدي صوبي جي هڪ هاڻوڪي رپورٽ پٽاندر هارين ۽ جاگيردارن جي وچ ۾ هڪ سرد جنگ شروع ٿي چڪي آهي. اسٽيٽسمين جي 8 مئي واري رپورٽ جو حوالو: ايئن لڳي ٿو تہ هاري جاگيردارن خلاف گهٽيون شڪايتون رکن ٿا. هنن شڪايت ڪئي آهي تہ لاباري وقت پيداوار اڌ اڌ ٿيڻ کان پوءِ انهن جي رسد (Supply) بند ڪئي پئي وڃي ۽ جڏهن انهن جاگيردارن وٽ اَنُ پهچايو تہ انهن وڪري ڪرڻ کان انڪار ڪيو ۽ بليڪ مارڪيٽ جي اگهہ تي ڏيڻ تي زور ڏنائون. هارين جو مطالبو اهو هو تہ جاگيردارن کي ڪمند جي پوري فصل تي قبضي ڪرڻ جو حق حاصل ناهي. ظاهر آهي تہ جاگيردار اها ڳالهہ ڪيئن مڃيندو ان جي ابتڙ. گڏيل طور هنن هارين کي جاگيرن تان تڙي ڪڍيو. نتيجي ۾ جهيڙو ٿيو، جنهن ۾ ڪجهہ ماڻهو بہ ماريا ويا. ڪيئن زخمي ٿيا. هٿياربند پوليس امن بحال ڪيو ۽ ٻنهي پاسن جا ڪيترائي ماڻهو گرفتار ڪري ورتا."

منهنجي هن رپورٽ جي لاءِ اها خبر وقت تي آئي ۽ اها ان نقطئہ نظر جي حمايت ۾ آهي تہ هاري مسئلي جو حل نہ ڳوليو ويو تہ پاڪستان ۾ شديد جهيڙا ۽ فساد ڪرُ کڻي سگهن ٿا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# جنين ڏاند نہ پچ

پنهنجي هڪ بيان ۾ هڪ پراڻي سوشل ورڪر مسٽر جمشيد مهتا، سنڌ ۾ هڪ تجربيڪار انڊين سول سرونٽ مسٽر روجر پيٽرس، پراڻو تجربو رکندڙ ضلعي آفيسر مسٽر نذير احمد جنهن پنهنجي نوڪريءَ جو پورو عرصو سنڌ ۾ گذاريو ۽ علائقائي مسئلن کان واقف آهي ۽ لاڙڪاڻي جي هڪ وڏي زميندار پربداس ٿولاڻي راءِ ڏني آهي تہ زميندارِي نظام ختم ٿيڻ گهرجي. ڪجهہ ماڻهن جو نقطئہ نظر اهو بہ آهي تہ جيڪڏهن نظام تبديل نہ ڪيو ويو تہ انقلاب اچي سگهي ٿو.

آئون خاص طور تي مسٽر نذير احمد جي راءِ جو حوالو ڏيان ٿو:

"منهنجو خيال آهي تہ زميندار نظام ختم ٿيڻ گهرجي، وچ وارو ماڻهو (واپاري) هٽائڻ گهرجي، زميندارِي نظام جي افاديت ختم ٿي چڪي آهي."

هڪ ٻيو دلچسپ نقطو عوامي اصلاح جي ڊائريڪٽر مسٽر دائود پوٽي - جنهن جو تعلق هاري خاندان سان آهي - بيان ڪيو آهي:

"هاري جي جهالت ۽ تعليم ۾ دلچسپي نہ وٺڻ جو سبب سندس هيٺي مالي حالت آهي."

دائودپوٽي ان نقطئہ نظر جي پوري حمايت ڪئي تہ حال جي زميندارِي نظام ۾ هارين جي لاءِ تعليم بهتر بنائڻ ممڪن نہ آهي. ان نقطئہ نظر جي صنعتن جي ڊائريڪٽر ۽ عوامي صحت جي ڊائريڪٽر، ٻنهي، تائيد ڪئي. انهن جي خيال ۾ تہ هاري صنعت ۽ صحت ۾ ان ڪري دلچسپي نٿو وٺي، ڇاڪاڻ تہ اهو زميندارِاڻي نظام هيٺ زندگيءَ واري دلچسپي وڃائي ويٺو آهي. عوام صحت جي ڊائريڪٽرن جي خيال ۾، جيڪڏهن هاري کي پنهنجي زمين هجي ۽ آزاد بہ هجي، تڏهن ئي هو صحت ۽ صفائي ۾ دلچسپي وٺندو. هن تہ اها ڳالهہ بہ چئي ڇڏي تہ هارين ۾ مليريا پکڙجڻ جو وڏو سبب جهالت ۽ غربت آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پنجاب ۽ اوير بنگال ۾ زمينداري نظام ختم ڪرڻ واسطي وڏي تحريڪ هلي رهي آهي ۽ اوير صوبي ۾ تہ هاٽوڪي قانون - جنهن کي "جاگير ونڻ ۽ هارين جو بِـل" چيو وڃي ٿو - وياج وٺن وارن زميندارن جي خاتمي جي راهہ سڌي ڪئي آهي. انهن جي وياج جو حساب لڳايو ويندو ۽ حڪومت هيٺ فقط هارين جو هڪ طبقو هوندو، جنهن کي قبضي ڪرڻ جو حق حاصل هوندو ۽ اهي ڏن ختم ڪري آزاد هاري بنجي ويندا. خاص زمينون - جيڪي ہہ سئو Bighas يا ڪٽنب جي هر هڪ ڀاتي وٽ 10 Bighas کان وڌيڪ هونديون - وٺي غريب هارين ۾ ورهائيون وينديون. زمين غريب آبادگار ڪانسواءِ ٻئي ڪنهن کي ڏيڻ کان منع ڪئي وئي آهي، تہ جيئن اهي پنهنجي جاگير 60 Bighas يا خاندان جي هر ڀاتي جي لاءِ 5 Bighas ڪري سگهن. ٻين کي زمين اوڌر تي ڏيڻ کان منع ٿيل آهي، جاگير کي مضبوط ڪرڻ ۽ مناسب اوڌر ڏيڻ جي اجازت هوندي. اهو قانون ڪيترن ئي فائديمند منصوبن جي لاءِ رستو سڌو ڪندو، جن ۾ سنا ۽ وڏا زرعي پيداواري منصوبا شامل آهن. اوير بنگال مان زمينداريءَ جي خاتمي جي لاءِ اهو هڪ وڏو قدم آهي. بِـهار مان زمينداري ختم ڪئي وئي ۽ زميندارن کي ازالي ادا ڪرڻ جي لاءِ سوچيو پيو وڃي.

ڪانگريس جي ورڪنگ ڪميٽي جو اجلاس پهرين مئي تي ٿيو ۽ دهليءَ ۾ چئن ڏينهن تائين ڪانگريس جي صدر مسٽر راجندر پرشاد صدارت ڪئي. اهو واضح ڪندو هلان تہ ڪميٽيءَ زمينداري نظام ختم ڪرڻ لاءِ، بِـهار حڪومت پاران نهيل جائداد حاصل ڪرڻ واري بل جي حوالي کان بحث ڪيو آهي. ڊاڪٽر راجندر پرشاد بهار اسيمبليءَ جي نمائندن سان ڳالهہ ٻولهہ ڪئي، هن ڳالهہ تي زور ڏنو تہ ان بل جي پاس



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪرڻ جي حمايت ڪئي وڃي. جيڪو هاڻي بهار اسيمبليءَ جي مٿين ايوان ۾ پهتو آهي."(اسٽيٽسمين - 3 مئي)

اوير يورپ ۾ لالا ڀي همسن ساچر - جيڪو ڪانگريس اسيمبليءَ جو اڳواڻو ليڊر آهي - زور ڏنو آهي تہ جاگيرداري ختم ڪري ڇڏڻ کپي. سندس لفظن جو حوالو:

"جيستائين منهنجي راءِ جو تعلق آهي تہ مسلمانن جي ڇڏيل زمين، اولهہ پنجاب جي پناهگيرن ۾ هڪ ڪري ورهائڻ تي زبردست اختلاف راءِ موجود آهي، جيڪڏهن جاگيرداري رهي ٿي تہ ان سان سماجي ترقي گهٽجندي. ڇاڪاڻ تہ ان جون جڙون پنجاب مان ڪڍيون ويون آهن. جاگيرداري نظام ختم ڪرڻ جي لاءِ اپاءَ ٿين گهرجن. جيڪڏهن مسلمانن جي ڇڏيل جائدادون انهن ۾ برابريءَ جي بنياد تي ورهائيون وڃن ٿيون - جيڪي ان کي کيڙڻ چاهين ٿا تہ اسان کي هر هڪ هاريءَ کي ٻہ ايڪڙ يا ٻين لفظن ۾ 10 ايڪڙ في خاندان کي ڏيڻ تي اعتراض ناهي. جيڪڏهن ايئن ڪيو وڃي تہ ويهہ ٻاويهہ لک ماڻهن جو نہ فقط زمين وارو مسئلو حل ٿي ويندو، پر اهو اولهہ پنجاب ۾ خوشحاليءَ تحفظ جو يقيني سبب بڻجندو. (اسٽيٽسمين - 3 مئي، 1948ع)

اوير پنجاب ۾ پناهگيرن جو مسئلو سيني اڳوائن ڪانسواءِ صوبائي ۽ مرڪزي حڪومتن جي لاءِ پريشانيءَ جو سبب بڻيل آهي ۽ ان مسئلي جو ڪو ٻہ حل نہ پيو ملي. اسان وٽ پنجاب جي مختلف ڪئمپن ۾ هڪ ملين کان ٻہ وڌيڪ غير آباد پناهگير موجود آهن، جن کي حڪومت جي خرچ تي ماني ڏني پئي وڃي. اولهہ پنجاب ۾ پناهگيرن جي هڪ وزير، حال ۾ ئي، استعيفا ڏني آهي، ڇاڪاڻ تہ سندس خيال ۾ پناهگيرن جو حل زميندارن کان زمين حاصل ڪرڻ ڪانسواءِ ٻيو ناهي.

سنڌ ۾ تہ مسئلو اڃا ٻہ ڳوڙهو آهي، ڇاڪاڻ تہ هندن جي ڇڏيل جائداد -



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جي بي دخليءَ ۾ هارين کي ڏٺي بنائڻ سان 20 لک هارين جو نہ فقط مسئلو حل ٿي ويندو، پر وڏي حد تائين پناهگيرن جي آبادڪاري بہ ٿي ويندي - جيڪو پاڪستان جو سڀ کان وڏو مسئلو آهي. اسان جو پهريون ڪم آزاد ۽ خودمختيار هارين جو هڪ طبقو ناهڻ آهي، جنهن وٽ پنهنجي زمين هجي، جتي اهو جديد ۽ بهترين پوکيءَ جا طريقا ڪتب آڻي سگهي ۽ جتي اهو خوشحاليءَ جي جذبي هيٺ پنهنجي زندگيءَ جو معيار مٿي ڪري سگهي. ان مقصد کي ذهن ۾ رکي آئون اڪثريتي ڪميٽيءَ جي چوٿين باب جي سفارشن کان سهمت آهيان، جنهن پٽاندر سرڪار جي ملڪيت واري زمين بہ نون بئراجن جي منصوبن جي لاءِ استعمال ڪئي ويندي.

اصل سفارشون - جن تي راضپو رکيو ويو - اهي هي آهن:

(الف) زمين بي زمين هارين ۾ ورهائي وڃي يا ننڍن ڪاتيدارن ۾، تہ جيئن اهي مالي طور پاڻ پرا ٿي سگهن.

(ب) جن بہ هاريو، زمين نہ هئڻ سبب ڇڏي ڏنو آهي، انهن کي زمين ڏئي ٻيهر هاريپي لاءِ راضي ڪرڻ.

"انهن طبقن جي طلب پوري ٿيڻ کان پوءِ بہ منصوبن جي باقي زمين اڪثريتي ڪميٽيءَ جي رپورٽ جي پئراگراف 353 جي ضمني سيڪشنن 2، 3، 4، 5 ۾ ڏنل تجويزن پٽاندر ورهائي وڃي. اها ڳالهہ اچرج جوڳي آهي تہ جن سفارشن تي اتفاق ٿيو هو، اهي حتمي رپورٽ ۾ شامل نہ ٿيون هيون. عام اتفاق جي پيٺ ڪري "هاري پاڻ مالڪ" جي منصوبي کي مٿانهين درجي تي رکيو ويو هو، پر اصلي سفارشن جي حساب سان اها تجويز ڏني وئي تہ حڪومت کي پهريان انهن زمينن جي نشاندهي ڪري مخصوص ڪرڻ گهرجي، جتي گڏيل فارمنگ يا سرڪاري انتظام جي ضرورت هجي. اها ڳالهہ ڪميٽيءَ جي اڪثريتي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ميمبرن جي فيصلي جو انڪار آهي. اسين سڀ سهمت هئاسون تہ اسان جو پهريون مقصد "هاري پاڻ مالڪ" نظام جي وجود ۾ آڻڻ آهي. جڏهن ايئن ٿي ويندو تہ زمين سرڪاري انتظام يا گڏيل فارمنگ ۽ ٻين مقصدن لاءِ استعمال ڪري سگهبي."

مون کي اهو چوڻ ڏيو تہ انهن صفحن ۾ بيان ڪيل هاري مسئلي جي پوري حل واسطي بنيادي ضرورتون ڪهڙيون آهن:

1. زمينداري نظام جي جاءِ هاري خود مالڪ واري نظام کي وٺڻ گهرجي. اسان جي هاٺوڪي نظام جون خرابيون ختم ڪرڻ جي لاءِ هڪ انقلابي اصلاح جي ضرورت آهي.

2. معاهدي پٽاندر هر هڪ اصلي آبادگار کي پنهنجي ذاتي ڪم جي لاءِ زمين جو هڪ حصو ملندو، جنهن جي زرعي خاصيت سٺي هجي. ان مقصد جي لاءِ زمين حاصل ڪرڻ جا طريقا آهن:

(اي) وڏيون جاگيرون حاصل ڪجن.

(بي) جيڪي زميندار نٽا ڪيڙين انهن کان زمين ونجي.

(سي) جيڪي زمينون ڪيڙيءَ جي اصولن هيٺ نٽيون ڪيڙيون وڃن، انهن ۾ اهي زمينون بہ شامل آهن. جتي هر ڪانسواءِ ٻج نٽو ڇٽيو وڃي يا ڪنهن سبب ڪيڙيءَ ڪانسواءِ ڇڏيون وڃن ٿيون.

(ڊي) استعمال نہ ٿيل زمينون بي زمين هارين ۽ آبادگارن ۾ ورهائيون وڃن تہ جيئن مالي لحاظ کان اهي مطمئن ٿي سگهن. ان مان مراد اها آهي تہ حڪومت پاران جاگيردارن کي وڏي پئماني تي يا ليز تي زمينون شامل آهن.

3. ليز تي زمين ڏيڻ تي پابندي هئڻ گهرجي، ڇاڪاڻ تہ اسلام ان جي منع ڪئي آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

## جنين ڏاند نه پيج

4. قبضو ۽ اصل ملڪيت گڏگڏ هجن. هڪ مائهوءَ ڪي ان وقت تائين زمين جي ملڪيت جو حق حاصل هئڻ گهرجي، جيستائين اهو زمين کيڙي ٿو. يعني اصلي ملڪيت جو نه پر، ڪيس زمين رکڻ جو دائمي حق حاصل هئڻ گهرجي.
5. جيئن ته حڪومت ئي زمين جي اصل مالڪ هوندي، تنهن ڪري ان کي اهڙا ذريعا مهيا ڪرڻ گهرجن جن سان هر پورهيت پنهنجي ڪم (پوکي راسيءَ) جي لاءِ مناسب زمين حاصل ڪري سگهي. جيستائين اهو ڪم پورو نه ٿيندو، تيستائين زمين جي بهتر نظام جي افاديت ختم ٿي ويندي.
6. زميندارن جي بي دخليءَ جو ازالو حڪومت ماهرن جي رپورٽ هيٺ ڪري سگهي ٿي.
7. جاگير جي هڪ حد مقرر هئڻ کپي ۽ ڪنهن کي به حد کان وڌيڪ زمين رکڻ جي اجازت نه هجي.
8. اهي سفارشون لاڳو ڪرڻ لاءِ جيترو جلد ٿي سگهي، حڪومت ماهرن جي هڪ خصوصي ڪميٽي بنائي.

**محمد مسعود 19 مئي 1948ع**



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

**ڪجهه ليکڪ بابت**



مسعود کدرپوش 1916ع ڌاري لاهور ۾ حڪيم غلام جيلاني جي گهر ۾ پيدا ٿيو. گورنمينٽ ڪاليج لاهور مان گريجوئيٽ ٿيو. تنهن ڪان پوءِ، پنجاب يونيورسٽيءَ سان لاڳاپيل لا ڪاليج مان پهريون نمبر حاصل ڪري، پوري هندستان جا پويان سڀ ريڪارڊ ٽوڙي ڇڏيائين. 1941ع ۾ انڊس سول سروسز جوائن ڪيائين. جتان هو سينٽ جان ڪاليج آڪسفورڊ ڏانهن، وڌيڪ تعليم ۽ سکيا لاءِ موڪليو ويو. اتان موٽندي احمد نگر (پارٽ) ۾، بمبئي يونيورسٽي ۾، گورنمينٽ آفيسر بنايو ويو. جتان ڪيس، ڏتڙيل ۽ پوئتي پيل ڀيل قبيلن ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ موڪليو ويو. اتي، پنهنجن ٻن سالن جي قيام دوران ڀيلن ڪي هندو واڻين جي چنبي مان آزاد ڪرائي، انهن جي زبان ۽ ڪلچر ۾ ستارا آنڊائين. سندس اهڙين خدمتن عيوض ڀيل راڄ ڪيس "مسعود ڀڳوان" چوڻ شروع ڪيو هو. 1946ع ۾ مسعود کدرپوش کي نواب شاهه (سنڌ ۾) ڊپٽي ڪمشنر مقرر ڪيو ويو. 1947ع ۾ باني پاڪستان قائد اعظم سنڌ جي هارين جي حالتن کان باخبر ٿيڻ لاءِ هڪ ڪميٽي "هاري انڪوائري ڪميٽي" ناهي، جنهن ۾ مسعود کدرپوش کي ٻه نامزد ڪيو ويو.

1948ع ۾ ان ڪميٽيءَ پاران رپورٽ پيش ڪئي وئي، جنهن تي مسعود کدرپوش 1949ع ۾ پنهنجو اختلافي نوٽ لکيو. جنهن ڏانهن ڪو ٻه ڌيان نه ڏنو ويو. تنهن کان پوءِ هن "زمين، ٻي زمينن لاءِ" تحريڪ هلائي، جنهن سبب هُو سنڌ ۾ "مسعود هاري" سڏجڻ لڳو.

1957ع ۾ هن لارينس گارڊن ۾، اردو زبان ۾ نماز پڙهائي، سندس چوڻ هو ته خدا تائين پهچڻ جو وسيلو مادري زبان ئي ٿي سگهي ٿي. ان تان، ان وقت جا سيئي مذهبي اڳواڻ ۽ عالم احتجاج طور اٿي ڪڙا ٿيا. پر سرڪار هن ڪي پنهنجي ڪتب سميت ملڪ کان ٻاهر اماڻي ڇڏيو. 1960ع جي مارشل لائي دؤر ۾ مسعود کدرپوش جان جوکي ۾ وجهي، "سنڌو طاس معاهدي" تحت، درياهه وڪڻڻ خلاف اختلافي / تنقيدي نوٽ لکيو. 1962ع ۾ "حق الله" نالي رسالو جاري ڪيائين. 1965ع ۾ هن چين دؤرو ڪري اتان ڀاراڙين جي اشتراڪي نظام ۽ شهرن جي صنعتي ترقيءَ جو اڀياس ڪيو.

پنهنجي سول سروسز جي پوري ڪيريئر ۾ هن ڪي سدائين پنجاب جي ڀاراڙين ۾ پهري ويندڙ ڪپڙي "کدر" ۾ ڏٺو ويو، تنهن ڪري هن ڪي "کدرپوش" چيو ويندو هو.

زندگيءَ جي آخري ڏهاڙن ۾ 1984ع ڌاري هن مسعود کدرپوش ٽرسٽ (MKT) قائم ڪيو پر بدقسمتيءَ سان هو 1985ع ۾ وفات ڪري ويو. ايم ڪي ٽي ڪي هاڻي سندس ٻه نياڻيون هلائي رهيون آهن.

**ترجمي نگار بابت**



پروفيسر اعجاز قريشي 28 سال استاد جي حيثيت ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ سان لاڳاپيل رهيو. اڄ ڪلهه پاڻ اين آر ايس پي حيدرآباد جو ريجنل جنرل مئنيجر آهي. هو هڪ ئي وقت سنڌ ۾ ڪيترن ئي ادارن ۾ متحرڪ آهي. پروفيسر اعجاز احمد قريشي هڪ ئي وقت اقتصاديات جو ماهر، تعليمدان، اديب، شاعر، ترجمي نگار ۽ جڳ مشهور سماج ستارڪ آهي. پاڻ تقرير ۽ تحرير جي ذريعي پنهنجو مثبت ڪردار ادا ڪيو اٿائين. سنڌ جي ڀاراڙين ۽ انهن سان لاڳاپيل ڀين مسئلن بابت هن ڪيترائي بيش بها مضمون لکيا آهن ۽ خاص طور تي سنڌ جي هاري جي تڪليفن ۽ ڏکن سان گڏ، سنڌ ۾ هلايل هاري تحريڪ، لکڻ ۽ پڙهڻ جي لحاظ کان سندس ترجيحي موضوع طور رهي آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

# سنڌ سلامت

**www.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آسانيءَ سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀرپور ساٿ نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](http://books.sindhsalamat.com)

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book